زِندگيءَ جِي هِڪ جَهلَڪ

(سَفَر نامو)

سُشِيلا جيتانند لعلواڻِي

71

NAGPAL K. S.
4, 'PALMYRA', 21st Road,
BANDRA, BOMBAY-400 050

2-2(49)

زندگيءَ جي هِڪ جهلڪ

(سفر نامو)

ليکڪا:

سُشيلا چيتانند لعلواڻي

ايڊيٽر:- راجفلمستان

د فعو ٻهراون)   قيمت ١٥-٠٠ روپيا   (١٩٨٦

ڇپايل

ڀارت جيون ساهتيه منڊل

١١-٣١ نو جيون هائوسنگ سوسائٽي،
لئمنگٽن روڊ، بمبئي - ٤٠٠٠٠٨.
فون: ٣٧٥٩٩٣ - ٨٩٨٩٧٩

ٻه اکر

منهنجو جنم سنڌ جي لاڙڪاڻي شهر ۾ ٿيو. لاڙڪاڻو ساهه سيباڻو. معشوقن جو مڪان، شاعرن جو آکيرو. شهر ننڍڙو ذلفقار ڀٽي وارو، اڄ جي وقت جو لنبن يا پئرس سان برهمپچڪ جهڙو ڪونه هو، پر مون لاءِ هڪڙي دنيا هئي. اهو شهر جنهن ۾ مون کي بيوس، نياز، قادري سرور، خادم افطون، جوش، دکايل، هوي دلگير، وفا ۽ ٻين شاعرن جي صحبت ملي. مشاعرن جا مزا هٿي ماڻيا سين، ۽ پير علي محمد راشدي هن جي ڀاءُ حسن مدين راجدين، قاضي فضل الله ذوعلي ۽ ٻين نقادن جون نوڪ جهوڪ، ڪلندي، ڪلندي سينين ۾ سڌارو ڪيو سين. شاهه نواز ڀٽي، خان بهادر کهڙي، نبي بخش خان ڀٽي، قيهون ۽ انڙن، پرتاپراءِ ۽ پريداس جي سياسي راندين جا رنگ اکين ڏٺا سين. لاڙڪاڻي ۾ ڀاورن، دوستارن، مٽن مائٽن سان سال گذاريندي، پنهنجي لاڙڪاڻي کي اپمت آستان سمجهي، ٻاط کي هر طرح خوش سمجهندا هئا سين ته لاڙڪاڻي جو مٽ ڪو ملڪ نه هوندو.

مئٽرڪ پاس ڪري جڏهين ڪراچي آياسين، تڏهين ڪلفٽن، ڪوئاري برج، کياماڙي، فيئر هال وغيره ڏسي، وڪٽوريا گاڏيون، ٽرامون ۽ بسيون ڏسي

Zindagi Ji Hik Jhalak
(SAFER-NAMO)

By:

Mrs. Sushila Jethanand Lalwani
Editor: **Rajfilmstan**

Ist. Edition) **Price 15-00)** **(1986**

Published
By:
BHARAT JIVAN
SAHITYA MANDAL
11/31, Navjivan Coop-Housing Society,
Lamington Road, Bombay - 400008.
Phone: 375993 – 898979

رهيا، ۽ هاڻ پوڙهاپي تي پهتا.

مان هڪ ٽولي جنهن ۾ چيتامل ڀڳت، ايشو جاگيردار، ايسر ساپرو، وشني لال ۽ آسن ميراڻي جي ناهي نڪري پيس سڄي هندوستان ۾، سڪ جو سنهيو ڏيڻ، جتي وڃان اُتي هزارن جي تعداد ۾ اچي، موسيقيءَ جا مشتاق مڙن ۽ روپين جا منڪا ٻرسن، شريڪ ٿيندڙ زالن مرڪيو، سائين ڪنوررام ٺهين سو جيئرو تي ٿيو، ۽ اُڏيرو لعل سنڌين جي ٻورائي وقت ۾ اشٽ ديو بڻجي ويو. ٻيجي نه ٿيو هاڻ جهوليلال جي ڪيرتي دور دور ديشن ۾ ڦهلي ڳاڃي. منهنجي نديائڻ جي پار ڪوڏڻ راماڻي ڪي شرنق ٿيو، هو موڪي ٻنگڪاڪ، هانگ ڪانگ، سينگاپور ۽ جپان ۾ وٺي هليو، اُتي سنڌين سان گڏجي اُنهن جي سنڌي ٻولي ۽ سنسڪرتي جو پيار ڏسي ڏاڍو گد گد ٿيس. دنيا جي ٻين ملڪن ۾ ڪيترا ساٿي وٺي ويا آهن. اُتي سنڌيت جي سگهنڌ ملي آئم.

مان جيڪي ڏسي آيس سو ڀيڻ سشيلا ۽ سنڌس گهوٽ جيتانند لعلواڻي "پارس جيون" ۽ "راجفلمستان" جا ايڊيٽر ۽ ساهتيه ٻوڌي ڀ ڏسي آيا آهن، اهو سياويڪ آهي نه اسين ساهتڪار جيڪي ٻين ملڪن ۾، ڏسي اچون ٿا. ٿن جي رهڻ رسمن، ماڻهن جي رهڻي ڪرڻي، عادتن، گڻن ۽ اوگڻن، اُنهن جي ڏڻن

حيران ٿي ويس. ڪراچي ٿن ڏسڻ ۾ ولايت ڪري سمجهندا هئاسين. ان ڪراچيءَ ۾ جڏهين ڪاليج پڙهي پروفيسر ٿي ويس تڏهين ته جنسي لقاءُ لڳي ويو. وڏي شهر ۾ وڏي واقفيت ٿي ويئي، ۽ نه فقط سنڌين سان لهه وچڙ ۾ آياسين، پر ٻين ذاتين سان به سڃاڻپ وڌائيسين. جتي پرنسيپال ٻٽاڻي، ڪاڪي ڀيرومل مهرچند لالچند امرڏنومل، جيٺمل پرسرام، آسانند مامتورا، منگهارام ملڪاڻي، ڊاڪٽر گربخشاڻي، هارون فڪومند فيلسوفن سان ملاقاتون ۽ ڪچهريون ٿيون، تن مون کي وشال ٻڌائي ڇڏيو.

ملڪ جي ورهاڱي ڪانپوءِ ممبئي ۾ آياسين. اُسين شرناٿي بڻجي آياسين، تڏهين مهمانوازي ۾ ڪمت واري ڀائي رامداس، نانڪ موٽواڻي، پرمانند هندوجا، هيرانندداڻي ۽ ٻين شيوا سمتي جي ڪارڪن، ڪرتاڪن واهه جي اسان دل وراڻي ۽ شيوا ڪئي. ڪراچي ممبئي جي ڀيٽ ۾ ڪجهه به ڪونه هئي. ماڻ جي ٻواري ڪانپوءِ سڀاويڪ اُسين مايوس هئاسين، پر پوءِ پنهنجي پرشارٿ سان هٿي وڃي هند ڪيوسين، ۽ ڏيري پاڻ ڪسي ٺاهيڪو ڪيوسين، ورهاڱي جي ڪري جهڙي جتي آيو، اُتي وڃي اُن پنهنجو ديش ٺاهيو. ڪاهي ٻيا دنيا جي هر ديش ۾، ۽ پنهنجي محنت ۽ ڪشالي سان پاڻ کي سوخرو ڪيائون. شرنارٿي ٿي آيا، پرشارٿي ٿي

پر ته هن جوڙي سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ساهتيہ کي
کي زنده رکڻ لاءِ زبردست ڪوشش ڪئي آهي. سشيلا
هڪ نئي سنڌي جاسوسي ناول لکندڙ ليکڪا آهي.
جنهن ٻلو ڀروسينو سيريز جا ناول لکيا آهن. جي سنڌين
۾ ڏاڍا مقبول ٿيا آهن. ولايت ۾ جڏهين ساهتيہ
پريمين کين اَدب ۽ ساهتيہ جي خدمت ڪرڻ ڪري
واڌايون ڏنيون، جن کين ڏڍرو ڏنو ته ڪونه هو،
سنڌس ساهتيہ اڙهيوسي هو کين سڃاڻڻ لڳا ۽ پيار سان
سنڌن سواگت ڪيائون. جڏهين هن ولايت ۾ ڪيترن
گهرن ۽ مندرن ۾، شري گرو گرنٿ صاحب پوڄايو
سنڌيءَ ۾ ڏٺائون، تڏهين سنڌن دل ڦرالجي وئي،
۽ هو محسوس ڪرڻ لڳا ته سنڌن مشالو ڪامياب
ٿيو آهي، ۽ محنت سڦائي ٿي آهي. هر سال شري
گرو گرنٿ صاحب جو پرڪاش ٿيندو آهي. هن
سال وڏي شرڌا ۽ پريم سان سلور جبليءَ جو موقعو
ملهايو ويو. اسان سنڌين لاءِ شري گرو گرنٿ صاحب
پياري ۾ پيارو ڌرمي پستڪ آهي.

سنڌي ساهت جي جا هن ٻن ڀائرن (جوڙي) سيوا
ڪئي آهي سا سنڌي ساهتيہ جي اِتهاس ۾ سونن
اَکرن ۾ لکبي. سشيلا ٻئڻ هيءُ سفرنامو لکي مونکي
وري سنسار جو سير ڪرايو آهي، تنهن لاءِ آڀار ٿو
مڃان. ۽ ايشور در پرارٿنا ٿو ڪريان ته سدا سهاڳڻ

ملهائن جو طوطو، ۽ ڌرم ۽ مذهب بابت ٻين ڪي
ڪجهه احوال ڏنو اٿن. پيٽ سشيلا ۽ چيتانند لعلواڻي به
جڏهين ولايت ويا، تڏهين جيڪي آئي ڏٺائون سو
اچي ليکن، جي دنارن بين ڪي ڏنائون. ليکن مان
ڪتاب ڇپجي پيو. ڪتاب سشيلا راڻيءَ جو لکيل آهي.
پر مون کي پڪ آهي ته ٻه جسم ۽ هڪ جان ٿي رهيا
هوندا، ۽ احوال اوريو هوندائون، ته ئي رکڻ سولي ڳالهه
ڪانهي، پر سشيلا آهڙي نموني ۾ پنهنجي سفرنامي ۾ جون
تاريخون ۽ ٿيون درج ڪيون آهن، جو سندس سفرنامو
هڪ ڪهاڻي پيئي لڳي. سچي ڪهاڻي جا ٿڙهي
مون انهن سمجهيو ته جيڪي ڪتاب ۾ لکيل آهي
سو مون مان صلاح ڪري لکيو ويو آهي. انهن پيو لڳي،
ته جن جن ملڪ ۾ هي پيارا ويا آهن، تن سڀني ۾
۾ مان ساڻن گڏ ويو آهيان. تمام سولي ٻوليءَ ۾ چٽي
طرح واقعا بيان ڪيا اٿس ۽ احوال ڏنو اٿس. پيلا چو
ڪين! پنجاهه ورهين جو آزمودو ساٿين، جي ڪٿر ۾
ڪين ڪر ته ايندو ته ڪنهن ڪي ايندو. پنهنجي
سفرنامي ۾ جڏهين سنڌ ۽ سنڌين جو ذڪر ڪيو
اٿس، تڏهين انهن پيو لڳي جو جڻ ته سرڙ ۾ ئي رهن
جي هڪ هڪ ڦري ۾ ڪين پنهنجي ٻوليءَ ۽ ادب
جو پيار سمايل آهي. پيٽ سشيلا هڪ سنڌي ليکڪا ۽
راجستان جي سپوت ڪا آهي. وڏاڳي ڪان اڳ ۽

ڳالهه ٻولهه

دنيا اتاهه وشال آهي، جنهن ۾ هر قوم جا باشندا ٿا رهن. جيئن باغ ۾ هر قسم جا گل هوندا آهن، ۽ پنهنجي سونهن ۽ خوشبوءِ سان، باغ جي سونهن کي چار چنڊ لڳائيندا آهن، تيئن هر هڪ ملڪ ۾ الڳ الڳ قسمن جا انسان ٿا رهن. جن جي رهڻي ڪرڻي، تهذيب، سنسڪرتي، کاڌو پيتو، پوشاڪون، ريتيون رسمون ۽ هر هڪ کان علحديون آهن.

سنڌ اسانجي جنم ڀومي، ماتر ڀومي، جهڙو هريو ڀريو، سهڻو، سڀاڳو ملڪ ڪو ورلي دنيا جي صفحي هستيءَ تي هوندو ۽ اسان سنڌين جهڙا سهڻا، شاندار، مهمان نواز ۽ فراخدل شخص ڳولهيا ڪونه لڀندا.

سنڌ مان ڪيترا سنڌورڪي، ولائت ۾ ڪمائڻ خاطر ويندا هئا. پنهنجون فيمليون سنڌ ۾ ڇڏي ويندا هئا. ڪمائي ولائت جون سهڻيون سوغاتون جهڙوڪ جاپاني گڏيون، چائنا جو سهڻو ريشمي ڪپڙو، هار سينگار جون شيون کڻي ايندا هئا، جي ڏسي دل بهار ٿي ويندي هئي ۽ مان دل ۾ اهوئي سوچيندي هيس ته ڪاش! مونکي پر هجن ته آءٌ سهڻا ديش گهمي اچان. پر جڏهن اسان سنڌين کي پنهنجي وطن مان هڪاليو ويو، بي گهر ڪيو ويو ته اسان سڀني سنڌين جي

هجين ۽ اڃان ٻه پنهنجي صحت ۾ سوڀ پائين، تئين سنڌين لئي، پنهنجو ڪارڻ ڪندي رهين. سنڌي ساهتيه کي مالا مال ڪندي رهين. منهنجو ناتو جيڪو توهان سان پنجاهه سالن کان رهيو آهي، تنهن ۾ ڪوبه تفاوت ٻه ڪونه آيو آهي. سو ڀل قائم رهي ۽ تنهنجي ٻڌل رڪڙي ڪڏهين ٻه نه ٽٽي.

پروفيسر رام پنجواڻي

Printed by Mr. Jethanand B. Lalvani Bharat Jivan Printing Press, 11/1 Shop Navjivan Coop-Housin Society, Lamjngton Road, Bombay-8. & Published by him for Bharat Jivan Sahitya Mandal, 11/31 Navjivan Coop.Housing Socitey, Lamington Road, Bombay-8. Phone 375993 & 898979

Copy rights Reseved with Publisher.

راڄا ڪونه ٿين، سڀ ٻلڊنگ پاڻ ٺاهيندا آهن. ايتري قدر جو ٻاٿ روم جو ڪموڊ به پاڻ فڪس ڪندا آهن. مطلب ته هنن کي تعليم سان گڏوگڏ اهي هٿ جا هنر به سيکاريا ويندا آهن، اُن ڪري هو ڪڏهين به بک کونه مرندا آهن. شهرن جو مون ذڪر ڪتاب ۾ ڪيو آهي ته رستن تي ساوڪ ئي ساوڪ، تازي هوا. انسان جي تندرستيءَ لاءِ اها وڏي نعمت آهي. ڪتاب پڙهي توهين به ولايت جو سير ڪري اچو.

مان شڪرگذار آهيان پنهنجي پياري ڀاءُ پروفيسر رام پنجواڻيءَ جي، جنهن ٻه اکر لکي، منهنجي همت افزائي ڪئي آهي.

۽ مان شڪرگذار آهيان چترڪار رام لعلچنداڻيءَ جي، جنهن ڪور لاءِ ڊزائين ڪري ڏني آهي.

۽ پياريءَ جو پنهنجي گهوٽ جيٺانند لعلواڻيءَ جي جنهنجي ساٿ ۽ سهيوگ ڪانسواءِ هيءُ ڪتاب ڇپجڻ ڏکيو هو.

شيلا - جي - لعلواڻي

اَکين ۾ ڳوڙها هئا، پنهنجي وطن کي ڇڏڻ، پنهنجا
اَجها ڇڏڻ، ڪٿي وڃبو ۽ ڇا ڪبو؟ اسان جا پيرا
ڪيئن وڌا ٿيندا؟ اهي سوال ڪٿي اسان سنڌين سنڌ
ڇڏي ۽ هند جي ڌرتيءَ تي پير رکيا سين.

ٻمبئي جو نظارو پسي دل کي تسڪين ٿي ته ڌارئي
ملڪ ۾ ڪونه آيا آهيون، جڻ ڪوهه جو ڏيکارءِ، سمنڊ
۾ اچي پيو آهي. ٻمبئي ڀلي ڪهڙي نه سهڻي هجي
پر پنهنجي وطن سنڌ کي وسارڻ ڏکيو هو. حيدرآباد
جو گدو بندر، ڦليلي تي ڏاهيءَ جو ٻيڙو ڇنڊڻي،
هيراباد، ڪراچيءَ جو مٺو ڏر، کارو ڏر، منهوڙو،
ڪياماڙي، ڪلفٽن، گاڏي کاتو، صدر وسري نه وسريا.
ٻمبئي ۾ انيڪ قومون گلدستي ۾ سجايل هيون. ان
۾ اسين سنڌي پڻ گلن کان مٿي اُڀري پيا سين ۽
گلدستي کي پنهنجي اورچائي محنت ۽ سچائيءَ سان
وڌيڪ معطر ڪيوسين.

وري جو منهنجا ڀائليا، پاڙيجا منهنجا ٻه سچن جن
ولائت وڃي وسائي ته، منهنجي دل ۾ سرڪي، ته
مان به ولائت گهمي اچان ۽ ڏسان اهي ڪهڙا سهڻا
ديش آهن. لنڊن، آمريڪا ۽ مليشيا جو سير ڪري آيس
چاهيم ته اهو توهان ٻارڪن سان ونڊيان. اُتي جا
ماڻهو ڏاڍا خوش مزاج ۽ چست آهن، ڪم جا جوڙا،
پنهنجي ديش لاءِ جان قربان ڪرڻ وارا آهن. اُتي وايا

ڊزني ورلڊ ۾ وڏو شاهي ايلومنيم جو گولو- ٻاهر شو، امي
سشيلا، جيئانند ۽ پرديپ لعلواڻي بيٺا آهن.

سنڌي گهرڌياڻي شريمتي شيلا اعلواڻيءَ
جاسوسي ناول ليکڪا جي سڃاڻپ

ليکڪا: پروميلا ڪلهاڻ (هندستان ٽائيمس دهلي.)

شريمتي شيلا - جي - اعلواڻي ڇهن ٻارن جي ماءُ آهي. هن ڪيترائي جاسوسي ناول لکيا آهن، جي سنڌي هندستان ۽ ولايت ۾ شوق سان پڙهن ٿا. سندس ناول بلوسيريز "پروفيسر موهن جو خون" "نرملا لوس جو خون" "جعلي نوٽ" وغيره جپان کان آفرڪا، آمريڪا کان يورپ تائين پڙهي رهيا آهن. سنڌيءَ ۾ جاسوسي ناولن جي گهڻي ڇڪ آهي. پر ان جا ليکڪ ٿورا آهن. انڪري هن جاسوسي ناول لکڻ شروع ڪيا آهن. هوءَ ڏوهن ۽ جاسوسيءَ جا پلاٽ، ڪورٽ ۾ جيڪي ڪيس هلندا آهن پڙهي هٿ ڪندي آهي، ۽ انهن کي حقيقت جي روپ ۾ ظاهر ڪندي آهي.

انهن ناول لکڻ ڪانسواءِ سنڌي ٻوليءَ جا آگاٿا ڪرسٽيل (انگريزي ٻوليءَ جي مشهور جاسوسي ناول لکندڙ) سنڌي ٻوليءَ ۾ ماهوار ڪلچرل ۽ فلم ماهوار سنڌي مئگزين "راجهلمستان" جي ايڊيٽر آهي.

بمبئي اخبار ايڊٽ ڪرڻ ڪانسواءِ شريمتي شيلا بمبئي مڙس جي هفتيوار اخبار "پارس جيون" جا ٥٠ سالن کان سندس مڙس چندانند اعلواڻي ڪيلڊو ايڊيٽر آهي، ان جي ريگيولر ڪالم استري سنسار، ڪلچرل پروگرامن ۽ فلمن تي ڪالم لکندي آهي.

(پروميلا ڪلهاڻ جي ليک مان ٿورا)

زندگيءَ جي هڪ جهلڪ

لنڊن ۾

انسان ڪيترائي ڪتاب پڙهي ۽ هو ايترو نه تو پرائي سگهي جيڪو ماڻهو مسافري ڪري شخصي آزمودو وٺي.
ننڍڙي هوندي ڪتابن اخبارن ۾ پڙهيم ۽ فلمن ۾ ڏٺم ته لنڊن، پئرس، آمريڪا ۽ ڪئناڊا دنيا ۾ ٿيندا آهن انهن ۾ هي شهر ڏسڻ جا ٿيندا آهن پر انهيءَ پڙهڻ ۽ روبرو ڏسڻ ۾ زمين آسمان جو تفاوت آهي.
اسانجو وڏو ڪڪو هريش هانگ ڪانگ ۽ جپان ۾ هو ته گهڻو ئي اتي اچڻ لاءِ لکيائين پر اتي ان جل نه هو، وري هو آمريڪا ۾ ويو پڻ لکيائين ته ممي ۽ پپا هتي اچو ۽ گهمي وڃو ۽ ڏسو ته هي دنيا توهان جي دنيا کان نرالي آهي ۽ ان ۾ ڪيترو تفاوت آهي. ان وچ ۾ وري بيو ڪڪو پرديپ لاگوس ۾ ويو. ان به پڻ لکيو ۽ منهنجي پتيديو جيتانند لعلوائڻي پريس ۽ اخبار ۾ قائل هئڻ ڪري ٻاهر هندوستان کان وڃڻ جو خيال ئي نه پئي ڪيائين. قدرت جا کيل عجيب آهن پرديپ کي لاگوس ۾ ويئي ٻه سال ٿي ويا ۽ اوچتو ٽرنڪ ڪال آيس ته مان فلاڻي تاريخ لنڊن ۾ ايندس. ٻه مهنا موڪل آهي. منهنجي مرضي آهي ته توهين پڻ پاسپورٽ ڪيائي لنڊن ۾ پهچو ته اتان کي شهر گهمي هريش وٽ هلون. هيڏانهن پاءُ دادا رام جي-

سينٽ ٿامس ۾ جهاز تي: ساڄي کان - جيٺانند لعلواڻي، شيلا لعلواڻي ۽ پرديپ لعلواڻي.

فلوريڊا ۾: ڪس مين شهر جي بيچ تي ساڄي کان - پرديپ ۽ هريش لعلواڻي.

پنهنجي سيٽن تي وڃي ويناسين. آهستي آهستي سڀ مسافر پهچي ويا. گهڻو ڪري سڀ انگريز هوا. تمام ٿورا ماڻهو هندوستاني هئا. ايئر انڊيا جو جهاز بامبي ايئر پورٽ تان پوري ۴ بجي صبح جو پنهنجا پر کوليا ۽ جهاز اڌ سوجهري، اڌ اونداهيءَ ۾ اڏامندو رهيو. ايئر هوسٽيس جو مٺڙو آواز آيو ته ايئر انڊيا جو ڪئپٽن ۽ اسين سڀ توهان جو سواگت ٿا ڪريون. هندي ۽ انگريزيءَ ۾ چيائين ۽ وڌيڪ چيائين ته سيٽ جون بيلٽ چيلهه سان ٻڌي ڇڏيو. اڳيئن خاني ۾ ايئر فونس پيل اٿؤ. ڪرسيءَ جي ٻانهن ۾ بٽڻ اٿؤ ان ۾ وجهو ۽ ان ۾ چار چئنلس اٿؤ. توهان هندوستاني فلمن جو هندي سنگيت (۲) ڪلاسيڪل سنگيت (۳) ۾ پرانڪ سنگيت ۽ (۴) انگريزي سنگيت ڦيرائڻ سان ٻڌي سگهو ٿا. اسان به ايئر فونس ڪن ۾ وڌو ته هنديءَ ۾ لتا جا فلمي ڳيت ٻڌڻ ۾ آيا. ٦ بجي صبح باڪون ڪڍيون سورج ديوتا جي سواري اچي پهتي ته هوائي جهاز پالم هوائي اڏي تي پنهنجا پير کوڙيا. اُتان ڪافي مسافر چڙهيا ۽ جهاز فل ٿي ويو. ۴۵ منٽ بيهڻ کان پوءِ وري هوائي جهاز ٻاز پکيءَ وانگر آسمان ۾ مٿي مٿي اُڏامڻ لڳو. دهليءَ جو شهر، ننڍڙن گهرن سان، رٿا سان ٺهيل نظر آيو. جهاز ۾ سڄو وقت ايئر هوسٽيس مسافرن جي خاطرداري ڪري رهيون هيون. ڪنهن مهل جوس، ته ڪنهن مهل ڪافي. اسانجي ايئر-هوسٽيس آرينج پرنٽيڊ ساڙهيءَ ۾ ملبوس هئي. نرڙ تي وڏو ڳاڙهو ٽلڪ، وڏيون اکيون ڪاجل پيل، سهڻو چونو،

آڏواڻيءَ بہ زور ڪيو تہ توهين پٽن جي راڄ ۾ وڃي گهمي اچو ۽ جيڪي ڏسي اچو ۽ آزمودو پرايو سو اخبار ۾ لکي ٻاڪن کي ٻڌايو. وڏي ڪڪيءَ سروج (پونم) جا ٻہ سال اڳ لنڊن، يورپ ۽ آمريڪا جو سفر ڪري آئي هئي تنهن بہ زور ڀريو ۽ يڪدم اسانجا فوٽا وٺــي پاسپورٽ ڪيڊائي هٿ ۾ ڏنائين.

پروگرام ٢ تاريخ سيپٽمبر جي لنڊن ۾ اسان کان اڳ پهتو ۽ اسان ٢ تاريخ ٽڪرٽ جي پڪ ڪئيسين. اها خبر جڏهين پيــاءِ شري ناري گوسهاڻيءَ، شري مرلي ميرچنداڻي ۽ شري مرليڌر آسواڻيءَ کي پيئي تہ اسين لنڊن، يوپ ۽ آمريڪا جي سفر تي وڃون ٿا تہ آل انڊيا سنڌي پنچايت فيڊريشن، ڪولابا ۽ بامبي پنچايت فيڊريشن طرفان ريڊيو ڪلب ۾ ٣١ آگسٽ الوداعي پارٽي ڏني.

٢ تاريخ رات جو ٻي بجي بامبي ايئرپورٽ تي رپورٽنگ ٽائيم تــي پهتاسين. سروج، چندرو، رنجنا، بينا، شرميلا ۽ رميش ايئرپورٽ تي ڇڏڻ آيا. سامان تورائي سيني کــان موڪلائي ڪسٽم ۾ گهرياسين، پاسپورٽ تي ٺپو هڻائي اندر وياسين، جتي هيئر پوس ۽ هينڊ بئگ کي بہ مشين ذريعي چڪاس ٿا ڪن ۽ سيني مسافرن جــي بہ بدني چڪاس مشين رستي ٿا ڪن، ڇو تہ تازو ڪيترا جهاز هاءِ جئڪ (ڦيڪايا) ويا آهن. تنهن کان پوءِ هڪ وڏي ٽنيل مان لنگهي سڌو وڃي هوائي جهاز ۾ پهتاسين. در تي سائي ساڙهيءَ ۾ ملبوس هڪ انڊين ايئرهوسٽيس، نمسڪار سان ڀيڪار ڪئي. اسين

جتي مسافر پاسپورٽ هٿ ۾ قطارن ۾ بيهي ويا. هڪ هڪ نمبر آئي. ٥ مسافر ٽئي ڇڏيائون. تمام چست ۽ چالاڪ، گورم ڪپڙن ۾ مبلوس يورپين استريون ۽ ڪن تي پرش ڪمپليٽ سوٽس ۾ ڳاڙها ڳٽڪا وينا هئا. اسين استري ڪسٽم ليڊي وٽ پهتاسين. جنهن ڪيڪار سان گڏ ايوندگ ڪٽي. اسان ٻه موٽ ۾ ڪيس ڪيڪاريو. پاسپورٽ تي ايڊيٽر ڏسي اسان کان پڇيائين "ته توهين انڊيا مان آيا آهيو، گهٽا ڏينهن ترسندا؟" اسان چيس ته ١٥ ڏينهن. اوڪي چئي ٺپو هنيائين ۽ چيائين هن پاسي مهربان وڃو. اسين ٻه مهرباني چئي ٻين مسافرن جي پٺيان هلندا وياسين جتي ٻئگون ڪنويئر بيلٽ تي پئي ڦريون. اسان پنهنجون ٻئگون ڪئريئر ۾ ڪڍي، (اُتي ڪئريئرس رکيا هئا جو ته اُتي مزور سامان ڪڍڻ لاءِ ڪونه ٿين) سائي ٻتي واري گيٽ ۾ گهرياسين، اسان سمجهو ته سامان جي چڪاس هندوستان وانگر ٿيندي. جو هيترا ڪسٽم آفيسر بيٺا آهن، پر سيڪو مسافر ٻاهر نڪري رهيو هو. اسين ٻه گيٽ کان ٻاهر آياسين، جتي پوڊ پپ اسانجو ڪڪو ۽ منهنجي ڀاڻيجي نرملا ۽ اُن جو گهوٽ مسٽر بال واڌواڻي ٻاهر بيٺا هئا. ڪار ۾ سامان رکي چڙهياسين. ڪار ٿڌي ٿڌي هوا کي چيريندي رستي تان ڊوڙڻ لڳي.

لنڊن شهر جا رستا ويڪرا، وڏا ۽ سهڻا هئا. رستي جي ٻنهي پاسي سهڻا سهڻا بنگلا هئا جي فقط ٻن ماڙن تائين

چست ۽ ڦرت هئي. اسان ايئر فورس ذريعي پنهنجو آنند وٺي رهيا هواسين ۽ گڏوگڏ مٿي هير سان گڏ، مٿي مٿي نند جو آنند به ماڻي رهيا هواسين. هڪ بجي لنچ کائي، جهونن جي جهان ۾ پهچي وياسين. ٻي بجي اسانجو جهاز روم شهر ۾ پنهنجا پر کوليا. اُتي مسافرن کي لهڻ جي اجازت ملي. ڪي ته ٽڪرا ٽڪرا قدم کڻي ايئر پورٽ کان ٻاهر نڪري ويا ۽ ڪي ايئر پورٽ تي چڪر هڻڻ لڳا، جهاز پيٽرول کڻڻ لاءِ بيٺو هو. ٤٥ منٽن کان پوءِ سڀ مسافر پنهنجي پنهنجي جڳهين تي اچي براجمان ٿيا. جهاز وري پنهنجا پير زمين تان کڻي آڪاس ۾ اُڏامو. جهاز ۾ ٽائيم پاس ڪرڻ لاءِ هندي فلم اُبهار ڏيکاريائون. اٽڪل ٣ بجي جهاز پئرس جي ايئر پورٽ تي پهتو. سڀ شهر مٿان آسمان مان رانديڪن جي گهرن جيان لڳي رهيا هئا ۽ رستا ور وڪر نانگن وانگر لڳي رهيا هئا. پر شهر ميلن ۾ پکڙيل هئا ۽ ڏاڍا سهڻا لڳي رهيا هئا. جڻ ڪوڏن سان ڪنهن چترڪار ويهي چٽيو هجي. سائو سبز گاهه جا غاليچا ۽ مٿي جا ڳاڙها غاليچا بنهي گڏجي عجيب سونهن پيدا ڪري ڇڏي هئي، جڻ ڪنهن ماهر ويهي سهڻا چونڊ ٺاهيا هجن. پئرس شهر جي ڪافي هاڪ ٻڌل هئي پر سواءِ ايئر پورٽ جي ٻيو اسان کي ڪجهه به ڏسڻ لاءِ ڪونه مليو. ٥ بجي جهاز اچي لنڊن ۾ ايئر پورٽ تي لٿو. بامبي جا اوڏي مهل رات جا نو ٿيا هئا. ٥ ڪلاڪن جو تفاوت هو. مسافرن پنهنجا سامان سنڀاليا ۽ هڪ هڪ ڪري لهڻ لڳا. هڪ وڏي ڪشادي هال ۾ اچي پهتاسين.

۲۰ ڪلاڪ پروگرام ٿئي. ۹ ۸ چئنلس آهن. پرائيوٽ چئنلس ۾ آهي جتان بهترين پروگرام ڏيکارين. جنهن ڪــي جنهن پروگرام ۾ رچي هجي اهو چئنل ڦيرائي ڏسي.

ٻيو ڏينهن آرتــوار هو. اسان جي ميزبان نرملا چيو ”ته اڄ منهنجي ساهيڙيءَ جي گهر آساديوار آهي. توهين هلندا.“ مون چيو مانس ”نيڪي اور پڇ پڇ. هن ڪمن جا مان ۽ شري لعلواڻي ته ڪوڏيا آهيون. اهڙي هنڌ ڀلي وڃـــي هل، جتي ڌرمي ڳالهيون هجن ۽ سنڌين ڀائرن ۽ ڀينرن سان ملاميلاو ٿئي.“

شري واڌواڻيءَ ۾ اسانجي ڪري چــار ڏينهن موڪل ورتي هئي. اسين ڪار ۾ چڙهي شري هرڪرشن جيناڻيءَ جي گهر آياسين. هن کي پنهنجو بنگلو هو. هيٺ بيسميٽ ۾ وڏو شاهي هال هو. هال ۾ زالون ۽ مڙد ويٺا هئا. ڪنڊ ۾ شاندار تخت تـي چوڏول ۾، شري گـــرو گرنٿ صاحب براجمان هو. آساديوار ڀيڻ ڪملا ۽ ٻيون ڀينر ۽ ڀائــر ڏاڍي مٺي سر سان ڪري رهيا هئا. آساديوار ڪانپوءِ ارداس ٿي ۽ جڏهين وچن ورتو ويو تڏهين ڏٺم ته شري لعلواڻيءَ جون اکيون چمڪي اٿيون. جو ته شري گرو گرنٿ صاحب سنڌيءَ ۾ هــو. جيئن نه ٻار پنهنجي ماتا پتا کي ڏسندو آهي ته اکيون چمڪنديون آهن تيئن شري لعلواڻي جـــون اکيون چمڪيون. ارداس ڪانپوءِ پرساد ورتو ويو ۽ هڪ ٻئي جي واقفيت ڏنائون، جڏهين ڪين اسانجي ميزبان شري واڌواڻيءَ

محدود هئا. دريءَ جي شيشن تي اڇا سنهڙا پردا لڳل رهيا هئا. گهڻو ڪري ڳاڙهي رنگ جا در، دروازا ۽ پڙدا هيون - ڪيترن انگريزي فلمن ۾ اهڙي گهر ڏسي چڪي هيس خاص ڪري بلئڪ جاسوس جي ڪتاب ۾ تمام ڏٺيون، پارڪرلين، آڪسفورڊ وغيره پڙهيل هئا. اڄ انهن رستن تان ڪار ڊوڙي رهي هئي. ۽ منهنجو من خوشيءَ ۾ جهومي رهيو هو. ٿيمس نديءَ ۾ وڏا شاهي جهاز بيٺا هئا. ٻڌايون ته اهي جو هتي محفل لڳندي آهي. بسون وڏيون شاهي، ڊبل ڊيڪر. ڳاڙهي رنگ جون، ٻاهرين وانگر هيون، پر ٻاهرين وانگر مسافرن سان ستيل ڪونه هيون ۽ منجهن صفائي هئي. تورا ماڻهو مس بس ۾ ويٺل هئا. اڌ ڪلاڪ ۾ اچي ميزبان جي گهر ايسٽ فرلچلي ۾ پهتاسين. ميزبان جو ننڍڙو ۽ سهڻو بنگلو ڏسي دل خوش ٿي وئي. ڇا ته گهر جي صفائي هئي - ٻهرين ٽي. وي. روم، پيو ڪمرو ڊائننگ روم، تنهنجي پاسي ۾ ڪچن (رنڌڻو) ڏاڪڻ تان چڙهي مٿي پهرئين ماڙي تي آياسين، ته ساڄي پاسي ڊرائينگ روم ۽ ڏائي پاسي بيڊ روم ۽ باٿ روم هئي جا روم اسان کي رهڻ لاءِ ڏني وئي. مٿي ٻئي ماڙي تي ٻه بيڊ رومس هئا، جنهن ۾ ميزبان ۽ سندس ٻار ڪڪيون رهنديون هيون، ننڍڙو ۽ سهڻو باغيچو هو. اسين ڏاڍا ٿڪل هئاسين، هٿ منهن ڌوئي وڃي ٽي. وي. روم ۾ ويٺاسين. جتي هڪٻئي سان حالي احوالي ٿياسين. ٽي وي لڳ ڀڳ ٢٤ ڪلاڪن مان

لڳندا آهن تيئن لڳا پيا هئا. دوڪانن تي گهڻو ڪري يورپين ڇوڪريون ۽ زالون هيون جي سامان نيڪال ڪري رهيون هيون. اتي گهمندي اڪل به اچي لڳا. ٻڀي ٻجي سڀ پنهنجا دوڪان بند ڪرڻ لڳا ۽ ٽيمپو ۾ يا ڪارس ۾ سامان وجهڻ لڳا. ڇپائون ته هي بزار هر آرتوار تي صبوح جو ٩ ٻجي لڳندي آهي ۽ ٢ ٻجي بند ٿيندي آهي- انهن ٥ ڪلاڪن ۾ لکن پائونڊن جو ذللو ٿيندو آهي- ڪتان ڪتان جا ماڻهو اچي خريداري ڪندا آهن.

٢ ٻجي اسين ٻه ٽڪجي پياسين ۽ موٽي گهر آياسين.

سومر ٦ سيپٽمبر جو شري واڌواڻي اسان کي لنڊن شهر گهمائڻ لاء پنهنجي ڪار ۾ وٺي هليو- ويسٽمنسٽر ابي ۾ وٺي هليو هتي هڪ يادگار ٿهيل آهي- جو ڪيترن نوجوان اڻ ڄاتل سپاهين ۽ ديش پريمين جي ياد ۾ ٿهيل آهي. هن کي شاعرن جو ڪارنر به چوندا آهن- ڪيترا سال ته انگلنڊ جي بادشاهن ۽ راڻين جي تاجپوشي هتي ملهائيندا هئا. وڏو شاهي باغ آهي. ان کانپوء اسين نئشنل گئلري ۾ وياسين- هائوس آف پارلميينٽ ڏٺوسين. ڪوئنين آرٽ گئلري، ڪنگسٽن پئلس، ٿيمس ندي، دي مال روڊ، آڪسفورڊ روڊ، برڪلي اسٽريٽ، ٽاور آف لنڊن، لنڊن شهر تمام وڏو سٺو ۽ صفائي وارو هو- مجال جو ڪير رستي تي ڪچرو ڦٽو ڪري- جتي ڪٿي ڪچري ڦٽي ڪرڻ لاء ڊبا موجود هئا- رستا وڏا برابريون شاندار هيون- دوڪان شوڪيز سهڻا سجايل

بڌايو ته شري جيناننه لعلواڻي ۽ شريمتي سشيلا لعلواڻي هي آهن ۽ هي سندن ننڍڙو ڪڪو پرديپ آهي. تڏهين هو ڏاڍو خوش ٿيا. بڌايائون ته هو گرمکي ڪونه ڄاڻن. هنن ٻامبي مان سنڌيءَ ۾ شري گرو گرنٿ صاحب گهرايو ۽ جڏهين ڀائو ايشور بالاڻيءَ هتي لنڊن ۾ آيو هو تڏهين ان کان استاپنا ڪرايائون. ڏاڍيون دعائون ٿي ڏنائون ۽ چيائون ته ڀڄن ۾ گرواڻي بہ ڪيو جنهن جي سخت ضرورت آهي. جڏهين ڪين بڌايو ويو ته شري رام جي. آڏواڻيءَ جي همٿائڻ تي لعلواڻي گرواڻي گروءَ جي شبدن جي بہ ڪيڏي آهي ته ڏاڍو خوش ٿيا. هنن ڳالهه ڪئي ته لنڊن ۾ ڪيترن گهرن ۾ توهان جو ڇپايل شري گرو گرنٿ صاحب استاپنا ٿيل آهي. جي گرو پورهيي روزانو گهر ۾ پاٺ ڪندا آهن. اهو ٻڌي اسان کي ڏاڍي خوشي ٿي. ١١ بجي پرساد ڏنائون جو کائي ٻاهر نڪتاسين.

ٻاهر نڪتاسين ته اسان جي ميزبان چيو ته ”لنڊن ۾ هر آرتوار تي پيٽيڪوٽ لين ۾ بزار لڳندي آهي جيئن ٻامبي ۾ ڪولابا يا باندرا ۾ لنڪنگ روڊ تي. هر قسم جو سامان وٽ پاٿس تي هاڪرس کڻي ايندا آهن. اهي دوڪانن کان گهڻو گهٽ اگهه تي مال نيڪال ڪندا آهن. اتي هلو.“ اسين سڀ وري ڪار ۾ چڙهي اتي وياسين. ڏٺوسين سڀئي ذاتيون کان وٺي بوٽ، چمپلون، ڪپڙو، ناولٽيز، پرفيومس، جيئڻي جو سامان ڊ نوسيٽ وغيره دوڪان جيئن ميلي تي

جو پاڻ ۾ ميل ميلاپ ڪرائيندو آهي. شاباس اٿس. هن ڪيترن سنڌين کي نوڪريون پڻ وٺي ڏنيون آهن- ڪيترين نياڻين کي لڪل نموني پنهنجي هوان گهران ڏيئي شادي ڪرائيندو آهي. هو پنهنجو نالو ظاهر به نه ڪندو آهي.

شري گرو نانڪ ۽ گرو گرنٿ صاحب جو پڪو پوڄاري آهي. پنهنجو جنم ڏن به- سيٺي جهنجهڻ کان پري امرتسر ۾ وڃي سونهي دربار ۾ گذاريندو ۽ ايڪانت ۾ دربار جي هڪ ڪنڊ ۾ اکيون بند ڪري ويٺو هوندو آهي. جنهن ڪري لعلواڻي نه، نه ڪري سگهندو اٿس- رات جو ان وٽ ڏنر ڪاڌيسين، سندس گهر لنڊن ۾ به آهي. جتي سندس نيڙو ڪکو پرڪاش رهندو آهي. اتي هن ڪجهه بيا سنڌي به گهريا هئا، جتي اسان جي واقفيت ڪرايائين.

ٻئي ڏينهن صبوح جو شري واڌواڻي اسان کي ٻڪنگهام پئلس ۾ وٺي هليو جو اتي هر روز صبوح جو ١١ بجي گارڊ بدلبا آهن- هزارين ماڻهو شهر جا ۽ ياتري اهو نظارو ڏسڻ ايندا آهن. اهو نظارو انگريزن جي شان جو آهي. شاندار بئنڊ وڄي رهي هئي. هڪڙا گارڊ ڪاري پشمت ڳاڙهو ڪوٽ، شاندار ٽوپ، بيلٽ ۽ ٻلن سان سجهيل گهوڙن تي، ۽ اڳيان بئنڊ سان اچي رهيا هئا. ۽ ٻيا جيڪي هئا سي به گهوڙن تي، بئنڊ سان نڪرڻ لاءِ تيار ٿيو بيٺا هئا. آيل اچي انهن جي پهري جي جاءِ پري ۽ ٻيا بئنڊ سان نڪري ويا.

هئا. انگريز سهڻيون ڇوڪريون رنگبرنگي ڪپڙن ۾ ميڪ اپ ۾، وڏن ڪڙين سان ڪڙ ڪڙ ڪري ٺڪڙيون ائين هلي رهيون هيون جيئن ڪي چابي لڳل گڏيون هجن - هو پنهنجي آفيس ۾ دوڪانن ۾ نوڪري تي يا خريداريءَ لاءِ وڃي رهيون هيون. رستي تي ٽڪو پان جي ٽڪ ٽڪو سگريٽن جا ٽوٽا هئا.

ڪار پارڪ ڪرڻ لاءِ ڪن رستن تي پارڪينگ ميٽر لڳل هئا. جتي ڪار بيٺي ٿئي. يڪدم ان ۾ وقت ڏسڻ ۾ ٿئي آيو ۽ ڪار واري ان ۾ پائونڊ ۴ ٿئي وڌا.

مڱل ڏينهن ۷ سيپٽمبر جي صبوح جو لعلواڻيءَ کي ڀاءُ شري رام جي. آڏواڻيءَ فون ڪيو ته مان ڪلهه لنڊن ۾ آيو آهيان. توهين رات جو ماني مون وٽ کائو. ڀاءُ رام جي. آڏواڻيءَ جو اسان سان تمام ڀائرن جهڙو گهرو رستو آهي. هو ائين چئجي ته آڏامدڙ پکي آهي. هو صبوح جو بامبي ۾ نيرن ڪندو ته رات لنڊن ۾ ماني کائيندو ته ٻئي ڏينهن صبوح جو آمريڪا ۾ هوندو. دنيا جو ڪوبه ملڪ ڇڏيل ڪونه اٿس جنهن ۾ سندس پير ڪنتل نه آهي. ڪٿي هوٽل ته ڪٿي واپار. هو ديس پرديش جي سنڌين کي پنهنجي پيار ۽ سڪ جي ڪري ڳنڍيو وينو آهي. بامبي ۾ ڪوبه ٻاهران سنڌورقي ايندو ته ڀاءُ رام جي. آڏواڻي سندس عزت ۾ ضرور شاليمار هوٽل يا سن اينڊ سينڊ ۾ پارٽي ڪندو. جتي بامبي جي مکيه هستين کي گهرائيندو ته ائين سنڌين

ڪيورنس جرمن ۾ جاول ڊاڪٽر هو جنهن جو شونق هو تہ ميڻ مان ماڊلس ٺاهجن. مئڊم ٽوسائوڊس جو نالو ميري هو. هوءَ ٦ سالن جي هئي- هي ڊاڪٽر جا ماڊلس جاچي ڏسندي هئي تہ هو ڪيئن ٿو ٺاهي ۽ پاڻ بہ انهي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪندي هئي- ڊاڪٽر ڪيورنس پئرس ۾ آيو اتي هو مشهور ڪلاڪار ٿيو. ميري ان جي شاگرديائي ٿــي سکڻ لڳي. ١٧٧٨ ۾ يعني ١٧ سالن جــي عمر ۾ سنا ماڊلس ٺــاهڻ لڳي جنهن ڪري مشهور ٿي ويئي. هــوءَ پنهنجن ماڊلس جــا نمائش جتي ڪٿي ڪرڻ لڳي. ١٧٨٩ ۾ فرينچ انقلاب کان پوءِ پئرس ۾ آئــي- اتي هوءَ پنهنجي ماڊلس جا نمائش ڪندي رهي- ۽ ٻيا ٻيا ماڊلس ٺاهي ان ۾ شامل ڪندي رهي. ١٧٩٤ ۾ هن هڪ انجنير فاراڪيوس ٽوسائــوڊ سان شادي ڪئي- جنهن مان ٻہ پٽ جوزف ۽ فرئنس ٿيس ۽ ڏيءَ بہ جائيس جا جلد مري ويئي- ١٨٠٢ ۾ انگلنڊ آئي. ٧٤ سالن جــي عمر ۾ ١٨٣٥ ۾ لنڊن ۾ بئڪر اسٽريٽ ۾ جاءِ ورتائين اتي پنهنجو هي نمائش ميڻ جي ماڊلس جو کوليائين- ١٥ اپريل ١٩٥٠ ۾ هــوءَ مري ويئي- هنجي پنيان سندس پٽ ۽ پوٽا اهو نمائش هلائيندا ايندا آهن.

هن نمائش ۾ دنيا جي وڏن وڏن مدبرن، رانديگرن، فلم اسٽارس، بادشاهن، راڻين ۽ بهادرن جا ميڻ ۽ پلسٽر مان بت- آدم قد جا ٺهيل ڪپڙا وغيره ان جهڙا پهريل اهڙي طرح رکيل آهن جــو ماڻهو ڪونہ سمجهي تہ ڪو ڪوڙا آهن.

اهو نظارو ڏسڻ وڻان هو. ڇا ته رش هئي. انهن جا
راندڪا گارڊن جا به ڪيا اٿن. جي سڄي لنڊن ۾ دوڪانن
تي وڪامندا آهن. پرديپ چار اهڙا راندڪا وٺي آيو.
ٽوئرسٽ ڪيترن وٽ ڪئميرائون هيون جن انهن جا فوٽا
ڇڪي ڪيا. ڪن ته مووي فلمون ڇڪي ڪيون. هي نسات
بات اسانجي ڀارت سرڪار به سکي آهي. توهين ٢٦ جنوريءَ
تي نيو دهليءَ ۾ ڏسندا ته اسانجو پريزيڊنٽ به اهڙي نموني
گارڊن جي اڳوانيءَ هيٺ ڇهن گهوڙن جي گاڏيءَ ۾ سواري
ڪندو آهي. ڪيڏو نه اجايو خرچ آهي. پرديپ گارڊس جا
فوٽا ڪيا جن ڏاڍي خوشيءَ سان اسان سان گڏ فوٽا
ڪڍايا.

مئڊم ٽوسائوڊس MADAME TUSSAUD'S

لنڊن ۾ مئڊم ٽوسائوڊس جو ميوزم جنهن نه ڏٺو تنهن
جڻ لنڊن نه ڏٺي. هي بئڪر اسٽيشن جي پاسي ۾ آهي.
هن ۾ ميڻ ۽ پليسٽر آف پئرس جا ماڻهو اهڙا ٺهيل آهن جڻ ته
جيئرا جاڳندا موجود آهن. مئڊم ٽوسائوڊس جي ڪهاڻي
به هڪ اُتساهه ڏيندڙ ۽ عجيب آهي. مئڊم ٽوسائوڊس
١٧٦١ ۾ فرانس ۾ ڄائي. هن جو پيءُ فرينڪ فورٽ جو
سولجر هو جو سندس جنم کان اڳ ئي مري ويو. هن جي
وڌوا ماءُ کيس سئيزرلئنڊ ۾ وٺي آئي. ۽ فلپي ڪيورٽس
وٽ گهر جي نوڪرياڻي ٿي ڪم ڪيائين.

ٽيوب ويل آهن. جي انڊر گرائونڊ آهن. جٽ ته ڪڏهن غفا
مان پيشيون هلن. ٽرينن ۾ چڙهه ته دل پيئي خوش ٿئي.
سيٽس لي بخمل جا ڪَوَر چڙهيل ۽ ڪرسيون ٻانهن سان
آهن. اسٽيشن تي ٽرين بيهي ته در پاڻمرادو کلي ۽ هلڻ
مهل پاڻمرادو بند ٿي وڃي. هڪ هڪ گاڏي ۾، هڪ هڪ
اسٽيشن جي نقشو لڳل آهي ته توهين ڪٿي بيٺا آهيو ۽
هيءَ ٽرين ڪهڙين اسٽيشنن ڏانهن ويندي. ان ڪري ٽوئن
ماڻهن کي خاص تڪليف ڪانه ٿئي. رستن تي نقشا لڳل
آهن. بس اسٽاپس تي به نقشا لڳل آهن. رستن تي ٽيليفون
بوٿس، جوُس ۽ آئسڪريم جون ڪئبنس نهيل آهن. پئسا
وجهي جيڪا جوُس کپيوَ يا آئسڪريم سا ڪڍو. دڪانن
تي به شيون ڪٽي ڪائونٽر تي وڃي پئسا ڏيو. هڪ
دڪان تي مان چيسٽر ونڊ ويس آتي ڪٿهن منهنجي
پرس مان عينڪ نظر جي ڪيري ورتي. آتي دڪان
ڊپارٽمينٽ آهن. هر ڪا شيءِ توهانکي هڪ دڪان تي
ملندي. جڏهين دڪان مان ٻاهر آيس ته پرس ٿي کوليم
ڏٺم ته زپ اڌ کلي پيئي آهي. مٿان ئي منهنجي
عينڪ غائب هئي. ڪوَر ڪارو ليدر جو هو. جيڪي
شيد پاڻيون مون سان گڏوگڏ پئي هليون تن شايد مئي پرس
سمجهي کڻيو هٽائون، پرس ۾ ڪئميرا ۽ جوهري پيئي
هئي پر اُهي سڀ هيٺ هيون جي بچي ويا. مون کي
عينڪ جو ڏاڍو ڏک ٿي پيو ته هتي مان نظر جي عينڪ

نماءُ ۾ مهاتما گانڌي، جواهرلعل، اندرا گانڌيءَ جا بت نهيل رکيل آهن. اسان مهاتما گانڌيءَ سان فوٽو ڪڍايو. ڪير به ائين نه سمجهندو ته پتلي سان فوٽو ڪڍايو ويو آهي. ۽ پرديپ مسٽر ريگان آمريڪا جي پريزيڊنٽ جي پتلي سان فوٽو ڪڍايو. هيٺ وري خوفناڪ نظارا ڏيکاريا ويا هئا ته ڪيئن نه قيدين سان فرينچ انقلاب توڙي بين هنڌ ظلم ڪيا ويندا هئا. سي آواز- لائيٽ جي افيڪٽ سان ڏيکاريا ويا جي دل جو مريض ڏسي ته دل ٻيهي وڃيس. پورا ٻه ڪلاڪ تڪڙ ۾ ڏسڻ ۾ لڳا.

لنڊن ۾ هڪ ڳالهه مون کي ڏسڻ ۾ آئي ته صفائي ڏاڍي گهٽ هئي. رستا ۽ فوٽ پاٿس سڌا سنوان ۽ صاف هئا. رستي تي ڪٿي جو ڪڪر يا ڪوبه ڪچرو نظر نه آيو. رستي تي ماڻهو کائڻ جا ڪوڏيا هئا. ميوو، آئيسڪريم، ڪوڪو ڪولا، سئنڊوچز وغيره کائيندا پئي ويا.

ڇوڪرين ۽ ڇوڪرن ۾ خاص ڪو تفاوت ڪونه ٿي لڳو. وار تمام ڪن ڇوڪرين جا اڪر ٻيڪر وڏا هئا. نه ته گهڻو ڪري بواءِ ڪٽ وارن جو فيشن هو. ڪن ته جهڙي ڊريس ٿي پاتي ته وڳي به اهڙي رنگ جي ٿي پاتائون. ڪاربون شيڊاٽيون ته وارن کي تمام سنهرين چوٽين سان سينگاريو هو. ۽ چوٽين جي پڇرين ۾ ساوا ۽ ڳاڙها داڻا لڳايا هئائون. لنڊن ۾ ڇهن قسمن جون ٽيوبون آهن نارٿرن سينٽرل سرڪل، ڊسٽرڪ ۽ پڪاڊلي، ٥ برنش ۴ ٽيوبون

لنڊن ۾ ٽوئرسٽ بسون آهن جي لنڊن جو هرهڪ ڇپو ڇپو توهانکي ڏيکارينديون. اسان به اُن جو بندوبست ڪيو. پهرين پهرين اسان لنڊن ٽاور ڏٺو. پٿر جي ٺهيل عمارت آهي ڇهن گنبذن سان. آسپاس ڊگها وڻ ڪيس يڪي بيٺا آهن. وڏو شاهي لوهه جو دروازو آهي. قطار ميلن ۾ هئي سڄو سارو ڪلاڪ قطار ۾ بيهڻو پيو، تڏهين وڃي مس مس اندر گهڙياسين. ڇا جو گوڙ گمبوڙ ڇا جو اڳيان وڃڻ جي ڪوشش. سڀڪو باقاعدي قطار ۾ بيٺا هئا. نڪو ڌڪ نڪو ٽونٽ هڻڻ. جتي به وڃ ته اُتي ٽڪيٽ ضرور وٺڻي آهي. لعلواڙي، ٻرڊيپ ۾ مان ٽڪيٽ وٺي اندر گهڙياسين. پهرين سڀ شيشي جي ڪٻٽن ۾ هٿيار رکيل هئا. پوءِ جنگ جون ڊريسون، تنهن کانپوءِ چانديءَ جا باسڻ، ٽري، ٿالهيون، ٻشڻ، ڇا ته ڪاريگري انهن تي هئي. تنهن کانپوءِ مٺيا هرهڪ راڻيءَ جا. تنهن کانپوءِ هئا ڇت جي هيرن جواهرن سان جڙيل بجلين بتين جي روشنائيءَ ۾ اصل ٻهڪيا پئي. ڪوهنور هندوستان جو هيرو سڀني جو مٿ هو. پهريدار به ٽپ ٽپ تي بيٺا هئا. ٿوروئي ڪو هيڏانهن هوڏانهن چري ٻيا ڪا مستي ڪرڻ چاهي ته گهنڊ وڄڻ شروع ٿي ويندو. اهو ڏسي پوءِ قلعو ڏسڻ وياسين قلعي ۾ اڳئين زماني جا گهر محفوظ رکيا ائن. ڏوهارين کي ڪيئن عذاب ڏيئي ماريو ويندو هو. ڪيئن اُنهن جو ساهه ڪڍيو ويندو هو، تمام خوفناڪ نظارو هو. قلعو ڪافي مٿي آهي

ڪتان آڻيندس. ڪنهن صلاح ڏني ته اُن دوڪان تي وڃي پڇا ڪريو ته عينڪ ملي ويندي. ٻئي ڏينهن پرديپ کي دوڪان تي موڪليوسين ته اُهو عينڪ کڻي آيو. منهن جي عينڪ تي نمبر ١٣٨ لڳل هو. پرديپ ٻڌايو ته جام شيون لاسٽ پراپرٽي ڪري رکيون ويٺون هيون. دوڪان واري ٻڌايس ته صرف مني (پئسن) پرس ڪونه ليندا آهن باقي ٻيون شيون هتيئي ڦٽيون ڪري ويندا آهن. لنڊن ۾ قائدو قانون به آهي ته چوريون، ٺڳيون به آهن. رات جو ٻاهر تمام ٿورا ماڻهو رستي تي ڏسندا. رستي تي هندستان وانگر پان جون ٽڪون، سگريٽن جا ٽڪر يا گند ڪچرو ڪونه ڏسندا. ٽن سالن جو ٻار به پهو ڦٽو ڪندو ته ٻسٽ بن ۾. گهرن مان به ڪچرو ٻاهر ڪونه ڦٽو ڪن. هرهڪ گهر ۾ ڪاريون پلاسٽڪ وڏيون ڳوٿريون رکيل آهن، اُن ۾ ڪچرو سڄي ڏينهن جو گڏ ڪندا آهن ۽ رات جو در جي ٻاهران رکي اچن. جو صبح جو سويل پينگي کڻي وڃن. اتي جا پينگي به پئنٽ، شرٽ ۽ بوٽ پيل اٿو. رڳو جي ٻهارو هٿ ۾ نه هجين ۽ رستي تي ٻهاري نه پائيندا هجن ته وهين جيڪر ڪلهين به انهن کي پينگي تسليم نه ڪريو. شام جو سمان پاڻي ڪري ساڳين هوٽلن ۾ ڪاڌو ڪائڻ اچن، ڪسينو ۾ رانديون ڪن. اُتي پينگيءَ کي به پنهنجي ڪار اٿو. سڄي يورپ ۽ آمريڪا ۾ ائين اٿو. پلمبر ايندو ته ڪار چڙهي.

(پئرس ۾)

سنڌيءَ ۾ اهو پهاڪو مشهور آهي ته "هجيئي ناڻو ته گهر لاڙڪاڻو ۽ جي هجيئي پئسو ته گهر پئرس." پئرس بابت ننڍڙي هوندي ڪيترين ئي ڳالهيون ٻڌيون هيم ته اتي جيڪي مڊمون (زالون) ٿيون رهن سي پرين وانگر سهڻيون آهن. انهن جي سونهن جو مقابلو ڪونهي. اُتي آرٽ (ڪلا) جو ڏاڍو شونق آهي. رستا سهڻا آهن. دل ۾ شونق هوم ته جي زندگيءَ ۾ ولائت يورپ ويس ته پئرس ضرور ويندس- ايشور منهنجي اها مراد پوري ڪئي.

لنڊن ۾ ٿامس ڪوڪ ٽرئولنگ ايجنٽ وٽ وياسين. هن يورپ جي لاءِ بس، ٽرين ۽ هوائي جهاز سڀ جي لسٽ ڏني- جي گهٽ ۾ گهٽ ٧ ڏينهن ۽ وڌ ۾ وڌ ٽي مهنا هئا. پر جيئن ته پرديپ کي موڪل ٿوري هئي انهيءَ ڪري اسان رڳو پئرس لاءِ ٽي ڏينهن هئا. ٿامس ڪوڪ وارن کي چيوسين ته اهڙو پروگرام ٺاهي ڏي جو ٽن ڏينهن ۾ پئرس گهمي اچون- هنن اهو ٺاهي ڏنو.

اسين ٽيئي ڄڻا ١١ سيپٽمبر صبوح جو ساڍي ٧ بجي گهر مان نڪتاسين ۽ ايسٽ فنچلي اسٽيشن تان ٽيوب ويل ٽرين ڪٽي، چيرين ڪراس اسٽيشن تي پهتاسين- جتان وري بي ٽرين ڪنٽيسين جا لنڊن ۾ چوٿين قسم جي ٽرين هئي،

جتان لنڊن سڄي ڏسڻ ۾ پئي آئي. پوءِ هئمٽن ڪورٽ پئلس ڏٺيسين ٿيمس نديءَ، رائونڊ ٽاور ونڊسر ڪئسٽل، شيڪسپيئر جو گهر، رائل شيڪسپيئر ٿيئٽر وارو ڪئسٽل، رومن باٿس. اُتي سنان گهرن تي نقشي ڏاڍي سٺي هئي. پاڻي بلڪل صاف هو. لنڊن جي برج ڏاڍي سهڻي ٺهيل آهي جنهن جي هيٺان جهاز ايندا ويندا آهن ۽ برج کي بند ڪرڻ لاءِ وچ ۾ دروازو لڳل آهي جو بند ڪرڻ سان جهازن جو اچڻ وڃڻ بند ٿي ويندو آهي. گهڻا شوقين چنچر يا آرتوار ڏينهن جهازن ۾ گهمڻ ويندا آهن. سڀ جهاز ٽوئرسٽن سان ڀريل هئا. اُتي جا ماڻهو ٥ ڏينهن ڪم ڪن باقي چنچر ۽ آرتوار گهمن ڦرن کائين ۽ پيئن. لنڊن ۾ ونڊر جا هنڌ گهڻا آهن. نائيٽ ڪلبس جام آهن. ناٽڪ ٿيئٽرس ۾ ٻه ڪي سنا تمام گهڻو وقت هلي رهيا هئا. جهڙوڪ ”مائوس ٽرپ“ پنجن سالن کان هڪ ناٽڪ گهر ۾ هلي رهيو هو. ”او ڪلڪتا“ وري آپيرا هائوس ۾ ٨ سالن کان لاڳيتو هلي رهيو هو. ماڻهن کي اڳوات ٽڪيٽ بوڪ ڪرائڻي پوندي هئي.

اسين هال جي ڀرِ پاسي بندر کان لائين ۾ نڪتاسين. جتي ڏٺوسين ته هڪ وڏو پاٽيءَ جو جهاز زمين تي بيٺو هو. جنهن کي هوور اسپيڊ ڪرافت ٿي سڏيائون. سامان ڪسٽم آفيس ۾ ڇڏي آياسين جو انهن جهاز ۾ چاڙهيو. جهاز جو وچون در وڏو کليل هو جنهن ۾ ڏٺوسين ته موٽرون ۽ ٽرڪون اندر هلي ويٺيون. جهاز جي هيٺان چوڌاري ربر جا ٽيوب لڳل هئا. جي هلڻ مهل هوا سان (جيئن موٽر جي ٽائرن ۾ هوا ڀربي آهي) آٽوميٽڪ ڀرجي ويندا هئا.

اسين ڏاڪڻ تان چڙهي جهاز ۾ وڃي ويناسين. هن پاٽيءَ جي جهاز جون ٻه ڪرسيون ۽ نمونو هوائي جهاز وانگر هو. جهاز جي ايئر هوسٽيس جو آواز آيو- ويل ڪم پلي آيا چئي ڪيڪاريو- فرانس ۽ انگلنڊ جي وچ ۾ سمنڊ آهي- هڪ طرف ڊوور انگلنڊ جو بندر آهي- ۽ ڀرِ پاسي ڪيلس آهي. جهاز هوائي جهاز وانگر هلڻ شروع ڪيو- زمين لتاڙي سمنڊ ۾ آيو ۽ شيشي جي درين کان ڏٺوسين ته جهاز جيئن سمنڊ جي لهرن کي چيري وڃي رهيو هو، تيئن سمنڊ جون لهرون اُڇل ماري درين کي لڳي رهيون هيون. ڇا ته ان وقت سندر نظارو هو. ايتري ۾ ايئر هوسٽيس پڇڻ آئي ته جوس گهرجيوَ يا شراب- اسان جوس گهري- جوس سنگتري جي ڪٽي آئي جا اسان پيتي- ڇو ته اسين شراب ڪونه پيئون- شراب پئسن تي ٿي ڏنائون- ماڻهن خوب شراب وٺي پئي پيتو- مني ڪلاڪ ڪانپوءِ جهاز اچي بندر

جنهن اچي وڪٽوريا اسٽيشن تي ڇڏيو. ان کي برٽش ٽرين ڪري ٽڪي سڌ پائون. ٽرين جا گاڏا هندوستان جي فرسٽ ڪلاس ٽرين کان بهتر هئا. ان ٽرين ۾ اچي ويناسين. سڄي ٽرين فل ماڻهن سان ڀريل هئي. اسين رڳو ٽي ڄڻا سنڌي هئاسين. ٩ بجي گاڏي هلي. هي ٽيوب ويل (انڊر گرائونڊ) ٽرين ڪونه هئي. پر کليل ميدانن ۽ شهرن مان فاسٽ هلي رهي هئي. لنڊن جي پسگردائي شهرن ۽ ڳوٺن جو نظارو پسائيندي هلي. ٽرين ١١ بجي ڊوور اسٽيشن تي پهتي. ڊوور بندر آهي. ڊوور اسٽيشن تي سامان کڻڻ لاءِ لوهه جون لگيج ڪئريئر رکيون هيون. هر هڪ مسافر پنهنجو سامان ان ۾ کڻي اسٽيشن کان ٻاهر آيو. اتي ڊوور بس بيٺيون هيون جنهن ۾ سامان رکي اسين به چڙهياسين. بس هلي ١٥ منٽن ۾ اسان کي ڊوور بندر تي ڪسٽمس آفيس تي اچي ڇڏيائين. وري به اسين سامان هٿ گاڏين ۾ کڻي ڪسٽم آفيس ۾ آياسين. بندر ڪنهن به هوائي اڏي کان گهٽ ڪونه هو. اتي اسانکي لنڊن جي ڪرنسي پائونڊ مٽائي فرئنڪ فرانس جي ڪرنسي وٺڻي پيئي. پاسپورٽ ڏيکاري اندر گهڙياسين. اندر وڏي شاهي هوٽل هئي. جتي سڀ گرلس ويٽرن جو ڪم ڪري رهيون هيون. ڪيترا فري ڊيوٽيءَ جا به دوڪان هئا. اسان کي اڌ ڪلاڪ چانهه ۽ نيرن ڪرڻ لاءِ مليو. فري ڊيوٽيءَ تي چاڪليٽن، سگريٽن ۽ شراب جا دوڪان هئا. جتي ماڻهو خريداري پئي ڪئي.

جي پٽڪ ٽيل رکيل آهن. ڀاڄيون به آهن پر اتي گوشت ۽ شراب جو واهپو گهڻو آهي. هوٽلون ۽ ريسٽارنٽ ٽپي ٽپي تي آهن. اتي رواج آهي تہ هوٽلن ۽ ريسٽارنٽن ۾ فٽشن هو تہ ماڻهو فوٽ پاٿن تي ڪرسين ۽ ميزن تي اچيو ٻاهر وهن، شراب ۽ کاڌي جو دورو شروع ٿئي بزار ۽ شهر جي رونق ٻہ ڏسن.

اسان جي پئرادائيز هوٽل ٽڪريءَ تي هئي. هوٽل سٺي هئي. ايئرڪنڊيشنڊ روم ڏنائون ۽ هرهڪ روم ۾ ٽيليويزن (ڪلر)، ٽيليفون وغيره هو. دري تي شاندار نيٽ جا پردا لڳل هئا. فرينچ دريون هيون، جتي ويهي ماڻهو شهر ۽ رستن جا نظارا پسي ٿي سگهيو. ٽي. وي ۾ گهڻو ڪري فرينچ پروگرام ۵ چئنلس تان آيو ٿئي، ۽ هڪ تان انگريزيءَ ۾ ايندو هو.

پئرس ۾ گهڻو ڪري فرينچ ٻولي ٿئي ڳالهايائون. انگريزي ڪن مشڪل ٿئي سمجهي. ان ڪري نون ماڻهن کي تڪليف ٿئي ٿي. ان ڪري ٿامس ڪوڪ ڪمپنيءَ اڳواٽ ئي اسان کي هڪ چارٽ ڇپيل ڏنو جنهن ۾ کاڌي جي شين کي فرينچ ۾ ڇا چوندا آهن سو لکيل هو انهن مان هيٺ پاڪن جي جاڻ لاءِ ڪي ڏيان ٿي.

سنڌي	انگريزي	فرينچ
ڀاڄيون	(ويجيٽبل)	ليگو ميس
ٿوم	گارلڪ	ائل

تي پهتو- اتان لهي وري ڪسٽم پٽرس ڪان ٽيڪسي، سامان ٽرالين ۾ ڪٽي سامهون اسٽيشن تي پهچائين ٿا ٽرين بيٺي هئي ان ۾ اچي ويهاريائون- هتي جون ٽرينون به لنڊن وانگر فرسٽ ڪلاس گاڏا هئا. ٽرين ۾ هڪ ڪلاس ٿئي- هندوستان وانگر سيڪنڊ ڪلاس يا فرسٽ ڪلاس ڪونه ٿئي. ڊوڙ و نه اصل ڪونه هو. ڏاڍي سموٿ پئي هلي. رستي جي ٻنهي پاسي ڏکڻا ڏگها وڻ هئا ۽ ڪافي پوڪ پڻ چانورن ۽ ڪڻڪ جي هئي. ڪن چورس ٽڪرن تي پوک ڪانه هئي نه ٽرين ۾ ڳاڙها ۽ ساوا جڙ نه غاليچا وڇايا پيا هئا. هن ٽرين کي چون ميٽرو.

۴ بجي ٽرين گئرد يو نارڊ (لوڪل) اسٽيشن تي اچي پهتي- جا پٽرس ۾ هئي- سامان کڻي اسين ٻاهر نڪتاسين اتان ٽئڪسي ڪٽي پئراڊائيز هوٽل تي پهتاسين. اتي قانون آهي نه ٽئڪسي ڀاڙي هوٽل جو جيڪو بل اچي نه انکي ۱۵ سيڪڙو ٽپس ڏجي.

پئراڊائيز هوٽل پٽرس جي وچ ٽڪري تي مٿي هئي. ٽورو هيٺ بزار هئي. چوڌاري شراب جا دوڪان هئا. چون ته پئرس ۾ شراب ناهڻ جو گهرو هنر آهي. اٽڪل ٣٣ هزار شراب جا دوڪان آهن- جن پڻجن دوڪانن ڪانپوءِ شراب جو دوڪان لوهان کي ملندو. رڳو شراب نه ڀر ماس (گوشت) گهيٽي ڪان گانءِ سونو جو ڪليل شوڪيسز ۾ سهڻي نموني پلاسٽڪ جي ٿيلهي ۾ ويڙهيل پائونڊ يا وزڪ تور

تــي ڪرسيون ۽ ميزون پيون هيون ۽ ماڻهو وينا هئا. سامهون وڏي شاندار چرچ هئي. جا چون ٿا ته سوَن سالن جي جهوني آهي. چوڌاري باغيچو لان هئي. اتان مئڪرو-اسڪوپ چوڌاري لڳل هئا جتي ماڻهو سڪا وجهي سڄي شهر جو نظارو پسي رهيا هئا.

باغيچي ۾ اٽڪل ٥٠ يا ٦٠ چترڪار ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون وينا هئا. انهن جي اڳيان تماشبين ۽ ٽوئرسٽ وينا هئا جن جا چترڪار اهڙا ته سنا چاڪ ۽ پينسل سان چتر ٺاهي ڪڍيا ته جڻ ته هوبهو ماڻهو آهن ۽ انهن ۾ اجها ئـي جان پوي. انهن ماڻهن ڪان ١٢٥ فرئڪن ڪـان ٥ سؤ يا هزار فرئڪن تائين پئسا ٺئي ورتائون. اسانجي ڪڪي پوڊيپ ۾ هڪ چتر ڪڍايو.

اڳيان وڌياسين ته ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون دفلي ۽ (ڪنجري) تي (فرانس) ناچ نچي رهيا هئا ۽ ڳائي رهيا هئا. سڄو پئرس بجلي بتين سان جڳمڳائي رهيو هو. اهو ميلو ڇيائون تـــ صبوح جو ٢-٣ بجي تائين روز هلندو آهي. طرحين طرحين جي ناولٽيز جـــا دوڪان ڪليل هئا. ڪي هاڪرس جيئن هتي ميلن تي ئيندو آهي. ٽوڪاريـون وغيره وڪڻي رهيا هئا. جي جوانن وٺي ٺهي وڃايا.

هيٺ بـزار ۾ ريسٽارنٽ ڪليل هيون ڪيتريون هوٽلون هيون، جتي ڪئبري اڌ اگهاڙيون ڇوڪريون نچي رهيون هيون. ڇيائون ته هتي دنيا ڀر جا ٽوئرسٽ (مسافر) خاص

پيز	گرين پيسز	پيٽيٽس پوئس
ڪنبيون	مشروم	چمپيگونوس
مڇي	فش	پوئسون
آئيس ڪريم	آئيس ڪريم	گلئسي
صوف	ائيپل	پوممي
لوڻ	سالٽ	سيل
رام رام	گود باءِ	آئو ريوئو
مهرباني	ٿئنڪ يو	مئرسي بئين
بيدو	Eggs	اوويوفس
پٽاٽو	پوٽيٽو	پومائس
چانور	رائيس	رز
برانڊي	برائنڊي	ڪوگناڪ
کير	ملڪ	لئٽ

وغيره.

اسين چانهه پي ٽورو فريش ٿياسين ته بالڪنيءَ کان ڏٺوسين ته، ڪيترا ماڻهو جوان ۽ جوانڙيون همت ۾ ڏيئي ۽ ٻانهن ٻانهن ۾ وجهي، ٻيا ۽ ٻار اسانجي هوٽل جي پاسي ۾ چاڙهيءَ جي ڏاکڻ چڙهندا پئي ويا. جڻ ته ڪو ميلو آهي. چوڪرين کي ميڪ اپ تيل هو ۽ طرحين طرحين نمونن جي ڊريس سان سجيل هيون. ان وقت ٨ لڳا هئا. ٽورو پريان بجلين ۽ بلبن جي جهومر لڳي پيئي جڻ ته شادي آهي. چوڌاري هوٽلون ۽ ريسٽارنٽس هيون. ڦٽ پاٿن

اسان کي ٨ بجي ڇڏيو. بسون بالڪل هيون. انهن بسن ۾ ايئر فون هئا جي اسان ڪنن ۾ ٽنگي ورتا. ۽ هيٺ بٽڻ هو ته اسان کي کهڙي ٻوليءَ ۾ ٻڌڻو آهي. ان ۾ فرينچ، اٽلي ۽ انگريزيءَ جا هئا. اسان انگريزيءَ ٻوليءَ وارو بٽڻ هيٺ ڪيو ته جنهن جنهن رستي کان بس هلي ٿي ۽ ڪيترين جاين جا نالا وغيره جو رڪارڊ انگريزيءَ ۾ ٻڌائي رهيو هو ته توهان جي ساڄي پاسي کهڙو رستو، بلڊنگ ۽ باغ آهي. ٽوئرسٽن لاءِ اهو بندوبست تمام سٺو هو.

ٽئين ڏينهن صبوح جو پوڊيپ ۽ اسين پئرس جو نقشو هٿ ۾ کڻي نڪتاسين. پاسي ۾ لوڪل انڊر گرائونڊ اسٽيشن هئي. اسٽيشن تي اليڪٽرانڪ نقشو لڳل هو. ۽ جنهن اسٽيشن تي وڃڻو هو ته ان جو بٽڻ دٻايوسين ته يڪدم ريلوي لائين جو روٽ اچي لائين جي بتي ٻري ۽ اسانکي ڏيکاريائين ته جنهن اسٽيشن تي توهين وڃڻ چاهيو ٿا ته کهڙي ٽرين کڻو ۽ وات تي کهڙيون کهڙيون لوڪل اسٽيشنون اينديون. اسين ٽرين ۾ چڙهي آرٽ گئلري، هٿيارن جي گئلري ۽ نيوي گئلريءَ جو شاهي نماءُ ڏٺوسين. ٽئين ڏينهن وري ساڳئي نموني ٽرين کڻي بلون آياسين ۽ هورا اسپيڊڪرافٽ ۾ چڙهي ڊوور ۾ پهتاسين. ڪسٽم ۾ پاسپورٽ ڏيکاريوسين. اتان ٽرين کڻي لنڊن ۾ آياسين. چوٿين ڏينهن اسانکي وري نيويارڪ آمريڪا ۾ پهچڻو هو ۽ هوائي جهاز جون سيٽون رزرو ٿيل هيون.

شراب پيئڻ ۽ اُگھاڙين ڇوڪرين جا ناچ ڏسڻ ايندا آهن- پئرس ۾ اهو آرٽ ڪري سمجهندا آهن- پر حقيقت ۾ اهو دنيا جي استري ذات جي لاءِ بي عزتيءَ جو سوال آهي. اسين اهڙين ڪلبن ۽ هوٽلن ۾ ڪونه وياسين. ڇو ته اسان جو ڪٽنب اهڙي وايو منڊل کان پري آهي. شري لعلواڻي ۽ مان شراب به ڪونه پيئون. رات جو ١٢ بجي اسين هوٽل ۾ موٽي آياسين.

ٻئي ڏينهن ٽورسٽ بس ۾ شهر گهمڻ وياسين. پئرس جا رستا ۽ جايون آرٽسٽ نمونـي ۾ ٺهيل آهن. وڏا شاهي رستا آهن. باغ ۽ باغيچا آهن. پوءِ ايفل ٽاور Eiffel Tower ڏسڻ وياسين. ايفل ٽاور سڄي دنيا ۾ مشهور آهـي. دنيا جي ستن عجيب شين ۾ هڪ آهي. وڏن لوهه جي ٿنڀن تي بيٺل آهي. چوڏاري ڦوهارا هئا. ٽڪيٽ وٺي لفٽ ۾ کيوُ ۾ بيناسين. لفٽ اسان کي بماڙ تي وٺي هلي. جتي ٽيلسڪوپ جي وسيلي سڄو شهر ٺئي ڏسڻ ۾ آيـو. مٿي هوٽل هئي ۽ دوڪان کي ناولٽيز جـا هئا. عجب پئي لڳو ته انسانن اهڙو ٽاور ڪيئن ٺاهيو هوندو. انهنجي ڪاريگرن ۽ انجنيرن واقعي شاباس لهڻي.

ان کانپوءِ وري اچـي بس ۾ ويناسين. جا آرڪ دي ٽريو موفي نوٽوري ڊئيم، لووري، دي ٽيلٽريز گـارڊن، مونٽماري، ٻگالي، مولين روڳ، ساڪري ڪونٽر چرچ ۽ ٻين هنڌ وٺي هلي. صبوح جو ٨ بجي نڪتاسين ۽ شام جو بس

گجراتين ۽ ٻين سان ڀريل هو. ايئر فري ڊيوٽيءَ جا دوڪان شراب ۽ ٻين شين جا ٻه هئا. ڪيترا انهن دوڪانن تي خريداري ڪري ويا. اسين هال ۾ ڪرسين تي اچي ويٺاسين. ٿوري وقت ۾ اناؤنس ٿيو ته اسان وارو ايئر انڊيا جو جهاز تيار آهي، مسافر اچي چڙهن. اسين ٽڪيٽون کڻي جهاز ۾ اندر آياسين. جهاز جي در تي ڪئپٽن ۽ ايئر هوسٽيس سيني کي ڪيڪاريو ۽ ٻيءَ ايئر هوسٽيس اسان کي سيٽ ڏيکاري. سڀ مسافر جڏهين چڙهي چڪا ته ڪپتان جهاز جي مشين چالو ڪئي. جهاز مٺي آهستي چڙهي هوا سان ڳالهيون ڪندو اُڏامڻ لڳو. ايئر هوسٽيس مسافرن جي مهمانوازي ڪرڻ لڳيون. پهرين جوس ۽ پوءِ نيرن ڏني ويئي. منجهند جو لنچ ڏني ويئي. ان وچ ۾ جن شراب ۽ جوس جنهن ٿي گهريو ته انهن کي ٻه شراب پئسن سان ۽ جوس مفت ڏني ٿي ويئي.

٣ بجي ڪانپوءِ راجشريءَ جي فلم اُپهار پڻ ڏيکاري ويئي ۽ جن کي هندي فلم نه ٿي وڻي انهن کي انگريزي فلم ڏيکاري ويئي.

٤ بجي چانهه ۽ ٿورو ناشتو ڏنو ويو. اٽڪل ٧ بجي ايئر هوسٽيس اناؤنس ڪيو ته هاڻ اسين نيويارڪ پهچي رهيا آهيون. پنهنجا بيلٽ ٻڌو. اٽڪل ١٥ منٽن کان پوءِ جهاز آهستي آهستي هيٺ لهڻ لڳو ۽ نيويارڪ ايئر پورٽ تي پنهنجا پير کوڙيائين. دروازي کلڻ تي اسين پنهنجا

نيويارڪ

لنڊن ۾ ٻٽي ڏينهن گهر صبوح جو ۷ بجي ڇڏيوسين. ۽ ۹ بجي هيٿرو هوائي پورٽ تي پهتاسين. ايئر پورٽ ڏاڍو وڏو آهي. صفائي به سٺي هئي. لنڊن ۾ پنجابي گهڻا آهن. ولائت ۾ هندوستانين کي هيٺين ڪم ڪرڻ ۾ آر ڪونه ٿئي. ايئر پورٽ تي ڏٺوسين ته ڪي پنجابي ڇوڪريون ۽ زالون، سٺيون پنجابي ڊريسز پيل، هٿن ۾ جهاڙو ۽ ڪچري ڪڍڻ جو ڊبو هون. جن هال ۽ سڄي ايئر پورٽ جي صفائي پئي ڪئي. هونئن هندوستان ۾ جيڪر اهي زالون گهر ۾ پاڻ صفائي نه ڪن، پر ولائت ۾ اهو ڪم ڪري رهيون هيون. ڇو ته ڪين هڪ ته پگهار وڏا ٿا ملن ۽ ٻيو ديش کان ٻاهر آهن ۽ کين هيٺيون اهو ڪم ڪندو ڪير ڏسي ڪونه ٿو. ڪيترائي هندوستاني انگلنڊ توڙي آمريڪا ۾ ڪي ريلوي پورٽر آهن. ڪي لفٽون هلائيندڙ آهن. ڪي مزور طبقو آهن. پر هندوستان ۾ اچن، ڇو ن ته اسان کي سٺي نوڪري آهي. هيترا هزار روپيا پگهار آهي. جيئن اسين سمجهون ته هي ضرور شاهوڪار ۽ وڏو ماڻهو هوندو. ولائت ۾ پڙهندڙ کي به پنهنجون جايون ۽ موٽرون آهن.

تنهو اسين ايئر پورٽ اندر گهڙياسين. سامان ڪائونٽر تي ڏنوسين ۽ پوءِ وڃي چيڪنگ درمان لنگهي هال ۾ آياسين. جتي اسانجو پاسپورٽ چيڪ ڪيو ويو. سڄو هال سردارن،

ڪي ڏسڻ لڳو پر اڌ ڪلاڪ ۾ هو ٻرديپ سان ڏاڍو هري مري ويو. گهر ۾ گهڙڻ شرط ٽي. وي آن ڪيئي. اجيت ٻڌايو ته هتي ٽي. وي تي ڏاڍا سٺا پروگرام ايندا آهن.

لليتا جو گهر پهرين ماڙيءَ تي آهي. ٻه بيڊ رومس، هال، ٻه باٿ رومس، ڪچن وغيره سٺو وڻندڙ گهر هو. هٿ منهن ڌوئي تازا ٿياسين. پوءِ ڳالهين ۾ وياسين. رات جو ١٢ ڳالهين ۾ لڳي ويا پتو ئي ڪونه پيو. تنهن وچ ۾ ماني کاڌيسين.

ٻئي ڏينهن صبوح جو نيرڻ ڪري نيويارڪ جو نقشو ڪڍي شري اجيت کان رستا وغيره پڇي نيويارڪ گهمڻ نڪتاسين. اسان ڪئناڊا لاءِ ويزا ڪونه ورتي هئي جو چيائون ته آمريڪا ۾ جلد ملندؤ. اها به وٺڻي هئي. نيويارڪ ۾ به انڊر گرائونڊ ٽرينون آهن پر لنڊن ۽ پئرس جهڙيون سٺيون ڪونهن. لنڊن ۽ پئرس ۾ ٽرين لاءِ ٽڪيٽون وٺڻيون پونديون هيون. پر نيويارڪ ۾ ٽڪيٽ جي بدران گيٽ تي ٽنڪ آهي جنهن ۾ ٧٠ سينٽ سڪا وجهڻ سان گيٽ جي لٺ پري ٿئي ٿي ۽ ماڻهو پليٽفارم اندر وڃي سگهي ٿو. ڀـل انهن ٧٠ سينٽن ۾ ماڻهو سڄو وقت ٽرين ۾ پيو گهمي پر جي پليٽفارم کان ٻاهر نڪتو ته کيس وري ٧٠ سينٽ وجهڻا پوندا آهن.

ٿوري پنڌ تي ريلوي اسٽيشن هئي. پر اسان کي ماڻهن ڏاڍو ڊيڄاريو هو ته ڪارن کان ساوڌان رهجو. خون ڪرڻ

سامان سنڀالي هيٺ لٿاسين. ٻنهي ڪلين ڪلئيرنس ڪري ڪسٽم ۾ آياسين. وڏو شاهي هال هو. جتي سڀ قطارن ۾ بيهي ويا. اسانجي هڪ ٻئي کوليائون، سواءِ ڪپڙن جي ٻيو ڪجهه هوئي ڪونه. ڪسٽم آفيسر پڇيو ”ڪا ڪاڌي جي يا ڪي سوغات لاءِ شيون آنديون ڇا؟“ اسانجي نه ڪرڻ تي ٻئي پاڻ بند ڪري چيائين ”ٺيڪ آهي سامان کڻو.“ اسين سامان کڻي ٻاهر آياسين ٻاهر پوليس واري اسانکي ٽئڪسي ڪري ڏني. ميزبان جوڙي لليتا ۽ اجيت منسڪاڻي جي ائڊريس ٽئڪسي واري کي ٻڌائيسين. نيويارڪ جا ٻه رستا وڏا، ويڪرا، صاف، سنا ۽ وڻندڙ هئا. ٻليون هيٺ مٿي - ساڄي ڏائي ايندڙيون ته هيون جو سمجهه کان ٻاهر. هيترين موٽرون پي وئيون جنهن جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونه هو. پر نه گوڙ نه شور ۽ نه هارن جو آواز. ڪلاڪ ۾ اچي ٧٤ اسٽريٽ وٽ پهتاسين پر گهر ڳولهي نه سگهياسين جو اسين نوان هئاسين. ٽئڪسيءَ واري ڳالهه سمجهي ۽ چيو ته ٻئي پاسي به ٧٤ اسٽريٽ آهي. وري چڪر هڻي ٻئي پاسي ٧٤ اسٽريٽ ۾ آياسين، ڏسون ته لليتا ۽ اجيت منسڪاڻي بيٺا آهن. اسان کين اڳواٽ ئي ايئرپورٽ تان فون ڪيو هو. ٻئي ٻاڪر پائي گڏيا.

اجيت ۽ لليتا اسان کي مٿي وٺي هليا. سندن نئڙو ٻار ايڏائي سالن جو هو. جو ٻه ڏاڍو پيارو ۽ وڻندڙ هو. نالو هوس نيل. نيل پهرين ته ڌارين کي ڏسي وائڙن وانگر اسان

جـي آفيس ۾. (ويسٽرن ايئرويز هوائي ڪمپني آهي جا آمريڪا ۽ ڪئناڊا جو سفر ڪرائيندي آهي). اُتي پروڊيپ سڄو پروگرام چاڪ آئوٽ ڪيو ته. ڪٿي ڪٿي اسان کي وڃڻو آهي ۽ گهٽ پئسن ۾ ڪيئن ٽڪيٽ وٺون. آمريڪن ڇوڪريءَ ڏاڍي مناڪت ڪري سڄو پروگرام ٺاهي ڏنس (هتي انڊيا ۾ جيڪر ڪو ڳالهه ٿي نه پڇي) اُتان ٿي سڌو آياسين دادا رام جي. آڏواڻيءَ جي آفيس ۾. چاڪاڻ تـه بامبي ۾ به دادا اسانکي پروگرام ٺاهي ڏيڻ ۾ مدد ڪئي هئي. اُتي دادا رام جي. آڏواڻي کي سڄي خبرچار ڏنيسين. اُتـي دادا رام جي. آڏواڻـيءَ کي نيويارڪ ۾ تندور هوٽل آهي. جا ڪافي مشهور آهي.

دادا چيو ته ”اڄ مون ڪن دوستن کي تندور هوٽل ۾ توهان سان گڏجاڻڻ لاءِ ڊنر تي گهرايو آهي. توهين ٻئي ڄڻا لليتا ۽ اجيت سان گڏ اچجو. مون اُنهن کي به چيو آهي. اسين ٧ بجي ڪـن گهر موٽياسين. ساڍي اٺين بجي تيار ٿي اجيت ۽ لليتا سان گڏ ڪار ۾ چڙهي تندور پهتاسين. ڏاڍي شاندار هوٽل هئي. ٥٠ ڪن جـوڙا سڀ سنڌي هئا. اسانکان اهو وسري ويو ته اسين ڪو نيويارڪ ۾ آهيون. ڄڻ هندوستان ۾ دادا رام جي. آڏواڻيءَ جي شاليمار هوٽل ۾ هواسين. دادا رام جـي. آڏواڻي اسان جي سڀني سان واقفيت ڪرائي. اُتي سڀ سنڌي ڏاڍا خوش ۽ سٺيا ستابا ٿي لڳا. ٻئي ڏينهن صبوح جـو نڪتاسين. اسٽيشن جي

۾ ڏيو ڪونہ ڪندا آهن. ٽرين ۾ اڪيلي گاڏي ۾ نہ ويهجو. جتي ٻيا ماڻهو ويٺل هجن ان گاڏي ۾ ويهجو. زيور نہ پائجو وغيره. انڊيا مان، مان تہ خاص مٽيا پائي ڪونہ آئي هيس. سوچيوسين تہ ڇو نہ بس سفر ڪجي. سو سائين اچي بس اسٽاپ تي پهتاسين. بس ڊرائيور سڀ ڪارا. لنڊن ۾ بہ اهو ڊپ هو. تہ ڪارن جي ٽئڪسيءَ ۾ ڪڏهين نہ چڙهجو، پر اُتي چيني ۽ لوڪل ماڻهو ٽئڪسي ڊرائيور هئا. هتي تہ جتي ڪٿي ڪارا ئي ڪارا پئي نظر آيا. خير هڪ بس ۾ چڙهياسين. بس ۾ اندر گهڙڻ تي باڪس ۾ ڀاڙي جا پئسا وجهہ تہ بس هلي. شهر ۾ پهتاسين. پڇائيندا پڇائيندا وڃي آفيس ڳولهي لڌيسين. فارم وٺي ڀريوسين. پوءِ آفيسر انٽرويو لاءِ گهرايو. تمام فضيلت سان ٿي ڳالهايائين. ڪوسين تي ويهاري سڀ پيدا نظر مان ڪڍيائين. ايڊيٽر ڏسي ڏاڍي عزت ڏنائين ۽ ٺپو هڻي پاسپورٽ هٿ ۾ ڏنائين. اسين مهرباني مڃي ٻاهر آياسين. پوءِ ٿورو شهر جو چڪر هنيوسين. ماڻهو ڪائنڊ جا ڏاڍا ملهہ آهن. جتي ڪٿي ڪومچن ۾ هاٿ ڊاڪ رکي ويٺا هوا. ۽ سيڪو وٺي ڪائيندو پئي ويو. لنڊن ۾ بہ سيني جو سچو وقت واٽ پي هليو. وٺي ڪائيندا هلندا پي ويا. هتي بہ ساڳيو حال هو. رستن تي ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ساز ڪڍي ڳائي وڄائي رهيا هوا. ماڻهو ڪي ٻيهي ٻڌي رهيا هوا ڪي نوٽ اُڇلائي هلندا ٿي ويا.

ڪئناڊا جي ويزا وٺي سڌو آياسين ويسٽرن ايئرويز

آهن. ٻيهه، ڇٽا، کهنبيون ٻائل (اُٻاريل) ٽيل ڊبن ۾ بند ملندو. ٽماٽا ٻائل ٽيل سڄا يا ٽماٽن جي جوس ڊبن ۾ تازي ملندو. نان نرم سنا ملندو. کائڻ مهل اوون ۾ وجهي گرم ڪري مٿان مکڻ هڻي کائو. جوس جا پئڪيٽ، کير جا پئڪيٽ، آئسڪريم، ڏڌ قسمين قسمين، اناس وغيره جا جميل ملندو.

رڌڻ جي محنت ڪتي به ڪونهي. لنڊن هجي يا آمريڪا، واشنگٽن هجي يا ڪئناڊا. سيٺ ڪٽيل ٿهيل ڀاڄين جا پئڪيٽ هفتي ڪن جو مال وٺي اچي فرج ۾ رکن. اُتي جون فرجون به وڏيون شاهي آهن. جيڪي ڪپهن سو ڪڍي گرم ڪري کائين. هرهڪ گهر ۾ ڊش واشر آهيئي، آهي. پليٽون پاٽيءَ ۾ ڌوئي ڊش واشر ۾ وجهي مشين هلائي ڇڏ. ڪلاڪ ۾ پليٽون ڌوپي وڃن. آٽوميٽڪ مشين آهي پاڻيهي بند ٿي وڃي. صبوح جو کٽي کول ته سڀ پليٽون، ڪوپ سڪل. ڪڍي ڪم آڻ. نيويارڪ ۾ هيٽرس جو وڏو شاهي ڊپارٽمينٽل اسٽور آهي. دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو آهي. هر قسم جون شيون اتي موجود آهن. لفٽ ۾ چڙهي مٿي وڃ. ٨ فلورس آهن جتان سڄو نيويارڪ ڏسڻ ۾ ايندو آهي. انين لہ ٻيا به ڪيترائي ڊپارٽمينٽل اسٽورس آهن.

ٻئي ڏينهن نيويارڪ جي مکيه هنڌن ڏسڻ لاءِ بس ڪنشيسين. نيويارڪ ۾ جڳهيون وڏي ۾ وڏيون آهن. جي رات جو ڏايون شوبيڪ لڳن ٿيون. وڏي ۾ وڏي بلڊنگ

گيٽ تي ٧٠ سينٽ ٽڪيٽ جا وجهه ته راڊ پري ڪري
پليٽفارم تي پهچجي پر جي پئسا نه وجهبا ته راڊ چرندي
ئي ڪانه. اسان ئي هڪ هڪ جڻو ٧٠ سينٽ وجهندو هلندو
ويو. ٽرين هتي ئي ٽيوب ويل هئي. ٽرين جي حالت ڏاڍي
خراب هئي. ڪاري چاڪ سان اندر ۽ ٻاهر ليڪا پيا هئا.
گهڻو ڪري شيدي ۽ شيديائيون چڙهيل هئا. جنهن گاڏي
۾ ماڻهو وينل ڏسا سين ان ۾ وڃي چڙهياسين. هتي ٽرين
انڊيا وانگر يڪدم ڪانه هلندي آهي. پهرين دروازو بند
ٿيندو آهي پوءِ ٽرين چرندي آهي. اسٽيشن تي ئي پنا ۽
ڪچرو پٽ تي پيل ڏسڻ ۾ آيو. جيڪي ئي مسافر ٽرين ۾
چڙهيا ٿي تن سڀني جي هٿن ۾ ڊيلي نيوز پيپر هوندا
هئا. سڀڪو پڙهي، نيوز پيپر پا ته لهي ڊسٽ بن ۾ وجهندا
هئا يا سيٽ جي هيٺان ڇڏي ويندا هئا. شام جو ٽرين ۾
البت رش هوندي هئي. جو سڀڪو ٥ بجي گهر ڏانهن
موٽندو آهي. هر هڪ اسٽيشن تي جوس چاڪليٽن جا دٻا
رکيل هوندا هئا. جنهن کي جيڪي کپي پئسا وجهي جوس
۽ چاڪليٽ بٽڻ پريس ڪري ڪيو. ڪن اسٽيشن جي
اندر ريسٽورنٽ، سئلون، دوڪان وغيره هئا جڻ ته ڪا
مارڪيٽ آهي. پيزا عام جام هرهنڌ ملندي آهي. ميوا ۽
ڀاڄيون تازا ۽ سهڻي نموني دوڪانن تي سجايل رکيل هوا.
گروسري دوڪانن تان ساڳي ڀاڄي، گوبي، پٽاٽا، گجرون
ڪٽيل صاف سٿرا پئڪ ٿيل پلاسٽڪ ٿيلهيءَ ۾ ملنديون

جو ميوزم ڏيکاريو. جو ڏسڻ وٽان هو- ويرازانو نئرو برج آهي جا بروڪلين ۽ اسٽيٽن ٻيٽن کي ڳنڍي ٿي. اها برج تمام وڏي آهي. انجو نظارو ڏسڻ وٽان آهي. ٻارن جي وندر لاء انهيجو زو Children's Zoo پڻ سٺو آهي.

آمريڪا ۾ چرچون به جهونيون آهن. ۽ شاندار ٺهيل آهن- جن مان آهن ٽرينٽي چرچ، ڪئٿڊرل چرچ جا ٢٧ ڊسمبر ١٨٩٢ ۾ ٺهي هئي. سينٽ پيٽرڪ ڪئٿڊرل چرچ، ريورسائيڊ چرچ.

ناٽڪن جا هال ۽ سئنيما هال به گهڻا لنڪن سينٽر جي ٦۴ اسٽريٽ ۽ براڊوي ۾ آهن.

چينا ٽائون -

چينا جتي ڪٿي پنهنجون ڪالونيون ٺاهي وينا آهن. لنڊن ۾ به چينا ٽائون هو. نيويارڪ ۾ به چينا ٽائون آهي. اتي هنن هڪ ننڍڙو ٻڌ ڀڳوان جو مندر به ٺاهيو آهي. دوڪان ۽ ريسٽارنٽون به جام آهن. گهڻا چينا ٽئڪسيون، ريسٽارنٽون ۽ گهرو هنرن چيني سامان جو نيڪال ڪن.

ڪارن جي ڪالوني به آهي. اسان اتي ڏٺو ته گهڻن گهرن کي باهيون ڏنل هيون. پڇڻ تي ٻڌايو ويو ته هو ٽئڪس ڀرڻ کان بچڻ لاء گهرن کي باهيون ڏين ۽ ان کانسواءِ بي روزگاريءَ جو فائدو وٺڻ لاء سرڪار کان پينشن به وٺن. چو ته آمريڪا ۾ جيڪي بي روزگار هوندا آهن انهن کي سرڪار هر هفتي چڱي پينشن ڏيندي آهي. آمريڪا ۾ گهڻا

امپائر اسٽيٽ جي بلڊنگ آهي جا ۱۰۲ ماڙ آهي. جا ففٿ ايونيو جي ۳۴ اسٽريٽ ۾ آهي. دنيا ڀر جا سيلاني ۽ ٻيا هيءَ بلڊنگ ڏسڻ ايندا آهن. اٺ اٺ لفٽون آهن. اها بلڊنگ ڏسڻ جي به ٽڪيٽ الڳ آهي. مٿي وڃي ته بلڊنگ جي پڇاڙي فلور تي چوڌاري کليل اڱڻ وانگر آهي وچ ۾ ريسٽارنٽ ۽ ناولٽيز جا دوڪان، فوٽيگرافر جا دوڪان وغيره آهن. چوڌاري ٽيلسڪوپ رکيل آهن. جن ۾ پئسن وجهڻ سان سڄي نيويارڪ جو نظارو ڏسي سگهجي ٿو.

سٽي هال پارڪ روڊ براڊوي ۾ آهي. لبرٽي پتلو ڏسڻ وياسين جو نيويارڪ جي بندر ۾ هڪ ٻيٽ تي آهي. اسان کي بندر تان جهاز ۾ چاڙهي وٺي هليا. وڏو باغيچو آهي. دوڪان آهن ۽ دنيا ۾ وڏي ۾ وڏو پتلو لبرٽيءَ آزاديءَ جو آهي. جو جارج واشنگٽن ٺهرايو هو. ۽ ڇيو هو ته هرهڪ انسان کي ۽ ملڪ کي آزاد رهڻ جو پورو حق آهي. اسين لفٽ ۾ مٿي وياسين. اهو ڏسڻ وٽان آهي. اتي مورتن جا نمائش به آهن. هن نمائش ۾ آمريڪا جي گذريل پريزيڊنٽن جا فوٽا آهن. ٻئي ۾ هٿيار آهن. ٽئين ۾ ڏيکاريل آهي ته انگريز آمريڪا ۾ ڪيئن آيا. ان کانپوءِ وري شهر ۾ جهاز ۾ موٽي آياسين. بس واري اولڊ ڪسٽم هائوس، ۲۸ وال اسٽريٽ ۾ ڏيکاريو. ان کانسواءِ ايلس ٻيٽ ڏيکاريو جنهن ۾ شاندار باغ ۽ جگهيون هيون. سينٽر پارڪ ۽ جانورن جو باغ ڏيکاريو. گرائنڊ آرمي پلازا ڏيکاريو. فرئنڪ لائبرانيٽ

پائونڊ ۽ آمريڪا ۾ ڊالر ٿا خرچين. منهنجي نيل پالش خلاص ٿي ويئي. اسين هڪ وڏي ڊپارٽمينٽل اسٽور تي وياسين. پرديپ مون کي چيو ته ممي هتي سنيون شيون ملنديون. مون هڪ نيل پالش ورتي. سيلس گرل چيو ته ٥ ڊالر. مون رکو پنج ڏنا. پرديپ يڪدم وٺي مون کي ڏني. مون چيو ته هندوستان ۾ نئي ۽ پنجين روپئي ۾ آهي. هيءَ فارين جي ٥ روپئي ۾ نيل پالش تمام سستي ٿي. چو ته مون کي روپئي ۽ ڊالر جي اگهه جو خيال ڪونه پيو. ان تي شوي لعلواڻيءَ کلي چيو ”ته هيءَ لنهنجي نيل پالش پنجين روپئي ۾ ڪونه آهي. پر ان لاءِ پنجاهه روپيا پرديپ ڏنا. چو ته هڪ ڊالر ڏهن روپين جي برابر آهي. منهنجون ته اهو ٻڌي وايون وڙيون ني ونيون. ته چا هي نيل پالش ٥٠ روپئي ۾ آهي. ان کان هندوستان ۾ گهڻو سستي آهي. ان ڪانپوءِ جتي به خريداريءَ لاءِ ويندي هيس ته ڊالرن ۽ پائونڊن کي روپئي ۾ بدلي حساب ڪري ڏسندي هئس ته هندوستان ۾ سستي آهي يا هتي. حقيقت ۾ هندوستان ۾ وڌيڪ سستائي آهي. پر اتي جي رهاڪن لاءِ اُتي سستائي آهي. چو ته هو ڊالرن ۽ پائونڊن ۾ نا جام ناڻو ڪمائين. ۽ اهي سمجهن ٿا ته ڊالر ۽ پائونڊ روپين جي برابر آهن. پرديپ ان ڪري جيڪي ونندو هو يا هوٽلن وغيره ۾ خرچ ڪندو هو ته ٻڌائيندو ڪونه هو ته گهڻو خرچ ڪيو اٿس.

ڏوهاري ڪارا ريڊ انڊين آهن. اهي سڀ ڏينهن رات پوليس وٽين چڪر پيئي هٽي. ماڻهن ۾ ڊپ ڦر جو گهٽو آهي. اسان هڪ آفيس ۾ ڪنهن ڪم سان گڏجڻ وياسين ۽ ڏٺوسين ته در بند ڪري ويٺا هئا. بيل وڄايوسين ته ان نعڍڙي دريءَ کولي اسان کي ڏسي در کوليائون. چيائون ته ڪارن جي ڊپ ڪري دروازا ڪونه کوليون. ڇو ته هو گهري اچن. ڦرلٽ ڪن. ماڻهو انهن مارين جڇ ته ڪتو مٺو آهي.

اخبارون

اتي روزانيون اخبارون اسانجي پارٽ جيون ۽ بلز سائيز والگر نڪرن- پر روزانو ١٠٠ پيجن کان مٿي هوندي آهي ۽ آرتوار ڏينهن ته سوا سؤ کان ٻن سؤن تائين پيج هوندي آهي. قيمت ٧٥ سينٽ کان هڪ ڊالر تائين هوندي آهي. يعني ١٠ روپيا اخبار جي قيمت. اهي روزانيون گهٽيون اخبارون نڪرن ٿيون. مٽڪي جي جوا ب جام هلي ٿي. اسٽار ڊسٽ جي فارين ايڊيشن به اهي نڪري ٿي. هتان جيڪي ب فلمي اسٽارس ۽ سنگيت ڪلاڪار آمريڪا ۾ وڃن ٿا ته انهن جو پروگرام هالن ۾ رکن ٿا ۽ سعدن ٽي.وي لي انٽرويو وٺن ٿا.

ڊالر، پائونڊ ۽ روپئي جي قيمت

اسان جيئن هندوستان ۾ روپيا ٿا خرچيون تيئن لنڊن ۾

بڪنگھام پيلس جي ٻاهران: ساڄي پرديپ، شيلا لعلواڻي ۽ بال واڌواڻي.



ساڄي کان جھ جڳتياڻي، رمي سنڌس پٽ، لعلواڻي، شيلا ۽ ٻان جھ جي ڏرميتني (واشنگٽن ۾).

ٽي ڏينهن نيو يارڪ ۾ رهياسين ۽ هاڻ پروگرام واشنگٽن ڏانهن وڃڻ جو هو. ان ڪري واشنگٽن ڏانهن وڃڻ جي تياري ڪئيسين. اهو آرتوار جو ڏينهن هو. اجيت کي موڪل هئي. لليتا، اجيت ۽ نيل اسانکي ايئر پورٽ تي ڇڏڻ آيا هڪبئي سان ڀاڪر پاتي، نيل ٽاٽا ڪئي ۽ اسين ايئر پورٽ ۾ گهڙياسين. ايسٽرن ايئر لائينس جي ڪائونٽر تي آياسين. ڪائونٽر تي هڪ آمريڪن ڇوڪري هئي جنهن اسان جا پاسپورٽ ڏٺا ۽ سامان ورتو. اسين وڏي هال ۾ اچي پهتاسين- جتان ۱۰ منٽن ۾ اسان جو جهاز پر ڪري اُڏاڻو.

واشنگٽن

واشنگٽن ۾ منهنجو ڀائٽيو هن جڳتياڻي رهندو آهي. جنهن جي زال آمريڪن آهي. کيس ٽي پٽ آهن. جيئن هن کي خبر پيئي ته اسين نيويارڪ پهچي ويا آهيون ته ٽرنڪ ڪال مٿان ٽرنڪ ڪال ڪرڻ لڳو ته جلدي اچو. هن کي گڏجي ڪافي سال ٿي ويا هوا. سو هن کي ڏاڍي آتورائي هئي ته اسين جلدي واشنگٽن اچون. نيويارڪ ۽ واشنگٽن ۾ ڪلاڪ جو پنڌ آهي. اسين 11 بجي واشنگٽن پهتاسين. جهاز مان لهي لگيج ڪليڪٽ ڪري، ٻاهر آياسين ته ڏسون ته سامهون هن پنهنجي ٻئي نمبر پٽ سان بيٺو آهي. اسان سمجهو ته هتي ڪا سامان جي چيڪنگ هوندي پر سڀڪو سامان کڻي ٻاهر نڪرندو ويو. هن اسان کي پهرين ته پيرين پيو ۽ پوءِ ڀاڪر پائي چنبڙي پيو. هن جنارڻ پٽ کي چيو ته آنٽي ۽ انڪل کي پيرين پئو. هو ٻن سالن جو ٻار ڏاڍي سٺي نموني پيرين پيو اسان کڻي ڀاڪر ۾ پريس. سهڻو ليريون اکيون. صفا آمريڪن. پوءِ اسين سامان کڻي اچي ڪار ۾ ويٺاسين. مون چوڌاري نظر ڦيرائي ته هتي به ڏاڍي صفائي هئي، وڏا ويڪرا رستا. رستن جي پاسن کان ڊگها ساوا وڻ. ڪار هوا سان ڳالهيون ڪندي اڏامڻ لڳي. رستن تي سهڻا، اڇا بنگلا هوا. مٿان پليون جسام هيون، جتان ڪارس ڏوم سان ڊوڙي رهيون

ٽورنٽو ۾ نائگرا فالس ساڄي متو جهانگياڻي، سونو، منيشا سشيلا لعلواڻي، رمو جهانگياڻي.



سينگاپور ائرپورٽ چانگي تي: ساڄي کشو (گلوب اسٽورس ڪولمبو) جيتانند لعلواڻي، سروج، پرديپ، مسز کشو ۽ سشيلا.

PALMYRA', 21st Road,
BOMBAY-400 050

هونءَ ته اسان جا گهر سڄا شيشن جي درين سان بند ٿا رهن. ڊائننگ هال مان هيٺ ڏاڪڻ هئي جتي جنهن بار ٺاهي هئي. جتي قسمين قسمين شراب جون بوتلون هيون. بار جي پاسي کان لانڊري روم ۽ تنهن کانپوءِ گيريج. وري ڊرائينگ روم جي ساڄي پاسي ٻه بيڊ رومس ۽ باٿ روم هو هڪ ۾ جنهن ۽ ڊائنا ۽ ٻي روم سندس وڏي پٽ رٽي جي هئي. اُتان وري ڏاڪڻ مٿي هئي جتي اسان لاءِ رهڻ جو بندوبست ڪيو ويو هو. مٿي هڪ روم ۾ پرديپ جو بندوبست ٿيل هو ۽ ٻيءَ روم ۾ اسانجو جتي باٿ روم اٽيچ هو. ٽي. وي، ٽيليفون وغيره. ولايت ۾ سيني وٽ وال ٽ وال غاليچا پيل هوندا آهن. باٿ روم ۾ به غاليچا وڇايل هوندا آهن. باٿ روم ۾ ٽب پيل هوندو آهي. جنهنجي چوڌاري شيشن جون پٽيون هونديون آهن جيئن پاڻي ٻاهر غاليچي تي نه ڪري. ڇاڪاڻ ته اُتي برف پوندي آهي ۽ ڪافي ٿڌ ٿيندي آهي. ان ڪري پير پٽ تي رکي ڪونه سگهبو آهي ۽ سڄي گهر ۾ هيٽرس لڳل هوندا آهن جي ٿڌ ۾ هلائيندا آهن. لنچ کائي اسين واشنگٽن گهمڻ نڪتاسين.

ولائت ۾ هرهڪ کي ٻه ٻه ڪارون آهن. جنهن کي ٻه ٻه ڪارون هيون. هڪ زال لاءِ ۽ هڪ سندس لاءِ. ڊائنا ٻه وڏي اسپتال ۾ هيڊ نرس آهي. پر ڊليوري ڪري موڪل تي هئي. جنهن ڪار ڪڍي. ڪار اسان کي ڪٿي واشنگٽن جا وڏا رستا ۽ پلون لتاڙي وائيٽ هائوس ۾ وٺي آيو. وائيٽ

هيون. نڪو هارن، نڪو دونهون هو. رستي جون سگنل بتيون هتي هندوستان وانگر زمين تي کوڙيل ڪونه هيون پر مٿان لٽڪي رهيون هيون جو پريان ئي خبر پوي ته ڳاڙهي بتي آهي يا سائي. ڇاڪاڻ ته ولايت ۾ ڪارس ڏاڍيون لڪيون هلنديون آهن. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ ڪار اچي هڪ سهڻي بنگلي وٽ بيٺي. جنه ڪمپنيءَ سان در کوليو. سهڻي ڊرائينگ روم ۾ ڊائنا (مسز جگتاڻي) ننڍڙي ۱۵ ڏينهن جي ڇاول پٽ کي هنج ۾ کڻي ويٺي هئي اسانجي انتظار ۾. اسان کي اندر گهڙندو ڏسي يڪدم اٿي ڏاڍا وڻي ڀاڪر پاتائين ۽ ڪس ڪيائين. ڊائنا هڪ دفعو انڊيا مان ٿي ويئي آهي. ان ڪري اسين سندس لاءِ اڻ سڃاتل ڪونه هواسين. جنه اسان جو سامان کڻي مٿي رکي آيو. اسين بوٽ ۽ اوورڪوٽ لاهي ٺهي ٺڪي ويٺاسين. جنه يڪدم وڃي ڪافي ٺاهي آيو ۽ پوڊيپ، اسانکي ۽ ڊائنا کي ڏنائين. ڊائنا چيو ته مون اڄ توهان لاءِ سنڌي لنچ ٺاهي رکي آهي. مون کيس چيو ته تو ڇو ويهي تڪليف ڪئي آهي مان پاڻيهي اچي ٺاهيان ها. ڊائنا ڏاڍو پيار سان جواب ڏنو ته ڪائي ڏسجو ته ٺاهڻ آئي آهي يا نه. جنه پوءِ اسان کي پنهنجو گهر ڏيکاريو. ڊرائينگ روم جي ڏائي پاسي ڊائنينگ هال هو تنهن جي پرسان ڪچن. ڪچن مان لونج ڏانهن در هو. جتان گارڊن هو. جنه چيو ته اسين صبح جي چانهه هتي لونج ۾ پيئندا آهيون ۽ تازي هوا کائيندا آهيون

جو آفيسر هو. کين سرڪار پاران بنگلو مليل هو. جڏهن وقت اٽڪل ۱۸ سالن جو هو. کيس شونق لڳو ته هو ولائت هانگ ڪانگ وڃي. جيئن تيئن پاسپورٽ ڪڍايائين پر ويزا ڪو نه ملي. ان وچ ۾ کيس هڪ ٺڳ دلال ڳڌو. جنهن کيس ويزا جو آسرو ڏيئي گوئا جي پارٽيءَ جي جهاز ۾ وٺي ويو ته اتان توکي هانگ ڪانگ موڪليندس. گوئا ۾ هڪ هوٽل ۾ وڃي رهيا. ٺڳ سندس پئسا کڻي گم ٿي ويو. هوٽل جو بل چڙهي ويو. ۽ هوٽل وارو بل بنا کيس ڇڏيئي نه. هن اتان اسان کي ٽرنڪ ڪال ڪئي. لعلواڻيءَ هوٽل واري سان ڳالهايو ۽ کيس پئسا موڪليا ويا. جتان هو بامبي ۾ واپس آيو. وري ٻئي ڪنهن سان بندوبست ڪري هانگ ڪانگ ويو. اتي هڪ فرم جي پاران ويٽنام ۾ لڙائي جي وقت ويو جو ڪوبه اتي وڃڻ لاءِ تيار ڪو نه هو. ويٽنام ۾ دوڪان تي آمريڪن آفيسر ايندا هئس انهن سان دوستي رکي آمريڪا جي ملٽريءَ ۾ ڀرتي ٿي آمريڪا ويو. آمريڪا ۾ ته ويو پر اتي گرين ڪارڊ يا سٽيزن جو سرٽيفڪيٽ کيس ڪو نه هو. رڳو آمريڪن ملٽريءَ جي ڀرتيءَ جو آرڊر هو. اتي هن سخت جيون گذاري. انجنيري پڙهيو. آمريڪا جي سرڪار تي گرين ڪارڊ ۽ سٽيزن شپ لاءِ ڪيس ڪيائين. اسپتال ۾ بيمار ٿي ڀرتي ٿيو. اتي سندس نظرداري ڊائنا نرس ڪئي. ٻنهي جو پيار ٿيو. شادي ڪيائون. ڪورٽ ۾ ڪيس کٽيائين ۽ آخر کيس سٽيزن شپ ملي. هينئر هو

هائوس کان اڳ ڪيترائي بنگلا هئا. هڪ وڏو شاهي ميوزم هو. ڇوڏاري وڏا گرائونڊ باغ ۽ ڦوهارا هئا. باغ ۾ هر ڪلاڪ ٻي کان پوءِ ملٽري بئنڊ پئي هلي. وائيٽ هائوس جي ڪمپائونڊ ۾ وياسين. اڇي پٿر جو سنگمرمر وانگر گنبذ سان ٺهيل هو. پاسي ۾ شاهي پارليمينٽ (ڪائونسل هال) هو جتي سڀ ميمبر سيشن مهل گڏ با هئا. سامهون هڪ شاندار بنگلو هو جتي چيائون ته ٻاهران پرائيم منسٽر يا پردان منتري ايندا آهن ته انهن کي رهايو ويندو آهي. جڏهين شريمتي اندرا گانڌي آمريڪا ۾ ويئي هئي ته اتي رهي هئي. شريمتي اندرا گانڌي نيو يارڪ کان هيليڪاپٽر ۾ سڌو وائيٽ هائوس جي ڪمپائونڊ ۾ وڃي لٿي هئي. جتي آمريڪن پريزيڊنٽ ريگن سندس سواگت ڪيو هو.

ان ڪانپوءِ شاندار ميوزم ۽ آرٽ گئلري ڏسڻ وياسين. رات جو هڪ شاندار هوٽل ۾ کاڌو کاڌوسين. جتي ٻارن لاءِ وندر جو سامان موجود هو. ٻار وڃي اتي راند ڪرڻ لڳا. ۽ اسين ٽيبل تي يٽ شمٽ هڻڻ لڳاسين جيستائين کاڌو اچي. اتي پيزا جو گهڻو رواج آهي. کاڌي کائڻ کانپوءِ اٽڪل ڏهين بجي گهر واپس آياسين.

هڪ ٻئي کان حال احوال وٺوسين رات جو هڪ اچي لڳو. مون کي پوري ننڊ نه آئي ڇو ته منهنجي اڳيان جنم جي زندگي ننڍي هوندي جي ڦرڻ لڳي. منهنجو ڀاءُ ۽ ڀاڄائي الهاس نگر ۾ رهندا هئا. منهنجو ڀاءُ وي ٽي سي

ٻڳن ۾ چيڪلا ٽين يا ٽرالي ٿئي جنهن ۾ سامان پاڻ کڻڻو پوندو آهي.

واشنگٽن ۾ باداميون سستون آهن. هتي باداميون جيڪي سوا سؤ ڏيڍ سؤ روپئي ڪلو آهن اُتي اٽڪل ٤٠ يا ٤٤ روپئي ڪلو ملن. پستا به هتي ٻه اڍائي سؤ روپئي ڪلو آهن ته اتي ٦٠ يا ٧٠ روپئي ڪلو وڃي پون. دل ته گهڻي ٿي ته باداميون ۽ پستا وٺجن پر بوجي جي خيال کان اهو خيال لاهڻو پيو. ساڳيون انگلنڊ ۽ نيويارڪ کان هتي سستيون هيون- هتي هندوستاني بزار آهي جتي هندوستانين جا دوڪان ڪپڙي، اليڪٽرانڪس کان وٺي ويندي گروسري تائين آهن. هتي توهان کي پاپڙ، ڪچريون، آچار، داليون، ڀاڄيون، بيهه، کهنبيون ڊبن ۾ يا سنئي پيڪنگ ۾ ملنديون. بانسپتي چانور به توهان کي هتي سستا ملندا.

ريڊي ميڊ ڪپڙا ته هتي جام ملندا آهن- کهڙي به ماپ جو توهان کي گهرجي ته تيار ملندو. چينيءَ جو سامان، شيشي ۽ ڪٽلريءَ جو سامان، چادرون، غاليچا جا ته سهڻا ۽ سندر هئا. دل پئي ٿئي ته وٺجي. پر ڪسٽم جو خيال ايندي ئي سڀ ڇڏڻو پيو. منجهند جو ماني سائوٿ انڊين هوٽل ۾ کاڌيسين. کاڌو اهڙو سٺو ڪونه هو جهڙو بامبي يا هندوستان ۾ هوندو آهي. پر واشنگٽن لاءِ سٺو هو. ان هوٽل هلائيندڙ هڪ فئملي هئي. زال مڙس ۽ پٽ. پٽ سروس جو ڪم ڪري زال ۽ مڙس کاڌي ٺاهڻ جو، ۽ اهڙي طرح

واشنگٽن جي انجنيرنگ ڪاليج جو پروفيسر آهي ۽ تمام سٺو ڳالهائيندڙ آهي. اهو ٻڌي نهايت خوشي ٿي ته تمام سٺو ڳڀار انس.

اسين جڏهين سندس بار ڏسڻ وياسين ته طرح طرح جا شراب اٽڪل ٥٠ کن بائليون رکيون هيون. ڳالهه ڪيائين ته مان شراب ڪونه پيئان- هي رکيا اٿم جو مون وٽ مهمان ايندا آهن، انهن کي پيئاريندو آهيان.

ٻئي ڏينهن وري صبوح جو نيرن ڪري وري شهر ۾ گهمڻ نڪتاسين. هن دائما زال کي چيو ته ڏينهن جو اسين کاڌو هندوستاني هوٽل ۾ کائيندا سين. واشنگٽن ۾ هندوستاني هوٽلون آهن جي گهڻو ڪري پنجابي يا سائوٿ انڊين هلائين. مهانگيون آهن. اتي کن ڊپارٽمينٽ اسٽورس ڏي وٺي هليو. جتي سيل لڳو پيو هو. وڏا ڊپارٽمينٽل اسٽورس آهن جتي سڀئي ڪان وٺي بوٽ تائين مال ٿي مليو. زبردست رش لڳي پيئي هئي. اتي ڪيترائي پنهنجا سنڌي گڏيا. جن اسان کي نيعب ڏني ته اسان وٽ اچو. پر جيئن ته اسين رڳو واشنگٽن ۾ ٽي ڏينهن رهڻا هئاسين ان ڪري ڪانئن معافي وٺي موڪلايوسين.

ڊپارٽمينٽس اسٽورس ۾ سٺيون ناولٽيز هيون ۽ سٺيون شيون هيون پر اسانجي هندوستاني اگهن کان مهانگيون هيون. وري اسان کي ڪيترن ٻين شهرن ۾ به وڃڻو هو سو ٿالي ماٺو ٿوري خريداري ڪئيسين. ڇو ته ولائت ۾ سامان پنهنجو پاڻ کڻڻو پوي ٿو. اتي ڪولي ڪونهن. گهڻو ڪري

ان ڪري شين جا اگهه گهٽ ٿيندا ٿا وڃن. موٽرن جا اگهه ٢٥ کان ٤٠ سيڪڙو گهٽ ٿي ويا آهن. اتي ٽي. وي توهان جي خراب ٿئي ته مڪئنيڪ ايڏي چارج ڪندو جيترا توهين نئين ٽي. وي وٺڻ ۾ پئسا خرچ ڪندا. ان ڪري ٽي. وي يا ڪبٽ، فرنيچر ۽ گهڙيال وغيره خراب ٿئي ته ٻاهر ڪڍي رکن. ٻئي ڏينهن صبوح جو ميونسپل وارا کڻي ويندا آهن.

جڏهن ڳالهه ڪئي ته هتي موٽر تمام سيبالي هلائڻي پوندي آهي. ڊرائيور کي ۽ اڳين سيٽ واري کي بيلٽ پائڻي پوندي آهي. چيائين هڪ دفعي مان ڪار ۾ وينو هوس ۽ ڪار بيٺي هئي ته ٻي ڪار اچي ٽڪر هنيو جنهنڪري مونکي پٺيان ڪنڌ ۾ ڏک لڳو. مون پنهنجي وڪيل سان ڳالهه ڪئي. هن يڪدم ڪار واري تي ڪورٽ ۾ هڪ لک ڊالرن جي دعوي منهنجي بدران ڪئي. ۽ مون کي چيائين ته توکان في ڪونه وٺندس پر جيڪي پئسا توکي ملن انهن جو ٢٥ سيڪڙو في ۾ ڏج جو مون قبول ڪيو. ڪيس هليو جج ڪار واري تي ٥٠ هزار پائونڊ ڏنڊ وڌو ۽ اهي پئسا مون کي ڏنا. جنهن مان مون سايا ١٢ هزار ڊالر وڪيل کي ڏنا ۽ باقي مون کنيا.

هندوستان ۾ ڪارس وارا ۽ خاص ڪري ٽئڪسين وارا ۽ بس ۽ ٽرڪن وارا ته جاڻي واڻي ڪارس کي ٽڪر هڻندا آهن. ڪيترا ماڻهو ڪارس جي هيٺان مري ويندا آهن.

هو هوٽل هلائي رهيا هئا. ڳالهه ڪيائون ته واشنگٽن ۾ ٢٠ سالن کان آهيون. ڪين شاندار بنگلو ۽ ڪار به آهي. انسان محنت ڪري ته ڇا نه ٿو ڪري سگهي. رڳو وشواس ۽ ايمانداري هجي.

شام جو ٿڪجي گهر ۾ پهتاسين. اُتي ڊائنا چانهه ۽ سنيڪس ڏنا. چانهه پي ڪجهه وقت ڳالهين ۾ ڪجهه وقت ٽي. وي ڏسڻ ۾ ويو. اُتي هتي وانگر ديگڙا ڪونه پچن. رات جي ماني هلڪي ۽ صحت بخش کائين.

ٻئي ڏينهن صبوح جو وري نيرن ڪري ڊائنا کي ٻاهر ڪاڍي جو ڇٽي اسين نڪتاسين. واشنگٽن جو زو ڏسڻ. کان ڊپارٽمينٽل اسٽورس ۾ وياسين. واشنگٽن ۾ به شيدين جون جدا جايون آهن - پر اهي اهڙيون صفا ڪونه هيون - انهن مان ڪن، ٻاهر ڪرسيون وجهي ويٺي يمت شمت هئيا. هتي به ماڻهن ۾ ڪارن جو تورو ڊپ هو. شيدين کي سندن ايراضيءَ ۾ پنهنجا هرڪنهن قسم جا دوڪان آهن جي شيدي هلائين. ڪن هنڌن تي اسان ڏٺو ته اپ ٽو ڊيٽ ڇوڪريون جوان ميڪ اپ ڪيو هڪ ٻئي کان هٽي بيٺيون هيون - اسان سمجهو ته هو رستو ڪراس ڪرڻ لاءِ بيٺيون آهن - انهن سان ڪن ماڻهن ويٺي ڳالهايو- جنهن ڳالهه ڪئي ته هي پراسٽ (ويشائون) آهن- جي ڇوڪري پڪڙيل آهن- گهڻا ابوجهه ڦاسندا آهن- آمريڪا ۾ جنهي به ڪو بي روزگار هوندو آهي ته سرڪار ان کي هفتيوار پينشن ڏيندي آهي. آمريڪا ۾ به هينئر ايڪانامي حالتون ڪجهه خراب آهن.

مائٽ انهن کي پنهنجي پهنديءَ آهر اهـي رانديڪا وٺي ڏين. جن سان ٻار پاڻ کي وندرائيندا آهن.

جڏهن وٽ ڏٺوسين تـه هڪ وڏي روم رانديڪن سان ڀريل پيئي هئي. طرحين طرحين جا رانديڪا. ڇپائين تـه روز ٻارن کي نوان نوان رانديڪا جيئن ٽي. وي. ۾ ٿا ڏسن گهرن ٿا. سي وٺي اچان. نوان اچن تـه اڳين کي هٿ ڪونه لاهين. توهين ڪٿي ڪٿي ٻال مندر ۾ ڏٺـو. اسان ڪيس جواب ڏنو. ڇو تـه اسان کي اڃا ٻه چار شهر ٻيا ڏسڻا هئا. هندوستان جي ٻال مندرن ۾ اهڙا رانديڪا هجن تـه ٻار تمام گهڻو خوش ٿين.

رات جـو روح رهاڻ ڪري دير سان سمهياسين ۽ ٻئي ڏينهن صبوح جو سويل نـي ڪئناڊا ٽورنٽو ۾ وڃڻو هو. ۽ اسانجي ٽڪيٽ بوڪ ٿيل هئي. صبوح جو اُٿي سنان پاڻي ڪري نيرن ڪري ڪار ۾ سوار ٿياسين. جڏهن اسانکي هوائي بندر تي ڇڏڻ آيو. جهاز ١١ ٻجي صبوح جو ڇٽڻو هـو. سيٺي کان موڪلائي، ڪسٽمر مان ٿي اچي جهاز ۾ چڙهياسين ۽ واشنگٽن جون مٺيون يادگيريون کڻي آياسين.

ڪيترا ڪارس ۽ بسون ٽڪريون هلائي گم ٿي ويندا آهن
جي ڪو قاعدو نه مشڪل سان مئل ماڻهوءَ جي مائٽن کي
ٻه ٽي هزار ڀرڻ پوندا آهن.

هندستان جي وڏن شهرن ۾ جايون مسواڙ تي ملڻ
مشڪل آهن. انهيءَ ڪري جهوپڙپٽين جو آزار دن بدن
وڃي ٿو وڌندو. شهر جو آدم ۲۰ لک هوندو ته اُن مان
گهٽ ۾ گهٽ ۲۵ سيڪڙو آدم جهوپڙپٽين ۾ رهندڙ هوندو.
پر ولائت ۾، آمريڪا ۾، يا يورپ ۾ ائين ڪونهي. اتي
توهان ڏسندا ته ڪيترن جاين ۽ بنگلن تي ٽوليٽ Tolet
يعني مسواڙ تي بورڊ لڳل آهن. جيڪي نوڪري ۾ ۽ واپاري
آهن تن کي بئنڪون لون ڏينديون آهن ته پنهنجي
جاءِ يا بنگلو خريد ڪريو. ۽ کين ان لاءِ سوليون قسطون
ڏيڻيون پونديون آهن. توهان کي ڪا به شيءِ کپي ته توهان
کي قسطن تي ملي سگهندي. ڪار، فرنيچر وغيره سڀ
مسواڙ تي يا قسطن تي خريد ڪري سگهو ٿا. پر هندستان
۾ اهي سهولتيون گهٽ آهن يا ائين چئجي ته نه برابر آهي.

ولائت ۾ هندستاني ٽوڙي اتي جا رهاڪو ٻارن جو
گهڻو ڌيان رکن. هنن جا ٻار ننڍڙيئي هوشيار ۽ چالاڪ آهن.
ٽي. وي تي خاص هڪ چئنيل تان ٻارن جو پروگرام ايندو
آهي. ان پروگرام ۾ ٻارن جي وندر ۽ سکيا لاءِ ڪيترن ئي
قسمن جا رانديڪا ڏيکاريا ويندا آهن، ۽ انهن جا اشتهار
پوندا آهن ته ڪٿان ملندا. ٻارن کي خوش ڪرڻ لاءِ پوءِ

اُن در ڪان ٻاهر نڪتاسين، ته سامهون منو (موهن) جهانگياڻي (منهنجو ڀاڻيجو) سندس ڌرمپتني رمو، ۽ سندس ٽي ٻار، سونو، منيشا ۽ پنيتا بيٺا هوا. اسانکي ايندو ڏسي منوءَ ڊوڙي اچي ڀاڪر ۾ پيو ۽ پوءِ پيري پيو. لعلواڻيءَ کي به پيرين پيو. رمو به ڏاڍا ڀاڪر پاتا. منو ۽ رمو ٻارن سميت ٻي ٽي سالين بامبي ۾ پيا ايندا آهن. جو منهنجي ڀيڻ ۽ اُن جي باقي فئملي بامبي ۾ رهندا آهن. ٻارن کي به اسان ڏاڍا ڀاڪر پاتا، ته پاڻ وري اسانکي ڪسز ٻي ڏنائون. اُني ٻارن ۾ ڏاڍو پيار آهي ڇاڪاڻ ته هو پنهنجن مٽن مائٽن کان پري آهن ۽ سڪايل آهن. منوءَ جو گهر ايئرپورٽ کان ڪافي پري هو. ڪلاڪ ڪن ته واهه جو پهچڻ ۾ لڳو پر هتي به رستا وڏا، ويڪرا ۽ صاف سٿرا هئا. پر بتين ۽ ٻجلين سان جڳمڳائي رهيا هئا. منوءَ جو به بنگلو ڏاڍو سهڻو هو. پهرين اڳيان گئريج هئي جتي ڪار پارڪ ڪري، سامان ڪڍي اندر گهر ۾ گهڙياسين. ساڄي پاسي سيٽنگ روم ڏاڍي سٺي نموني سجايل هئي. اها پار ڪري آياسين ڊائيننگ هال ۾. شيشي جي سهڻن درن تي جاريءَ جا سنهرا پردا لٽڪي رهيا هئا. جتان ٻاهر گارڊن جا سهڻا ساوا وڻ نظر اچي رهيا هوا. ڊرائيننگ روم مان به گارڊن ڏانهن در ٿي ويو. ڏاڪڻ مٿي ٿي وڃي جتي ٽي بيڊ رومس هوا. هڪ منو ۽ رموءَ لاءِ، هڪ سونوءَ لاءِ ۽ هڪ بيڊ روم منيشا ۽ پنيتا لاءِ. وري ڏاڪڻ هيٺ لٿاسين ته ڊائيننگ هال جي پاسي کان ٻي

ڪئناڊا - ٽورنٽو

هسٽري ۾ ڪتابن ۾ تـوڙي انگريزي فلمن ۾ نائگريا فالس بابت ڏاڍو ٻڌو هوسين. ننڍڙي ئي دل هئي ته جي دنيا جي مسافريءَ تي نڪريو ته ڪئناڊا وڃي نائگريا فالس ضرور ڏسبو. آمريڪا ۾ آياسين ته دل ٿي ته ڪئناڊا پاسي ۾ آهي. اتي منهنجو ڀاڻيجو موهن جهانگياڻي فئمليءَ سان آهي. ڇو نه اتي ٽورنٽو ۾ هلجي ۽ نائگريا فالس به ڏسجي ان ڪري اهو پروگرام رکيوسين.

واشنگٽن مان صبوح جو ١١ بجي نڪتاسين. شام جو ٦ بجي ٽورنٽو ۾ پهتاسين. جهاز مـان سڀ شهر ڏاڍا سهڻا سنا، ساوڪ سان سرسبز ٽيل ۽ بتين بجلين سان جڳمڳائيندڙ ڏسڻ ۾ ايندا آهن. موٽرن جـون قطارون جهاز مـان ائين لڳنديون آهن جڻ ته رانديڪا آهن، جي چاٻي لڳائڻ سان ور وڪڙ رستن ۽ پلين تي ڊوڙي رهيا آهن. جهاز زمين تي پهچي پـيو ڪوڙيا ته اسين به اُٿي کـڙا ٿياسين. سامـان سنڀاليوسين. پـرديپ اسانکي ڪجهه به کڻڻ ڪونه ڏيندو هو. هڪ بئگ ۽ ٿيلو ننڍڙي ٽراليءَ ۾ رکي ٻاهر نڪتاسين. سڀ مسافـر هڪٻئي پٺيان ائين هلي رهيا هواسين جڻ ته اسين سڀ هڪ زنجير ۾ ٻڌل آهيون. سڌو اچـي وڏي هـال ۾ پهتاسين. جتي بئگون پي ڦريون. پرديپ بئگون کڻي ٽراليءَ ۾ رکيون ۽ جتان ٻيا مسافـر نڪري رهيا هئا،

ويٺي هئي. جنهن جو هن ويڊيو ڪئسيٽ ڪئي هئي- جا اسان کي ڏيکاريائين - چيائين ڪڏهين ٽي وي تي سنڌي اناؤنسر به ايندئون آهن - ان ڪانسواءِ ريڊيو تي هڪ چئنل ۾ رڳو هندوستاني پروگرام ڏين- ان جون اناؤنسر به سنڌي پينرون آهن. اتي هندي راڳ، گجراتي، تامل ۽ ڪڏهين سنڌي راڳ به ڏين. اشتهار به هنديءَ ۾ اچن. گهڻو ڪري هندوستاني، واپاري پوءِ اهو وڏو هجي يا پاڻي پوري وارو هجي سو به اشتهار ڏئي جيئن اهو هندي ريڊيو جي چئنل جي خرچ جي پورائي ٿئي. ڪئناڊا ۾ سک گهڻا آهن. گجراتي ۽ سنڌي به آهن- ائين ڪڻي چئجي ته ننڍڙي هندوستان آهي.

رموءَ اچي چيو "ته ڪاڌو ميز تي آهي- اچي کائو." اسين سڀئي رنڌڻي جي اڳيان جيڪا ڊائينگ ٽيبل هئي اُن تي اچي ويٺاسين. ٻار اهڙا سانتيڪا، فضيلت وارا هئا جو ماءُ کي ڪچن ۾ مدد ويٺي ڪيائون. ننڍڙي پنيتا ميز لڳائي هئي. منيشا ١٢-١٣ سالين جي آهي پر ماءُ لاءِ وڏي هٿي هئي. سونو وري ٻاهرين اندرين سائيڪل ڪڻي ڪم ڪري ٿي آيو. ٻئي ڏينهن رموءَ چيو "اُنٽي ميران سٽسنگ هٿي ٿيندو آهي." "توهين هلندا." (ڇاڪاڻ ته سيٺي کي خبر آهي ته اسين ٻئي سٽسنگ جا شوقين آهيون) مون چيو ها ضرور. صبح جو ٽيبل تي چانهه ويٺي پيئيسين ته پرديپ اچي چيو ته "اڄ ڪٿي ٿا گهمڻ هلو." رموءَ جواب

کاڌي جي ميز ۾ ٦ ڪرسيون رکيون هيون. آن جي پاسي کان وڏو شاهي ڪچن هو. ڊائيننگ هال مان ٻي ڏاڪڻ هيٺ ٿي ويئي، جتي ٽي. وي روم هئي. تنهن جي پاسي کان گيسٽ روم انٽيچ باٿ روم هئي. جا روم اسانکي ڏني وئي. ٽي. وي روم مان وري هيٺ ڏاڪڻ ٿي ويئي بيسمينٽ ۾، جتي لانڊري روم، ٻارن جي اسٽڊي روم هئي، جتي ڪيترائي رانديڪا رکيا هوا ۽ پاسي ۾ ٻار روم هئي. تنهن کانپوءِ گئريج ڏانهن در هو. بنگلو ڏسي دل خوش ٿي ويئي، ته هتي رهڻ لاءِ ڪهڙيون نه سهولتيون آهن. اسين هٿ منهن ڌوئي فريش ٿي آياسين. هتي به ٿڌ هئي سو ڪوٽ لاهي سوئيٽر پائي اچي ٽي. وي روم ۾ ويناسين. رمو ته وڃي ڪچن جي ڪم ڪي لڳي. اسين ٽي. وي به ڏسڻ لڳاسين ۽ هڪبئي کي خبرون چارون ۾ ڏنيوسين ۽ ورتيوسين. ٽي. وي. تي هندي پروگرام هلي رهيو هو، جيئن هتي چاچا گيمت ٿيندو آهي ليئن آئي بي راڄن جو پروگرام ڏنو ويندو آهي. اميتاب ۽ راکيءَ جي انٽرويو پي هلي. معلوم پيو ته هتي هر هفتي هندي فلم ڏيکاريندا آهن. آلسي ويڊيو هرهڪ گهر ۾ آهي. جيڪي فلمون هتي بامبي پررليز به ڪونه ٿين ته آئي ويڊيو ڪئسيٽ هلن. چيائين ته اسين هندي فلم ڏسون ٻهار انگلش موي ڏسن. معلوم ڳالهه ڪئي ته ٽي. وي تي هندي پروگرام به ڏين. سندس ڌيءَ مونيشا جو ڊانس به ٽي. وي تي ڏيکاري

سڀئي بزار ۾ گجراتين ۽ پنجابين جا دوڪان هئا. ڪو تمام ٿورا سنڌين جا دوڪان هئا. بزار چڱي وڏي شاهي هئي. ٨ يا ساڍي ٨ بجي ڪانپوءِ دوڪان سڀ بند ٿي ويندا آهن. هو لڳو ائين پئي ڄڻ ته هندوستان ۾ گهمي رهيا آهيون. ٻئي ڏينهن آرتوار هو. نائگرا فالس ڏسڻ جو پروگرام هو. منجهند جي ماني کائي ٤ بجي ڪن نڪتاسين. ٿڌ اُن ڏينهن ڪافي هئي. ٦ بجي فالس تي پهتاسين. آبشار ڄڻ ته ڪنهن جبل تان وهي رهيا هئا. اهڙو ته ذوم سان پاڻي ٿي ڪريو جو اسين ڪيترو پريان بيٺا هواسين، ته به سڄا آلا ٿي وياسين. هڪ ڇيري ڪان وٺي ٻئي ڇيري تائين- اڄ ٿي اُڃ لڳي بيٺي هئي. ڏاڍو دلڪش نظارو هو. منوءِ ڇيو ته رات جو لائيٽس رنگ برنگي فالس کي ڏيندا آهن. پوءِ فالس ڏاڍا سهڻا ڏسڻ ۾ ايندا آهن. اُتي پارن لاءِ پارڪ ٺهيل آهن، سنيون ريسٽارنٽس ۽ هوٽلس آهن. ولائت جا ماڻهو گهمڻ ڦرڻ جا ڏاڍا شوقين آهن. ڇنڇر ۽ آرتوار ڪيترا لوڪل ماڻهو يا ٽورسٽ اچي هوٽلن ۾ رات رهندا آهن. اسين به هڪ ريسٽارنٽ ۾ وڃي وياسين جتي چانهه ڪافي پيتيسين. ولائت ۾ هرهڪ ريسٽارنٽ يا هوٽل ۾ باٿ روم جو ڏاڍو سٺو بندوبست هوندو آهي. باٿ رومس، صفا سٺا هوندا آهن. ٦ بجي اُتي سج لهندو آهي اوندهه ٿيڻ شروع ٿي ته اسين وري اچي فالس وٽ بيٺاسين. ڳاڙهيون، سايون، بلو ۽ پنڪ ۽ ييلو سرچ لائيٽس ٻرڻ لڳيون. نظارو ڏاڍو

ڏنس "ستسنگ ۾ هلنديون." پوڊيپ هسا کئي ۽ منو ۽ رمو ٺهڪ ڏيڻ لڳا. منوءَ چيو "پوڊيپ ڪسي رمو ساڙهي پارائي وٺي وڃ." تڏهين وڃي اسانجي سمجهه ۾ ڳالهه ويئي. ماني کائي آرام ڪري ٥ بجي گهر مان نڪتاسين. ستسنگ ايسٽ ۾ هو ۽ منوءَ جو گهر ويسٽ ۾. ستسنگ رڳو زالن جو هو. ڪيرتن پوئي، ميوان ۽ سڀني واسواڻيءَ ويئي ڪيو. پوڻي ۽ سڀني ٻئي جڏهين ته بامبي ايندا يون آهن ته مون وٽ ايندا يون آهن. مونکي ڏسي حيران ٿي ويئون. دادا ٽي. ايل. واسواڻي ۽ دادا جشن جا فوٽا ميز تي سٺي نموني سينگاري رکيا ويا هوا. سڀ پڇن نوري ۽ انجليءَ جا ڳايا ويا. جيڪي هتي بامبي ۽ پوني ۾ ڳايا ويندا آهن. ستسنگ پوري ٿيڻ کان پوءِ ڪيترا يون پيرون اچي گڏيون. ڪيترا يون ته بامبي جون سڃاتل هيون. ميزبان بـﮯ ڏاڍي سٺي ۽ سهڻي هئي. سهڻي سڃايل فلئٽ هيس سندياڻي هئي پر شادي نان سندي وڏي آفيسر سان ڪئي هئائين - پهاڙيءَ جو هٽ پرسادي هئي. سڀني کان موڪلائي لفٽ ۾ هيٺ لٿاسين ته ٻاهر، منو، سندس ٻار، لعلواڻي ۽ پوڊيپ بيٺا هوا. جو اسانکي بزار ۾ وٺو هو. منوءَ جي دل ٿي ته اڄ انڪل ۽ انٽيءَ کي انڊين بزار ۾ چاٽ کارائجي. دوڪان لسي بيل پوري، دهي پوري ۽ آئسڪريم رکيل هئي. اهو دوڪان انڊين جو هو. اتي ڪافي پنجابي به پيا آيا چاٽ کائڻ. اتان ٿي نورو بزار جو چڪر هنيوسين.

سگھندا. اھا سسٽم اسانکي ڏاڍي وڻي. شاپنگ سينٽر ۾ ٥ فلورس وارو ھو. ڇا ته اُن جي نزاڪت ھئي. اُتي ھرڪا شيءِ ھڪي لکي حاضر ھئي. گرائونڊ فلور جي وچ ۾ فائونٽين لڳل ھوا. ۽ پاسن کان گلن جا ٻوٽا. اُن جي آس پاس بينچ پيل ھئا شاپنگ ڪري ٿڪجي اچي اُتي ويھجي. ھرھڪ فلور تان اھو نظارو بخوبيءَ ڏسڻ ۾ ٿئي آيو، جو اُن جي چوڌاري شاپس ھيون. اُتي ڪاڌي جا دوڪان جام ھئا. ھئمبرنگ ته عام جام ھو ھر اسين جتي ڪٿي پيزا کائيندا ھواسين ۽ مٿان چانھ. ٥ بجي مئو آفيس مان موٽيو ۽ اسين سيپٽي گڏجي گھر آياسين. ٽورنٽو ۾ ھڪ پاسي ته سھڻا بنگلوز آھن ته ٻئي پاسي ڏگھيون بلڊنگون. ٻئي ڏينھن صبوح جو اسانکي سينٽ ٽامس وڃڻو ھو سو گھر اچي پيڪنگ کي لڳي وياسين. صبوح جو رمو اسان کي ايئرپورٽ تي ڇڏڻ آئي.

دلڪش هو. ڪيترا ٽوئرسٽ ته ٻيڙين ۾ چڙهي فالس جي اڳيان تي ويا. فورس ايترو هو جو ٻيڙيون ڦرڻ ٿي لڳيون. اهو نظارو ڏسي گهر موٽياسين.

ٻئي ڏينهن منوءَ کي آفيس ۾ ڪم هو سو رمو اسانکي ڪار ۾ وٺي هلي سي. اين ٽاور ڏيکارڻ. ١٨١٥ فوٽ اوچو. دنيا ۾ ڊگهي ۾ ڊگهو ٽاور آهي. ٽڪيٽ وٺي لفٽ ۾ چڙهي مٿي پهتاسين. جتان سڄو ٽورنٽو ٺٺي ڏسڻ ۾ آيو. ٽاور ڏسي اسين هيٺ آياسين ته اتي هڪ چيني فوٽوگرافر ويٺو هو. جنهن ڪمپيوٽر تي فوٽا ٿي ڪڍيا. ١٢ ڊالر فوٽي جا. فوٽو ٻه ڪڍيائين ٿي ته اهڙو فوٽو ڪپڙي جي ڪئلينڊر ١٩٨٣ تي ٻ. ڪڍي ٿي ڏنائين. لعلوانيءَ جي مرضي ته هئي هر پرديپ ضد ٻڌي ته ضرور فوٽو ڪڍايو. هي هڪ قسم جي يادگيري آهي. هڪ فوٽو پرديپ ڪڍايو ۽ هڪ اسان ٻنهي جو فوٽو ڪڍايائين. اڄ ڪلهه جي دنيا ڪمپيوٽر تي ئي هلي رهي آهي. حساب ڪتاب، چونڊون، فوٽا ۽ هر طرحين جا ڪم ڪمپيوٽر کان ورتا وڃن ٿا.

شاپنگ سينٽر تي، ولائت ۾ ڪارس پارڪ ڪرڻ جو به عجيب نمونو آهي. ڪارس پارڪ ڪرڻ لاءِ فرسٽ فلور کان وٺي ٥ ماڙي تائين ٺهيل جڳهه آهي. پوءِ جتي جاءِ هجي اتي ڪار پارڪ ڪريو، ڪم لاهي واپس اچڻ مهل هڪ هڪ فلور تي ماڻهو ڪيبن ۾ ويٺو هوندو آهي. ڪار پارڪنگ جا پئسا وٺندو آهي. تڏهن ئي توهين گيٽ کان ٻاهر نڪري

لاس اينجلس ۾ (آمريڪا ۾) شري اندرو ڪرپالاڻي، ڪرشما (هنج ۾) شريمتي سندري ڪرپالاڻي، پرديپ، شري جيئانند لعلواڻي ۽ ڪشن ڪرپالاڻي.

سينٽ ٿامس

ٽورنٽو جو ٻه ايئرپورٽ وڏو سٺو آهي ۽ اُتي هر ڪا سهوليت آهي. اسين پاسپورٽ چيڪ ڪرائي رهيا هواسين ته هڪ ڪارو شيدي هٿ ۾ وڏو ٿيلهو کڻي آيو. هڪ گيٽ تي اسين بيٺا هواسين ۽ ٻئي گيٽ تي آيو ۽ پاسپورٽ آفيسر کي ڏنائين. آفيسر پاسپورٽ جاچي هن کان ٻه چار سوال پڇيا ۽ ڪيس هڪ ڪرسيءَ تي ويهڻ جو اشارو ڪيو. اُنهيءَ آفيسر ٻن ٻين آفيسرن کي گهرايو. ٽيئي هن جو پاسپورٽ جاچڻ لڳا ۽ سندس ٿيلهو ميز جي هيٺان ڪري رکيائون. تڏهين اسانجو ڌيان اوڏانهن ڇڪيو، ته ڪاري جي شڪل صفا پيلي ٿي ويئي هئي. آفيسر پاڻ ۾ ڳالهائي رهيا هوا ته شيديءَ وٺي زور سان ڊوڙ پاتي. اڃا هڪ ڊر ڪراس ڪرڻ تي هو ته سڀ آفيسر ڊوڙي وڃي مٿان پيس. (اسين ٿي ڊر اورانگهي آيا هواسين جتي ٻه پهري سڄاڳ ڪسٽم آفيسر ويٺا هوا.) ڪيس پڪڙي وري اچي ساڳيءَ جاءِ تي وهاريائونس ته ايتري ۾ پوليس آفيسر آيو ۽ اچي هٿن ۾ هٿڪڙيون هڻيائينس. الله ڄو اهو سڀ ڏسي اسانجون دليون زور زور سان ٺڪ ٺڪ ڪرڻ لڳيون، پر مون تي اُن جو ڏاڍو اَثر ٿيو. اسانکي پاسپورٽ تي ٺپو هڻي مليو. اسين وڃي اندر هال ۾ ويٺاسين. اُتي جو سڄ پڇو ته سامت جو ساهه کنيم.

جهاز پوري ١٢ بجي اُڏامڻو هو. پر ليٽ ٿي ويو. اُنائونس ٿيو تہ جهاز تيار بيٺو آهي. اسين سڀ مسافر پنهنجا سامان سنڀالي وڃي جهاز ۾ ويٺاسين. اڍائي ڪلاڪن ۾ اچي ميامي پهتاسين. تہ خبر پيئي تہ سينٽ ٿامس جو جهاز وڃي چڪو آهي. ٻہ ڪلاڪ ليٽ جهاز نہ ٿئي ها تہ اسانکي اُن ۾ ڪنيڪشن ملي ها. خير، ايئرپورٽ جي سامهون هڪ هوٽل ۾ وڃي رهياسين. (نالو هوٽل جو پورو ياد ڪونهي.) ولايت ۾ هرهڪ هوٽل ۾ سڀ سک سهنج ٽئڪسي ڪٽي ميامي جو چڪر هڻڻ نڪتاسين ميامي سهڻو ۽ ساوڪ ڀريو شهر آهي. بيچز ڏاڍيون سهڻيون آهن. جنهن ڪري ميامي مشهور آهي. سمنڊ جي ڪناري تي ڇنڇر ۽ آرتوار رونق لڳندي آهي. جڻ هڪ ننڍڙو ڳوٺ ٿي ويندو آهي. ڪناري تي ڏاڍيون سهڻيون هوٽلون آهن جتي رات جو شوقين وڃي آرامي ٿيندا آهن، ۽ صبح جو سويل سمنڊ جي نيري جل جو آنند وٺندا آهن. اسانکي صبح جو ١٠ بجي جهاز ڪٽڻو هو. سو سويل ئي اچي هوٽل ۾ پهتاسين. سامان اسان ميامي جي لاڪرس ۾ رکيو هو. وڏيون بئگون هڪ پورٽر مئن کي سپرد ڪيوسين جنهن ٽوڪن ڏنو ۽ باقي سامان ايئرپورٽ جي هرهڪ در وٽ وڏا شاهي لوهہ جا لاڪرس ٿيندا آهن پئسا ڀري چابي وٺي ٻن لاڪرس ۾ سامان وڌوسين. اسين صرف هڪ هڪ وڳو ڪٽي هوٽل ۾ آيا هواسين. سو صبح جو سويل سنان

بئنڪاڪ ۾ پگوڊا مندر ۾ سروج، پرتاپ، سنڌيا ۽
چيتانند (ھيٺ) سنگاپور سنڌي مندر ۾ ڪم ڪندڙن سان.

هال کي وڏي شاهي بالڪني هئي جتان سمنڊ ۽ سمنڊ ۾ وڏا شاهي ٽي جهاز بيٺا هوا. هال جي ساڄي پاسي ڪچن هو ۽ ڪچن جي اڳيان ڊائيننگ ٽيبل هئي. ڏائي پاسي بيڊ روم هو. تنهن کان پوءِ باٿ روم ۽ اڳيان ڪاٺ جو ڪٻٽ جتي ٽوال ۽ چادرون رکيل هوا - بيڊ روم ۾ ٻه ٻه ڪٻٽ هوا. ولايت ۾ ڪٻٽن کي سلائيڊنگ ڊورس ٿين نه تالو نه چابي. هئنگرس پيا هوندا آهن - بس واشنگ مشن ۾ ڪپڙا ڌوئي هئنگرس ۾ لٽڪائي ڇڏ. اسان سامان بيڊ- روم ۾ رکيو، ۽ اچي ٻاهر سٽنگ روم ۾ ويٺاسين - هريش کان خبرون چارون پڇڻ. اڌ ڪلاڪ کان پوءِ هريش ته پنهنجي ڪم تي هليو ويو. مون ڪچن ۾ وڃي ڏٺو ته اڪيلو هريش رهندڙ. باقاعدي صاف صفائيءَ سان هرڪا شيءِ پنهنجي جاءِ تي ٺهي ٺڪي رکيل هئي. فرج ۾ آئيسڪريم ڏڌ، ۽ فروزن کاڌي جي شين سان ڀريو پيو هو. جوس جا ڪارٽون ڪيڏي جوُس پيتيسين، جو ڪافي گرمي هئي. ڄڻ بامبي جي گرم هوا پئي لڳي. گرم ڪوٽ ۽ سوئيٽر جي هونءَ جتي ڪٿي پائي پئي هلياسين، تن کان نجات ملي. پر گرميءَ حيران ڪيو. هڪ ٻجي هريش فون ڪيو ته مان اچان ٿو وٺڻ. تيار ٿيو، کاڌو ٻاهر کائينداسين. هريش ڪار کڻي آيو. هريش جو گهر ڪافي مٿي چاڙهيءَ تي هو. سينٽ ٿامس جي بزار هڪ گهٽي آهي. جنهن مان ٻه بيون گهٽيون هيون. سڀئي سنڌين جا دوڪان انهيءَ ايريا ۾

ٻاٽي ڪري اچي ايئرپورٽ تي پهتاسين. جهاز تيار بيٺو هو. اسان اچي پنهنجون سيٽون والاريون. هيءُ جهاز ۴۸ سيٽن وارو هو. جهاز پنهنجا پير زمين تان کنيا ته چوڌاري ساوڪ ۽ ڊگها وڻ ۽ بيچز ڏاڍيون سهڻيون ڏسڻ ۾ آيون. وچ ۾ سمنڊ هو. ٻن ڪلاڪن کان پوءِ اچي سينٽ ٿامس ايئرپورٽ تي لٿاسين. سينٽ ٿامس آئلينڊ آهي جنهن جي چوڌاري سمنڊ آهي. ايئرپورٽ ڏسي اسان سمجهو ته ڪنهن ڳوٺ ۾ اچي پهتا آهيون. سامهون اندر اسان جو سامان به اچي پهتو هو. اڃا بئگون بيلٽ تان کڻي رهيا هواسين ته سامهون هريش بيٺو هو. (جنهن کي اسين ڇهن سالن کان پوءِ گڏجي رهيا هواسين.) هريش اسان جو وڏو ڪڪو آهي. هن اسانکي ايندو ڏٺو ته وڏي آيو اچي پيرين پيو. هوڊيپ کي سڪ ڀريو ڀاڪر پاتائين. پوءِ چوي ته توهين ڪجهه به نه کڻو اسين ٻه ڀائر پاڻيهي سامان کڻنداسين. سامهون ڪار بيٺي هئي جنهن ۾ سامان رکيائون. ڪار هلي ته اسان ڏٺو ته هيءُ ننڍڙو آئلينڊ به ڏاڍو سهڻو ۽ ڊگهن وڻن سان ڇانيل هو. جلدي اچي هڪ سهڻي جڳهه وٽ پهتاسين. هريش جو گهر ۲ ماڙ تي هو. اها سڄي سنڌي ڪالوني هئي. ٻه ماڙ تي پهتاسين ته پاسي وارن گهرن مان سنڌين اسانکي ڪيڪاريو. جو سڀني کي خبر هئي ته هريش جا ماءُ پيءُ اچڻا آهن. پهرين اندر گهرياسين ته سامهون هال هو جتي صوفا سيٽ، ٽي. وي، ريڊيو پيو هو ٻاهر

جي گهر ۾ براجمان آهي. روز ان جو پاٺ ڪندا آهيون. ۽ من کي شانتي ملندي آهي.

سينٽ ٿامس فري ٽريڊ پورٽ آهي. آمريڪا سؤ سال کن اڳ هيءُ چين کان خريد ڪيو هو. ڇو ته هي ۽ هن سان ٽي ٻيا ننڍڙا ٻيٽ آمريڪا جي ٽري ۾ سمنڊ ۾ آهن، بچاءَ جي خيال کان نيوي رکي ويئي هئي. هاڻ اهو ٻيٽ ٽوئرسٽ جو اڏو بڻجي ويو آهي. روز پاڻيءَ جا وڏا وڏا جهاز هڪ ٻه اچن ٿا ۽ سڄو واپار سيلانين جي اچڻ تي هلي ٿو. ٢٥ ميلن جي وچ ۾ هي ٻيٽ آهي. هوائي جهاز جو اڏو ٻه-ڳوڻو پيو لڳي. هتي سنڌين جا ٥٠ ڪٽنب رهن ٿا. هڪ ئي مين اسٽريٽ مکيه آهي. جتي گهڻا سنڌين جا دوڪان آهن. گهڻو واپار شراب ۽ سون جي چيزن جو ٿو هلي. ڪپڙو ۽ ناولٽي جو به هلي ٿو. شراب تي ڊيوٽي ڪونهي. جو شراب لنڊن ۽ نيويارڪ ۾ ٻين هنڌ ١٥٠ روپئي باٽلي آهي سا هتي ٨٠ روپئي آهي. ان ڪري سيلاني پاڻيءَ جي جهازن ۾ اچن ۽ خوب شراب خريد ڪن ۽ سون خريد ڪن. آمريڪا ۾ توڙي انگلنڊ يا ڪئناڊا ۾ سون جا زيور ١٤ ڪئرٽ جا ٿين ۽ انهن جو واپار هلي. هندوستان ۽ سينگاپور وانگر نه جتي ٢٢ يا ٢٤ ڪئرٽ مان زيور ٿين. هن ٻيٽ ۾ پهرين ٻن سنڌي واپاري شري ڊيوڊ موهناڻي ۽ شري واشديو درياناڻي اچي پنهنجا دوڪان کوليا ۽ پوءِ ڪن پنهنجي ٻين دوستن کي نوتو ڏنائون ته توهان به اچي هن ٻيٽ ۾ رهو.

هئا. مسٽر ڊيوڊ موهناٽسيءَ کي ٻه دوڪان آهن. هڪ لڪر (شراب) دوڪان جو پاڻ ۽ سندس پٽ ونود هلائيندا آهن ۽ ٻيو جوئلري ناولٽيز جو هريش ۽ شري ڊيوڊ جي ذيءَ مينا سنڀاليندا آهن. ڊيوڊ جي دوڪان تي وياسين جتي ڊيوڊ جي ڌرمپتني شيلا به موجود هئي. شيلا ۽ ڊيوڊ اسان وٽان ٻامبي مان ٿي ويا هئا. ان ڪري هڪٻئي کي سڃاڻندا هواسين. ڏاڍو سک ۽ پيار سان هڪٻئي کي گڏياسين. مسٽر ڊيوڊ ڳالهائڻ جو مٺو ۽ سڀاءَ جو سٺو آهي. رلڻو ملڻو آهي. ڳالهائڻ ۾ ٻي ماڻهوءَ کي موهي ڇڏي. پوءِ اسين هريش واري دوڪان تي آياسين. جتي مينا گڏي. مينا سهڻي سٺي ۽ سڀاجهي ڇوڪري آهي. پوءِ اسين چينائي ريسٽورنٽ ۾ کاڌو کائڻ لاءِ نڪتاسين. رستي تي جيڪي به سنڌين جا دوڪان هوا سي هريش سان گڏ اسان سان گڏجڻ آيا.

سنڌي دوڪاندار اسان کي ڏسي پيا چون ”هريش! تنهنجا ممي ۽ ڊئڊي آهن ڇا؟ ڪڏهين آيا آهن؟ اندر اچو. ڪجهه ٿڌو پيئو.“ ڪي ته زوري اسان کي پنهنجي دوڪانن جي اندر وٺي ويا. پيار ۽ سک سان حال احوال ورتائون ٿي. ڪي اسان جي ڀارت جيون ۽ راجفلمستان جا گراهڪ هئا. هو نيڊڙي هوندي اسان جون اخبارون ۽ ڪتاب پڙهندا هئا. ڪن اسان کي سڃاتو. ٻن ٽن چيو ته توهان جو سنڌيءَ ۾ نڪتل شري گرو گرنٿ صاحب اسان

پرديپ ۽ منهنجو، گوبند رام موورجاڻي ۽ سندس زال هاسيءَ جو سينٽ ٿامس پاران سواگت ڪيو ۽ سنگيت جو پروگرام ڏنو.

ان رات انڊيا ائسوسيئيشن ورجن آئلينڊس پاران اندراڻي ۽ سڪرانا (سندس ڌيءُ) جو هندوستاني ڪلاسيڪل ڊانس جو پروگرام هو. ڊانس سان گڏ ٻهراڻ ڊنر جو پروگرام به رکيل هو. اٽڪل ٣٥٠ ماڻهو جنهن ۾ سوا سؤ کن سنڌي جوڙا هئا. ۽ ٻيا لوڪل گورا ۽ ڪارا به هئا، سي شامل ٿيا. انڊيا ائسوسيئيشن شوي ڊيوڊ ١٩٧٦ ۾ ٺاهي آهي. اها سنڌين جي آهي. سنڌين ۽ لوڪل ماڻهن جو پاڻ ۾ سٺو رستو آهي- اتي اڳئين گورنر جي وڏوا زال مسز ڪنگ ۽ سندس ڌيءَ پڻ آيل هيون. گورنر اڇو هو، پر اليڪشن ڪري هو اچي نه سگهيو. پروگرام رات جو ١٢ بجي تائين هليو- لوڪل ماڻهن کي ڏاڍو وڻيو- جو اهڙو پروگرام پهريون دفعو سينٽ ٿامس ۾ ٿيو هو- هتي سڀ سنڌي گڏيا جي سڀ سکي هئا. سينٽ ٿامس ۾ پنهنجا ذاتا ۽ نوڪريون ڪندڙ هئا. بيچ سٺي آهي. هتي هڪ به هوٽل به سٺي 5 اسٽارس جهڙي آهي. هتي مڇين جو اميوريم ڏاڍو سٺو آهي. جو ڏسڻ وٽان آهي- سمنڊ جي وچ ڪناري تي ٺاهيو ويو آهي. جتي دنيا ۾ جون مڇيون پيون ترن، جي شيشي جي درين مان درشڪ ڏسي ٿي سگهيا. اٽڪل هزار کان مٿي مڇين جا نمونا هئا. جن جا طرحين طرحين جو عجيب

ٻئي ڏينهن صبوح جو (ٻڌر) اسين سشيلا، پرديپ، هريش مان مين ٻزار ۾ ويا سين. شري ڊيوڊ ۽ سندس زال شيلا، ان جي ڌيءُ ميعا پنس ونود ۽ سندس پاٽيجي پالي سڪ سان گڏ يا. ڪجهه وقت ڳالهيون ڪيوسين. شري ڊيوڊ چيو پرهين رات جو ٻنر اسان وٽ ڪانجو. مان ڪن دوستن ڪسي گهرائيندس. ڪانئس موڪلائي ٻاهر نڪتاسين. شري واشي ديانا ٽي جي دوڪان تان لنگهيا سين ته اسانکي نئون سندي سمجهي سڏ ڪيائين. حال احوال ورتائين ۽ نالي سان سڃاتائين چيو ته اسان جو گرو سوامي مهانند سندس زال جسوتيءَ جو گرو آهي. يڪدم زال کي فون ڪري ٻڌايائين. ان سان ڳالهاسين. زور ڪيائين ته ”اڄ منجهند جو لنچ اسان وٽ ڪائو. ڪار ۾ وٺي لنچ تي وٺي هليو. جسوتي ۽ واشي ڏاڍي پيار سان مليا.

هتي سندي جماعي وينا آهن. ١٩٧٣ کان شري ڊيوڊ ايسٽ انڊين اسپيشل ريڊيو پروگرام هر آرتوار تي ١١½ کان ١٢½ تائين ڏيندو آهي. پهرين اڌ ڪلاڪ ڏيندو هو- ٢٥ ڊالر هر مهني ڪيس پورٽا پوندا هئا. هن سان ٻيا ٻه چار پنج سندي شامل ٿيا. هاڻ ته ڪلاڪ پروگرام ڏيندو آهي، جنهن ۾ اناؤنس مينٽ انگريزيءَ ۾ ڪندو آهي ۽ سنگيت هندوستانيءَ ۾ ڏيندو آهي. ٻاڻ نه هوندو آهي ته پوءِ شري وشنداس ۽ هريش لعلواڻي واري سان ڏيندا آهن- ١٠ آڪٽوبر تي شري ڊيوڊ ريڊيو تي پروگرام ڏيندي اسانجو سشيلا،

رات جو شهر ۾ چڪر لاءِ نڪتاسين- شاندار دوڪان هئا. دوڪانن کي شيشن جا در هئا. ڏٺم ته هڪ دوڪاندار سنڌي پئي لڳو- هو به يڪدم دروازو کولي ٻاهر آيو ۽ چيائين ”توهان سنڌي آهيو نه؟“ لعلواڻي جواب ڏنس ”ته مان جيٺانند لعلواڻي آهيان.“ يڪدم ڀاڪر پائي چيائين ”ته توهان حيدرآباد ۾ تلڪ روڊ تي رهندا هئا. مان توهان جو سنڌ ۾ جڏهين ١٢ سالن جو هوس تڏهين ٻارن جيون ناول ماڻها گهرائيندو هوس ۽ ڪتاب پڙهندو هوس- هوني ۾ به راجفلمستان، ناول ۽ اخبارون پڙهندو هوس- مون ١٩٥١ ۾ هندوستان ڇڏي آهي ان ڪري، سنڌي ڪتابن ۽ اخبارن کان وانجهجي ويو آهيان.“ هڪ ٻئي کان خبرچار ورتائون ڳالهه ڪيائين ته هتي سنڌين جون ٦-٨ فئمليون رهن ٿيون.

ٻئي ڏينهن صبوح جو ٽئڪسي ڪري سڄو نئون شهر ۽ جهونو شهر وان شهر ڏٺوسين. منجهند جو ايئرپورٽ تي آياسين اتان ٣ بجي هوائي جهاز ۾ چڙهياسين. ميامي ۾ ٥ بجي پهتاسين- اتان نئين ڪار مسواڙ تي ڪٺي سڌو آلنبو ڏانهن وياسين- وڏا رستا هئا. ميامي کان ٢١٠ ميل پري آهي. ٻنهي پاڻون هوئش ۽ پرديپ ڪار هلائي. رات جو ١١ بجي آلنبو ۾ هڪ شاندار هوٽل ۾ اچي رهياسين. آمريڪا ۾ هوٽلون ٻن قسمن جون آهن. هڪ هوٽلون رڳو جنهن ۾ ماڻهو رهن، ۽ ٻيون هوٽلون جنهن ۾ ماڻهو به رهن ۽ انهن جي ڪارن (موٽرن) کي پارڪينگ جي جڳهه ملي. ان کي چون موٽلس. اسان موٽلس ۾ اچي رهياسين. ڪار پارڪ ڪري هوٽل ۾ به رومس ڪري، رهياسين. ڪجهه ڪاڏو گهرائي کاڌوسين. صبوح جو اُتان وري اسان کي ڊيزني ورلڊ وڃڻو هو.

رنگ روپ ڏسي ايشور ياد ٿي پيو ۽ اندر مان نڪتو ته ايشور جي قدرت ڪهڙي نه وچتر آهي.

ٻئي ڏينهن شري ڊيوڊ جي گهر رات جو ماني تي هريش اسان کي وٺي هليو. سندس بنگلو ٽڪري تي هو. چوڌاري باغ باغيچا لڳا پيا هئا. ڪن سنڌين کي گهرايو هئائين. جن سان اسان جي واقفيت ڪرايائين. ڪاڏو پيتو هليو. خبر ٿي ڪين ٿي پيئي ته ڪو اسين آمريڪا ۾ آهيون. ائين پئي لڳو ته هندوستان ۾ بامبي ۾، ڪنهن پارٽي تي وينا آهيون. شيلا سندس زال ميتا سندس ڌيءُ ۽ ٻار ڏاڍي قرب ۽ پيار سان سواگت ڪيائون. اتي شري گوبند رام مورجاڻي ۽ سندس زال هاسي به بامبي کان آيا هئا ۽ پيا ڪيترا سنڌي جوڙا پڻ هئا. پارٽي رات ٽائين هلي. ڳالهين ڪندي رات جو هڪ اچي لڳو. سيٺي کان موڪلائي اسين گهر آياسين.

ٻئي ڏينهن سيٺي کان موڪلائي اسين چار ئي ڄڻا-سشيلا، هريش، پرديپ (سپاٽو) ۽ مان ايئر پورٽ تي آياسين. هڪ ننڍڙو ١٦ ڄڻن جي جهاز ۾ سئين وان (پوئرٽيڪو) پيمت ۾ اڌ ڪلاڪ ۾ اچي لٿاسين. جهاز ائين هو ڄڻ ته مٽي بس ۾ چڙهيا هئاسين. سئين وان شاندار شهر آهي. وڏيون وڏيون عمارتون آهن. هڪ شاندار هوٽل ۾ اچي رهياسين. جا سمنڊ جي ڪناري بيچ تي هئي. سمنڊ جون لکيون شاندار لهرون مون ۾ به هلچل مچائي ڇڏي ۽ دل مان آواز ٿي نڪتو "واه قدرت بڻائڻ وارا تنهنجي ڪهڙي ساراه ڪجي."

ويٺي سگهيا. مطلب ته گهر جي رهڻي ڪهڻي ڏيکاريل هئي. اهو سڀ ڏسي اچي قطار ۾ بيٺاسين ٽڪيٽ هرهڪ شؤ جي ڌار ڌار هئي. اُتي ميري گرائونڊ وانگر ويل چيئر ٺهيل هيون. هڪ هڪ چيئر ۾ ٢ ماڻهو ٿي ويٺا جي ٽرين جي پٽن تي ٿي هليون. لعلواڻي ۽ مان هڪ ۾ ۽ ٻئي ۾ هريش ۽ پرديپ ويٺا. جڏهين سڀ ڌڪا پورجي ويا ته ميري گرائونڊ هلڻ لڳي. اوندهه اندوڪار ۾ جبلن ۾ ڳاڙهي روشنيءَ ۾ ميڻ جا پتلا ٺهيل هوا، جڻ سچا پچا ماڻهو آهن. ڪي راڪاس وانگر منهن کولي هٿ ڦهلائي اسانکي ڳرڪائڻ لاءِ تيار بيٺا هوا. هڪ پتلو پوين پساهن تي هو. ڪٿي ٻار کي باهه ۾ جلائي رهيا آهن. ڏاڍا خوفناڪ نظارا هوا. هڪ هنڌ جتان اسانجو گاڏو لنگهڻو هو اڳيان گاڏو پهتو ته پل پڇي ٻه اڌ ٿي ويئي اسان جو ساهه سڪي ويو. جهٽڪي سان گاڏو ٻئي پٽي تي هليو ويو. اسين ته اڌ مئا ٿي وياسين. هڪ ته غارن مان چيخون چلاهٽون پيئيون اچن، ٻيو مسافرن جون رڙيون ۽ گاڏو ڌوم سان هيٺ مٿي ٿي هليو ته منهنجو برو حال ٿي ويو. اڌ ڪلاڪ جي چڪر کان پوءِ ٻاهر آياسين. ته سامهون وري ٽلاءَ ۾ ٻيڙيون بيٺيون هيون. قطار ۾ وڃي اُن ۾ چڙهياسين. اُتي ٻه پهاڙن ۾ ميڻ جا پتلا هوا. ٻئي ڏاڍي سهڻي هئي. وري باغ آيو جڻ ته هيٺيون گل ٽڙيا آهن. وري هڪ جلاد ڪاتيءَ سان هڪ جو سر وڍيو ۽ رت ريلا ڪري وهي رهيو هو. مطلب

هوٽل ۾ ٻه اٽيچ باٿ روم، ٽي. وي. سيٽ، ٽيليفون وغيره جو بندوبست هو. صبوح جو سويل سنان پاڻي ڪري نيرن ڪري ٻاهر نڪتاسين. رستا وڏا شاهي هوا. سيڪو تيز رفتار سان ڪار ۾ ٻڌني ورلڊ ڏانهن وڃي رهيا هوا. اسان جي هوٽل ڪس مي شهر ۾ هئي، اُتان اڌ ڪلاڪ جي پنڌ تي ٻڌني ورلڊ هئي. جڏهين ٻڌني ورلڊ جي حدن ۾ گهڙياسين ته هزارن جي تعداد ۾ ڪارس بيٺيون هيون، جتي ايريا نمبرس لڳل هوا. اتي اسان به پنهنجي ڪار پارڪ ڪئي. اُهو نمبر اسان پاڻ وٽ نوٽ ڪيو ته ته ڪار ڳولهي لهڻ ڏکي هئي. ڪافي پنڌ ڪري اچي ٽرام ۾ چڙهياسين. جا خاص مسافرن ڪڻڻ لاءِ هئي. ٥ گاڏا هڪ هڪ ٽرام ۾ هوا. گهٽ ۾ گهٽ ١٠ ٽرامون هيون جن پي اچ وڃ ڪئي. ٽرام اسانکي گيٽ وٽ ڇڏيو. تنهن کان پوءِ هڪ وڏي گيٽ هئي جتان ٽڪيٽون خريد ڪري اندر گهڙياسين. اندر ڏاڏي آدم جي زماني جهڙا دوڪان هوا، جن ۾ جهونيون ۽ نيون شيون رکيل هيون. اسان اُتان چانهه جا ڪپس ورتاسين جي تمام سهڻا هوا. ڪيڙي ڪسان وٽي ڪراڪري تائين رکيل هوا. اُتان گهوڙي گاڏي ڏاڍي سينگاريل پئي لنگهي جن ۾ ماڻهو چڙهي پئي ويا. جڻ ته هڪ ننڍڙو ڳوٺ ٻڌل هو. اڳيان ننڍڙا گهر ٺهيل هوا جتي ميڻ جا ماڻهو (ماڊلس) پئي هليا چليا. ڪن ڪاٺو وٺي ڪاٺو ٿي ڪن شراب وهنڊي پيتو. ڪن گهر ڏياڻن ڪيڙا

ڏيکاريا ويا. هن دنيا ۾ ڪهڙيون عجيب شيون ۽ شهر آهن سي به ڏيکاريا ويا. هندوستان جو تاج محل ۽ دهليءَ جو لال قلعو به ڏيکاريو ويو هو. تاج محل جي وڏي شاهي فوٽيگرافي ڏيکاري وئي جنهن ۾ اسين جيتامڙا تاج محل جي اڳيان لڳي رهيا هئاسين. هن جي ٽيڪنيڪ شاندار هئي. فوٽيگرافي جون خاص ڪرامتون هيون.

ان ڪانسواءِ ورلڊ شوڪيس ۾ ڏيکاريو ته وقت اچي ويو آهي ته دنيا ننڍڙي ٿي رهي آهي. سڀ قومون هڪ ٻئي ۾ همت همت ۾ ڏيئي دوستيءَ ۾ اڳتي وڌي رهيون آهن. ايپڪوٽ سينٽر ۾ سؤ قومن جا نظارا ڏنا ويا آهن. سچ پچ اسانجو يورپ، آمريڪا ۽ ڪئناڊا جو سڄو خرچ هن ڊزني ورلڊ ڏسڻ سان سڦلو ٿي ويو. اُتي ريلوي گاڏي هئي. انجڻ ۽ گاڏا آٽوميٽڪ بند. گاڏي هلڻ مهل ٿي ٿي ويا. ان ۾ گارڊ، ٽيٽي ۽ اسٽيشنون هيون. اسان سيني کي ايپڪوٽ سينٽر ۾ وٺي هلي ۽ وري ان ۾ چڙهي ڊزني ورلڊ ۾ موٽي آياسين. انسان پنهنجي عقل، همت سان ڪيتري نه سائنس جي ترقي ڪئي آهي سا ڏسڻ وٽان آهي.

هيءَ به هڪ عجيب دنيا هئي. اُتي رات رهڻ لاءِ هوٽلون ۽ ڪاٽيجز هئا. پر اسان هڪ ڏينهن ۾ ٽڪڙ ۾ سڄو ڊزني ورلڊ ڏٺو. ٣ ڏينهن رهي چڱي طرح ڏسي سگهجي ٿو. صبح جو ١٠ کان وٺي رات جو ١٠ تائين کليل آهي. اسين وري ٽرام ۾ چڙهي، پنهنجي ڪار کڻي اچي هوٽل ۾

تہ اهڙا ڪرشما گهٽيئي هوا. ۲۰ منٽن ۾ هيٺ آياسين.

پهرين جڏهين اسين گهڙياسين تہ اُس وٺندڙ هئي ۽ او چتو اچي مينهن پيو. هڪ ٽڪ ۽ مٿان مينهن، تنهن تہ هٽي ڏڪائي ڇڏيو. اُتي رين ڪوٽ، ٽوپيون پئسن تي ملي رهيا هوا. سي خريد ڪياسين. وري اڳيان وڌياسين. اُتي سينٽرل پلازا هو. جتي شؤ پئي هليا. ۽ اسين اندر ڪونہ وياسين جو ڊيزني ورلڊ ڏاڍو وڏو هو. جڳهيون بہ ڳاڙهي پٿر ۽ اڇي پٿر جون سهڻيون ٺهيل هيون. سهڻا سجايل محلات هوا. مثبڪ ڪنگ ڊم، ائڊونيچر لئنڊ، ٻيئر ڪائونٽري، نيو اورلينس اسڪوائر، فرونيئر لئنڊ، فئنٽسي لئنڊ وغيره ڏسڻ جهڙا هوا. هيءَ ڊيزني ورلڊ، والٽ ڊيزني ناهي هئي. جنهن جي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

اُن جي ڀرسان وري ڊان آف اي نيو ڊزني ايرا THE DAWN OF A NEW DISNEY ERA جي شاندار نمائش ڏيکاري وئي آهي. جنهن ۾ اڄڪلهہ ماڊرن سائنس جي طريقي ۽ ايندڙ وقت ۾ سائنس ڪهڙي ترقي ڪندي ڏيکاريل آهي. اُتي هڪ ايلومينم جو شاهي گولو هو، اسان کي بجليءَ تي هلندڙ ٽراليءَ ۾ ويهاريو ويو. جنهن اندر گولي ۾ پهچايو. جيئن سرڪس ۾ موت جي کوهہ ۾ موٽر سائيڪل تي کيلاڙي ڦرندو ۽ موٽر سائيڪل هلائيندو آهي. اهڙيءَ طرح اسان جي ٽرالي بہ هلي. ان گول دنيا ۾ ماڊرن دنيا بہ هئي تہ ايندڙ دنيا جي سائنس جي ترقيءَ جا نظارا بہ

اچي چيمائي هوٽل ۾ پهتاسين. هرهڪ شهر ۾ ٻـارن لاءِ ڊگهيون ڪرسيون رکيل هونديون آهن. جو هوٽلن ۾ سڀ کو ٻـار ڪٺي ايندو آهي. ۽ ٻار ٻه چڱيءَ طرح کاڌو کائي سگهن. ٻارن لاءِ رانديڪا ٻه رکيا هوندا آهن. اسين کـاڌو کائي گهر آياسين. اندروءَ جو گهر ٻه ڏاڍو وڏو ۽ سٺو آهي. مين گيٽ جي ڀرسان ئـي گئريج هوندو آهي. مين گيٽ کان اندر گهڙڻ سان وڏو شاهي هال ڏائي پاسي هو. جنهن جو در ٻـاغ ڏانهن ٿي کليو. ساڄي پاسي ڪچن. ٻـار ۽ سٽنگ روم، تنهن کانپوءِ سوئمينگ پـول ۽ گارڊن. سٽنگ روم جي پاسي کان گيسٽ روم ۽ باٿ روم. مين گيٽ جي سامهون، مٿي ڏاڪڻ ٿي ويئي جتي ٽي بيڊ رومس هوا. هڪ اندرو ۽ سنديءَ لاءِ. جنهن ۾ ڊريسنگ روم ۽ باٿ روم. جيئن ڪنهن راجا جي محلات ۾ ڏسبو آهي. وڏيون شاهي آرسيون چوڌاري لڳل. اندروءَ جي بيڊ روم جي پاسي کان ڪشن ۽ ڪرشما جون بيڊ رومس هيون. ڪرشما جي روم سڄي رانديڪن سان ڀري پيئي هئي. انهن کي ٻه ڌار باٿ روم هو. مطلب ته گهر نه هو، محلات هو. پرديپ کي ڪشن واري روم ڏنائون. ۽ ڪرشما کي پنهنجي روم ۾ سمهاريائون ۽ ڪشن کي ڪرشما واري روم ڏنائون. اُتـي جا ٻار جائي ڄم کان وٺي ڌار روم ۾ سمهندا آهـن. رڳو ٽائيم ٿي کين کاڌو ڏنو ويندو آهي. ڪشن ۽ ڪرشما ٻـ سهڻا ۽ وڻندڙ ٻار هـوا. ڪشن اسان سان هڪدم هري مري ويو. سڄو

آرامي ڪياسين. ٻئي ڏينهن صبوح جـو سويل ميامي لاءِ نڪتاسين، جو اسانکي لاس انجيلس وڃڻو هو. ٥ ڪلاڪن ۾ اچي ميامي پهتاسين. هوبش ڪي واپس سميٽ ڪامس وڃڻو هو. سو هو اوڏانهن ويو ۽ اسين پنهنجي جهاز ۾ چڙهياسين.

لاس انجلس

شام جو ٧ بجي جهاز اچي لاس انجلس پهتو. هي شهر به بجلين بتين سان ٻهڪي رهيو هو. رستا وڏا عاليشان. ايئر پورٽس هڪ هڪ شهر جا ڏسڻ وٽان هوا. اسين پنهنجو سامان کڻي ايئر پورٽ کان ٻاهر نڪتاسين ته اندرو ڪرپالاڻي (منهنجو ڀاڻيجو) پنهنجي پٽ ڪشن سان گڏ اچي پهتو. اندروءَ کي ڪو ڪونه سمجهندو آهي ته سنڌي آهي. ڏکو ۽ سهڻو نوجوان آهي. جانو سينگاپور ۾ آهي. شادي آمريڪن ڇوڪريءَ سان ڪئي اٿس. جنهن مان پٽ ۽ ڌيءَ اٿس. پٽ ٥ سالن جو آهي. نالا هندوستاني ٻارن جا رکيا اٿس- ڪرشن ۽ ڪرشما. اسين سندس ڪار ۾ چڙهي اچي سندس گهر پهتاسين. گهر ايئرپورٽ کان ڪافي پري هو. سندس ڏرمپتني سنڌي پنهنجي ننڍڙي ڌيءَ ڪرشما کي جا ٻن سالن جي هئي ڪاڏو ڪارائي رهي هئي. سنڌي بـ سهڻي، ڏکي ۽ بلو اکين واري آهي. سنڌين وانگر اچي ڀاڪر پائي ڪس ڪيائين. ڏايو خوب ڏنائين. اندروءَ ۽ سنڌيءَ چيو ته اڄ هنکي ڪاڏو ٻاهر جو ڪارائبو جو اسانجو سنڌي رڌل ڪاڏو سوادي ڪونه ٿيندو. اسين فريش ٿي، ڪار ۾ چڙهي

ڏنائين، ته ڪيمپ تي ساڍي پايان. ڪار وڏن، ويڪرن، رستن ۽ ساوڪ کي ڇيڙيندي اچي منزل تي پهتي. اُتي ڪارس ايئرپورٽ پارڪ ٿيل هيون جڻ مکين جو مانارو. اسين ڪار پارڪ ڪري اچي ريسٽورنٽ ۾ ويناسين، جا جڻ ته جهاز تي ٻڌڪ تي هئي. اندرو ۽ سنڌي ته پنهنجي پسنديءَ جي لنچ جو آرڊر ڏنو. پر اسان جي نصيب ۾ سواءِ پيزا ۽ فگو چپس جي سواءِ ڪجھ ڪونه هو. ڇو ته لعلواڻي ويشنو آهي. ڪشن به هئمبرانگر ڏاڍي چاهه سان ٿي کاڌو. لنچ کائي شپ گهمڻ وياسين. اُتان ٿي بيچ جو لطف ماڻڻ وياسين. سمنڊ جو پاڻي صاف ۽ نيلو هو. سج جو پاڇو پاڻيءَ تي پئجي رهيو هو ۽ پاڻي چاندي وانگر چمڪي رهيو هو. اُتان ٿي گهر آياسين. ٽي. وي تي پروگرام ڏاڍو سٺو هو. سو هيءُ سڀ ته، وچي پروگرام تي ويٺا ۽ اسين ٻئي لعلواڻي ۽ مان وچي ٿورو آرامي ٿياسين. ٧ بجي اندرو اسانجي روم ۾ آيو ۽ چيائين اَڄ ڊنر لاءِ ٻاهر هلندا يا گهر ۾ کائيندا. اسان چيس ته سڀ پڇ اسين ٿڪجي پيا آهيون. سو گهر ۾ جيڪي هجي ته سٺو. پر سنڌيءَ جو رايو هو ته سٺيون سٺيون هوٽلون هجن کي ڏيکارجن، هيءُ وري هتي ڪڏهين ايندا. اڄ ڇنڇر آهي سومر ڏينهن واپس ويندا. انهيءَ ڪري اسين به چانهه پي تيار ڊنر لاءِ ٿياسين.

ڊنر هڪ سهڻي چيني هوٽل ۾ کاڌيسين. اُتد ڪافي وڏي ويٺي هئي. سو سوپ ٿي اچي گهر پهتاسين. ٻئي

وقت پرديپ جي آڳو پکڙي پئي هليو. گهر ۾ ٻه منٽ نٿي ڇڏيائين. اندروءَ جي پتا جو نالو ڪشنچند هو. سو اندرو پنهنجي پٽ جو ساڳيو نالو رکيو هو.

اندروءَ ۽ سنڌيءَ کي (اندروءَ جي ماتا جي پنهنجي منهن جي ڀيڻ ساوتريءَ جون خبرون چارون ڏنيون سين جا ٻامبي ۾ رهندي آهي.) اٽڪل ۱۲ بجي رات جو ٻيڊ روم ۾ آرامي ٿياسين. صبح جو اٿياسين ته اندروءَ اچي چانهه ڏاهي. چانهه اسان سوئمينگ پول تي پيتي. عجيب آنند ٿي محسوس ڪيوسين، جيتوڻيڪ ٿڌ هئي. مان ته سوئٽر ۽ شال پائي آيس، لعلواڻيءَ به سوئٽر پاتو. هو پرديپ، اندرو ۽ ڪشن نائيٽ ڊريس سان اچي ويٺا. جوانن جو رت گرم ٿيندو آهي ان ڪري کين ٿڌ گهٽ لڳندي آهي. اندرو هڪ سٺي فرم ۾ ڊزائينر آهي. ولايت ۾ هرهڪ باشندي کي سٺو پگهار ملندو آهي ۽ هو پنهنجون ضرورتون تمام چڱيءَ طرح لباهي سگهي ٿو.

ٻئي ڏينهن پروگرام ناهيو ويو ته اڄ شپس ڏسڻ هلنداسين. جو أتي نوٽرنس جهاز چيڙو ۽ آرنوار جو پوڄي ايندا آهن- گهمڻ ڦرڻ ۽ موج ڪرڻ. ايتري ۾ سنڌي به ڪرشما کي ڪٺي آئي. ڪيس پروگرام ٻڌايو ويو. هوءَ گهمڻ ڦرڻ لاءِ هردم تيار هوندي آهي. ٽڪر ۾ ٻارن جي لانگهه لاهي اسين جيستائين تيار ٿيون ته ٻار وٺي اچي اسانجي روم ۾ صوفا تي ويٺي. مون ساڙهي ويٺي پاتي ته ڏاڍو ڌيان سان ويٺي

نچي رهيا هوا. اهڙي ۾ نازنين جي عاشق جو ترار سان خون ٿي ٿو وڃي. ۽ رت ريلا ڪري ڇت تان وهي هيٺ ٿــو ڪري. عاشق جــي سسي ڌڙ کان ڌار لٽڪي رهي هئي. اسين سيسرائيون ڀريندا رهياسون. پوري ٽيڙ کان پوءِ ٻاهر نڪتاسين. ٻيو شو شروع ٿي ٿيو ته اسين اندر گهڙي وياسين- ڇا جــو رت هو ڇا جو سر هو، ڇا جو ڌڙ هـو. اهو ٻيو جهٽڪو هو مسافرن لاء. اڳتي وڌياسين ته ڪاٺ جي ٽنگن تي مسخرا گهمي رهيا هوا. ڪن جو رنگيل چهرو هو تـه ڪن کي چهري تي نقاب چڙهيل هو. ٽوئرسٽ انهن سان فوٽا پئي ڪڍايا. ساڄي پاسي ٻيو ٿيٽر هو جنهن ۾ سنگيت جو پروگرام هو. جيئن هندوستان جي وڏن شهرن ۾ فرسٽ ڪلاس ٿيٽر ٿيندا آهن، تيئن هــيءَ به ٿيٽر شاندار هـو. جڏهين سڀ ويهي ويا ته دروازا بند ڪيائون. لائيٽ اسٽيج جي آن ڪيائون ته ٻار فئنسي ڊريسز ۾ هئا. ڪي مينائون هيون ته ڪي طـوطا، ڪي شينهن هوا، ته ڪي سها. پنهنجا پنهنجا ساز سنڀالي وڄائي رهيا هوا ۽ ٻيا فئنسي ڊريس ۾ نچي رهيا هوا. ڪلاڪ ڪن جو پروگرام هو. پنيان پروجيڪٽر ۾ ڊاڪو ٽا اچن. نچيندڙن کي ڪٽي ٽا وڃن. ۾ هرهڪ يونيورسل جي اسٽوڊيو جي شو ۾ ڪا نه ڪا ٽرڪس رکيل هئي. کاڌي پيتي لاء به سٺيون ريسٽارنٽ هيون. هر شيءِ موجود هئي. ٽورو پريان کليل جهنگل هو جتي شينهن سها، هاٿي پئي ٿريا. ڏيو اڳيان لوڙهو لڳل هو جيئن جانور

ڏيٺهن اسانکي يونيورسل اسٽوڊيو ڏسڻ جو پروگرام هو.

يونيورسل اسٽوڊيو

يونيورسل هڪ وڏو اسٽوڊيو آهي جتي شوٽنگس ٿينديون آهن. ڪار پارڪ ڪئيسين. هتي ٻه موٽرن جو انت ڪونه هو. ولايت جا ماڻهو گهمڻ ۽ ڪاڻ پيٽڻ جا ڏاڍا شوقين آهن. ٽڪيٽ وٺي اچي ٽرام ۾ ويٺاسين. ٽرام مٿي چڙهندي ويئي ۽ سڄو لاس اينجلس گڏين جي گهرن مثل ڏسڻ ۾ آيو. اينتري ۾ ٽرام ۾ گوڙ وڌي ويو ته پل ڀڄي پيئي آهي. مٿان آبشار پيا وهن ڪيئن هلبو. پر ٽرام پنهن جي ذوم سان هلندي رهي. اڌ تي ٽرام کي اهڙو ته جهٽڪو آيو جو اسين ذري گهٽ ڪرڻ کان بچي وياسين. اها ٻه هڪ ٽوڪ هئي مسافرن کي ڇرڪائڻ جي. آبشار ٻه نقلي هوا. اندرو، ڪشن ۽ سنڊيءَ تي اُن جو ڪو ٻه اثر ڪونه ٿيو هو گهڻئي دفعا آيا هئا. ٽرام گهٽين مان ڦرندي، رستن کي ڪٽيندي جهونا گهر لتاڙيندي، اچي اسانکي هڪ قلعي وٽ ڇڏيائين.

اندر قلعي ۾ ماڻهن جو ميلو لڳو پيو هو. ڏاڻي پاسي ٿيئٽر ٺهيل هو. هر ڪلاڪ ۾ نئي ڏيکاريائون. اسين اچي سيٽس تي ويٺاسين. هيءُ اوپن ٿيئٽر هو. سامهون گهر هو جنهن ۾ هڪ نازنين پنهنجي عاشق سان عشق فرمائي رهي هئي. ته سندس ٻيو عاشق اچي نو وارد ٿئي. ۽ جنگ تي لڙائي ٿئي ٿي ۽ هيٺ ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون ميوزڪ تي

نڪتي. ۽ مٿي وڃي جهاز ٽڪر سان ٽڪرجي ٿو. ۽ نقلي ٻاهه ۾ جلي وڃي ٿو. ۽ ڊاڪو هيٺ جبل تي ڪرن ٿا.

اهو نظارو سڄو فلمائي. سڀني ويٺلن ڪسي ڏهن منٽن ۾ چوڏاري ٽي. وي سيٽ ٻيلن تي ڏيکاريائون ۽ اها ٢٠ منٽن جي ٽي. وي فلم تيار ڪري ڇڏيائون.

ان ڪانپوءِ اسين ٻاهر نڪتاسين ۽ لائين ۾ ٽرام لاءِ اچي بيٺاسين. ٽرام اسان کي سڄو اسٽوڊيو جو ميلن ۾ هو. آبشار هئا. جايون ۽ محل هئا. سمنڊ هو. جهاز هئا. ڪارخانا هئا. جبلن ٽڪرن، ماڙين کي لتاڙيندي بس وري اچي اُتي ڇڏيو جتان چڙهيا هواسين. اُتان ٿورو هيٺ لهي اچي پنهنجي ڪار ۾ چڙهياسين. سڄو ڏينهن ائين گذري ويو جو پتو ئي ڪونه پيو. رات جو ٩ بجي اچي گهر پهتاسين. ڏاڍا ٿڪل هواسين. پيٽ به ڀريو پيو هو سو هتي سڀني گرم گرم ڪافيءَ جو لطف ورتو ۽ لعلواڻيءَ ۽ مون چانهه جو چسڪو ورتو.

ٻئي ڏينهن سڀني، ڪشن ۽ ڪرشما کان موڪلائي ايئرپورٽ تي آياسين. اندرو اسان کي ايئرپورٽ تي ڇڏي آفيس هليو ويو. ۽ اسان اچي پنهنجي سيٽ پڪڙي. جهاز شام جو ستين بجي اچي نيويارڪ پهچايو.

ٻاهر نہ نڪرن. هڪڙي هند وڏي شاهي قطار بيٺل ڏٺيسين. پڇا ڪرڻ تي خبر پيئي تہ بس لاءِ ماڻهو بيٺا آهن. جا سڄي يونيورسل جو چڪر هڻائيندي. ٻہ ڪلاڪ تہ اسانکي قطار ۾ بيهڻو پيو. وروڪڙن جي قطار هئي. ڪاڏي پهتي جو اُتي ٻہ ڏايو سنو بندوبست هو. سيڪو ٻڙا هٿ ۾ جهلي ڪانئي رهيو هو ۽ ڊبن ۾ جوُس پي رهيا هوا. خالي ڊبا اُتي جي "ويسٽ باڪس" ۾ اُڇلائي رهيا هوا. مجال جو هڪ پني جو ٽڪرو بہ زمين تـي هجي. اسين سڀ اني ٿئيٽر هال ۾ ڪرسين تي وڃي ويناسين. اتي ٽي. وي. لاءِ فلمن جـو پروگرام ٿيندو هـو. اسان جي سامهون هنن درشڪن مان ١٦ ڄڻا جن ۾ زالون وڏا، ٻار ۽ ٻڍا هئا چونڊي ڪين اسٽيج تي گهرايو.

اسٽيج تي هڪ سيٽ بئنڪ جـو لڳل هو. انهن ١٦ مان ڪن کي ڌاڪن جي ڊريس پاڻائون، ڪن کي بئنڪ جي اندر ڪائونٽر تـي ڪلارڪ ڪري ويهاريائون. ۽ ڪن کي بئنڪ مان پئسن ڪڍائڻ لاءِ بيٺل ڏيکاريائون. اتي ڌاڪو پستولن سان بئنڪ ۾ اچن ٿا. ٽڪائو ڪي ڪن ٿا. ۽ بئنڪ کي ڌاڙو هڻن ٿا. پوءِ نقلي گهوڙن تي چڙهي جبلن تي اچن ٿا. اتي ننڍڙا جهاز ڏيکارين ٿا. جنهن ۾ هو ويهن ٿـا. جهاز کـي مٿان نوڙين سان اهڙي نموني ڇڪين ٿا جڻ تہ هلي رهيو آهي. ۽ پٺيان آسمان، بادلن، ندين، ڪيٽن جـي فلم اڳم تيار ٿيل اسڪرين، تي هلائين ٿـا. سڄي جي فلم ٺهي

ٽي ڏينهن شري رنجيت ۽ لليتا جا مهمان ٿي رهيا هواسين ۽ ۴۲ اسٽريٽ تي گهڻيئي دفعا آيا هواسين. اُتان هڪ چيني جي ٽئڪسي ڪئيسين. جنهن هڪ عاليشان هوٽل وٽ اچي ڇڏيو. ڪائونٽر تي نالو لکائي روم جي ڪنجي وٺي مٿي لفٽ ۾ پهتاسين. روم ننڍي هئي پر سهڻي نموني سجايل هئي. ٽي. وي، ٽيليفون، رائيٽنگ ٽيبل، ايزي چيئرس، اٽئچ باٿ روم وغيره. سامان رکي هٿ منهن ڌوئي هيٺ لٿاسين. ڏٺوسين ته ڏائي پاسي چيني هوٽل هئي. ۽ اندران لونئج مان ٿي در هو جتي اسان وڃي ڊنر ڪاڌي. ساڄي پاسي ڪافي هائوس هو. جتي صبح جو چانهه ۽ ناشتو ڪيوسين. پوءِ نڪتاسين گهمڻ. هڪ هڪ دوڪان تي ڏاڍيون سٺيون شيون رکيون هيون. دل پئي ٿي ته جيڪر جام شاپنگ ڪجي پر وري هندوستان جي ڪسٽم جو خيال ڪري ڪجهه به وٺڻ جو خيال لاهي ڇڏيوسين. منجهند جو ٻاهر ماني کائي اچي هوٽل ۾ آرامي ٿياسين.

شام جو نڪتاسين پستا ۽ باداميون وٺڻ، جو هندوستان جي خيال کان هتي سستا هئا. ٿوري گهڻي شاپنگ ڪري رات جو ٨ بجي هوٽل ۾ پهتاسين. ڇاڪاڻ ته ٻئي ڏينهن صبوح جو اسانکي هندوستان لاءِ نڪرڻو هو. رات جي ڊنر وري ساڳئي هوٽل ۾ ڪاڌيسين. پيزا، چڪن سئنڊوچ، ويجيٽيبل سئنڊوچ يا چيني کاڌو کائي ڪڪ ٿي پيا هواسين. رڳو اهو پئي سوچيوسين ته گهر پهچي ڪيٽي ڀاڄي

نيو يارڪ

سڄو نيو يارڪ ٻجلين ٻتين سان جڳمڳائي رهيو هو. توهانکي پهرين ئي مان ٻڌائي چڪي آهيان ته نيو يارڪ جو ايئرپورٽ تمام وڏو آهي جو ڪير اندر گهڙي ته منجهي پوي ته ڪٿي ۽ ڪيڏانهن وڃڻو آهي! تمام گهڻا دروازا آهن. خير اسين ٻه ٻين مسافرن جي پٺيان هلياسين. وڏي هال ۾ لگيج ڪيريئر ڪڍي سامان اُن ۾ رکيوسين ۽ ٻاهر نڪتاسين. سڄي شهر ۾ اونده پنهنجو انڌڪار ڄمائي چڪي هئي. ٽيڪسيون ٻاهر جام بيٺيون هيون پر سڀ ڪارا ڊرائيور هئا. اسين نوان هواسين ان ڪري ڪارن جي ٽيڪسيءَ ۾ چڙهڻ لي دل ڪانه ٿي. ايئرپورٽ جي اڳيان بس اسٽينڊ هو. جتي ڪيترا مرد ۽ زالون بيٺل ڏٺاسين. اسين ٻه وڃي اُتي بيٺاسين. پر دل ۾ اُڻ تڻ ته الاهه هئي بس ڪٿي ڇڏيندي. ڪنهن ڪان پڇڻ جي همت ٻه نه پئي ٿي ته متان ڪو ڪارو ٻڌي نه وٺي.

خير بس آئي. سڀني پنهنجو سامان بس جي پاسي ڪان ڊر کولي اندر وڌو، جو بس جي تري ۾ وڃي پيو. اسان ٻه پنهنجو سامان اُن ۾ رکيو. ٽڪيٽ ورتيسين. ڪلاڪ ڪان پوءِ بس اچي ميٽرو اسٽيشن تي ڇڏيو. جتان لوڪل ٽرين ڪڍي پنهنجي پنهنجي ماڳ وڃڻو هو. اسان ٻه لوڪل ٽرين ڪٽيون ۽ ۴۲ اسٽريٽ تي اچي لٿاسين. جو اڳهم اسين

ٻوڙي رهيون هيون جڻ ته رانديڪي جون موٽرون چاٻيءَ تي هلنديون آهن. ايتري ۾ اچي ايئرپورٽ تي پهتاسين. چيني ڇوڪري اسان جو سامان ڊڪيءَ مان ڪڍي ٻاهر رکيو. هونءَ اُتي ٽئڪسي ڊرائيور سامان کي هٿ به ڪونه لاهيندا آهن. سڀ پاڻ ڪرڻو پوندو آهي پر هن ڇوڪري ۾ ڪجهه شناخت هئي. ڏاڍي ادب ۽ پيار سان موڪلايائين. اسين سامان کڻي ايئرپورٽ تي اندر آياسين. پاسپورٽ چيڪ ڪرائي اچي جهاز پيرا ٿياسين.

٣٦ ڪلاڪن جي مسافريءَ کان پوءِ جهاز اچي بمبئي ايئرپورٽ تي پير کوڙيا. وچ وچ ۾ لنڊن ۽ دهليءَ تي تيل کڻڻ لاءِ بيٺو هو پر جڏهين اسانکي ٻڌايو ويو ته هيئنر اسين بامبي پهچي ويا آهيون ته اسان جون دليون خوشيءَ ۾ نچي اُٿيون. ڀڳوان انسان کي ڪهڙي طريقي ٺاهيو آهي. جڏهين لعلواٽيءَ مان بامبي ايئرپورٽ تان جهاز ۾ چڙهياسين لنڊن وڃي رهيا هئاسين ته دل خوشيءَ ۾ نه پئي ماپي ته لنڊن ٿا وڃون. نوان شهر ڏسنداسين. اتي جي ماڻهن سان گڏباسين وغيره. پر اڄ پنهنجي گهر پنهنجي وطن (هيئنر اسان جو وطن هندوستان آهي) تي جهاز پير کوڙيا ته دل پئي چاهيو ته جلدي ٻاهر نڪري پنهنجن ٻارن سان گڏجون. جهاز جا در کوليا ويا ته پهرين سامان کنيو ۽ اسين جهاز مان ٻاهر آياسين.

صبح جو ٿڌي هير لڳي رهي هئي پر نيويارڪ ۾ ڪافي

۽ ڏنڊ ڪانون.

هوٽل واري کي چٺي ڏنيو هوسين ته اسانجي لاءِ صبح جو ٽئڪسيءَ جو بندوبست ڪجو. صبح جو ٽئڪسي آئي ته ويٽر ڪوٺڻ آيو. سامان لاهي، هوٽل جو بل چڪتو ڪري، ويٽرس کي ٽپ (خرچي) ڏيئي اچي ٽئڪسيءَ ۾ ويٺاسين. ٽئڪسي ڊرائيور چيني ڇوڪرو هو. جو ٢١ سالن جو هو. جنهن پنهنجو داستان ٻڌايو. ته ڪمائڻ لاءِ هتي آيا آهيون. منهنجو پيءُ ٿائلنڊ جو آهي ۽ ماءُ چيناڻ. اسين جاوا ٻيٽا هتي آهيون. اسين پنهنجي قوم کان ڪٽجي ويا آهيون. کيس ڏاڍو افسوس هو. هنجي آتم ڪهاڻي ٻڌي مونکي پنهنجي سنڌي قوم جي به آتم ڪهاڻي ساڳي لڳي. شايد! اسان جا سنڌي، جيڪي ڪمائڻ جي خيال کان پنهنجي قوم کان وڇڙجي سنڌ ورڪ وڃي وسايو اٿن، انهن جي اولاد جي به ساڳي رام ڪهاڻي ٿيندي.

هن چيني نينگر کي احساس ٿيو هو پنهنجي قوم کان جدا ٿيڻ جو، پر اسان جي ٻارن کي اهڙو احساس شايد نه ٿئي. جو اسانکي ڪو پنهنجو وطن ڪونهي، پنهنجو اباڻو گهر ڪونهي، جنهن کي هو ياد ڪن. سنڌي قوم ٻنجارن وانگر هتي هتي ڀٽڪي رهي آهي. ٽئڪسي هڪ وڏي غفا ۾ هلڻ شروع ڪيو ته اُن جي آواز مونکي خيالن جي دنيا مان بيدار ڪيو. غفا پوري ٿي ته موٽرون ڪي هيٺان ته ڪي مٿان ته ڪي پاسن کان، ڏائي ساڄي پلن تان انين

مهنا هواسين. سامان کڻي اچي چنڊروءَ جي ڪار ۾ ويناسين. چنڊرو ڪير ٻه ٻاهر وڃي پيا اچي نه چڙهڻ ۽ وٺڻ ايندو آهي مان ته شاباس ڪيس ڏيندي آهيان ڪڏهين ٻه ڪونه ڪرڪي. چوندو آهي ته ان ۾ ڇا آهي؟ سڀيون سڀيون راڻيون نند ڦٽيس ته ٻه ڪڏهين منهن ۾ گهنج ڪونه هجيس. ڪار هوا سان ڳالهيون ڪندي اچي پنهنجي ماڳ پهتي. گهر ۾ گهڙڻ سان جڻ من ۾ آنند اچي ويو. دل چيو ته پنهنجو گهر گروءَ جو در.

سماپت

اَڌ هئي جو ڪوٽ ۽ سوئيٽر پائي چڙهيا هواسين. پر هتي گرمي لڳي رهي هئي. جهاز جي اڳيان بس بيٺي هئي اُن ۾ چڙهي اچي هڪ هال ۾ پهتاسين جتي ڪافي رش هئي. اسين قطار ۾ بيهي رهياسين. هڪ ٻئي پٺيان چار جهاز پيا آيا ايتري ته هال ۾ رش ٿي وئي جو ساهه کڻڻ به مشڪل هو. ڪوٽ ۽ سوئيٽر پهرين لاهي ٻانهن تي رکيا هئاسين پر پگهر ريشا ڪري وهڻ لڳو. پڪا ٻه هيڏي هال ۾ صرف ٻه هوا. ڪسٽم آفيسر به تمام ٿورا هوا. سامان بيهي ڪاڻ سگهيس جو مونکي اچي ساهه جي مونجهه ٿي. مون هڪ آفيسر کي پنهنجي مشڪلات ٻڌائي جنهن صرف زالن لاءِ هڪ آفيسر ڏنو جنهن اسان جا پاسپورٽ چيڪ ڪيا. ۽ اسين سڀ زالون، (ڪن کي ننڍا ٻار ڪلهن تي هوا. جي ننڊ ۾ مخمور هوا.) اچي سامان وٽ پهتاسين. اُتي منهنجو ڀائٽي شري چندرو ملاڻي بيٺو هو. جنهن جي مدد سان سامان کڻي اچي ڪسٽم آفيسر وٽ پهتاسين. ايتري ۾ پرديپ ۽ لعلواڻي به اچي پهتا. مٿي شيشي مان منهنجون ڪڪيون سروج ۽ سندس ٻار بيٺا شرميلا- ٻي ڪڪي رنجنا ۽ سندس گهوٽ رميش بيٺا هوا. جلدي سامان چيڪ ڪرائي (ڇاڪاڻ ته اسان اهڙو ڪجهه ڪونه آندو هو.) ٻاهر آياسين- ٻار ٻاهر بيٺا هوا. تن کي اهڙي ته پيار مان ڀاڪر پاتم جڻ ته ڪيترن سالن کان پوءِ گڏيا هجن. منهنجي اکين مان جهڙ جهڙ ڪري ڳوڙها ڳڙي رهيا هئا. ويا ته صرف پوٽا به

ھويش جىنانىد لعلواتى دزنى ورلد م (ئامىريكا م)

باقي ٿورين ڪاپين بچيل

گروءَ جي پريمين لاءِ خوشخبري

- شاهوڪارن ۽ ڌاڻي پرشن لاءِ سونو وجهه -

ڪيترن ڀائرن ۽ ڀينرن جي زبردست گهر سبب

وري سنڌيءَ ۾ ٻيو دفعو سڌاريل

* تيار ٿي ويو *

شري گرو گرنٿ صاحب

هاڻ ڇپجي ويو آهي. ڏاڍو ڏاڍو سان- رنگين بائنڊ ۾- اوچو مٿو لٽو هئو- ڪالدار ڪاغذ اگر سان ۽ اصلي گرو گرنٿ صاحب جيترا ۱۴۳۰ پيج- پيج ٿو پيج ۾. ڀاڱن ۾ ۽ هڪڙي سواري. اڳين ۲۰ سال اڳ اسان سنڌيءَ ۾ ڪڍيو هو. ستن سالن کان خلاص ٿي ويو ان ڪري ڪن ڀوڳ سيلون ۵۰۰ روپين ڪاپين ڪاڻ لاءِ ڀيٽا وري. هن وقت ڀيٽا لاڳت ۲۵۰ روپيا. ٽپال خرچ ڌار. روپيا جدا.

هڪدم پنهنجو آرڊر موڪليو جو ٿورين ڪاپيون ڇپايون ويون آهن. متان پڇتايو.

وڌيڪ لکپڙه ڪريو يا فون ڪريو ڄيٺانند اعلواڻي

ڀارت جيون ۳/۱۱۱، اوجيون هائوسنگ سوسائٽي.

ڀاڱو (٢) ٻنڪانگ ۾

اڄ دنيا ننڍي ٿي پئي آهي. ماڻهوءَ کي پئسو ۽ دل هجي ته هو ڪٿي جو ڪٿي وڃي نڪري. صبوح جو هندستان ۾ چانهه پيئي ته منجهند جي ماني لنڊن ۾ کائي ته شام جي چانهه آمريڪا ۾ پيئي ته رات جو ماني جپان ۾ کائي. اڳي چئبو هو ته دنيا وڏي آهي پر هاڻي هوائي جهازن ۽ سائنس جي ترقيءَ جي ڪري دنيا ننڍڙي ٿي پئي آهي. اڄ ماڻهو چنڊ تائين وڃي پهتا آهن ۽ آسمان ۾ پنهنجون بنڪون ٺاهڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهن.

تازو اسانجو نوجوان راڪيش شرما روسي سائين سان گڏ هفتو آسمان ۾ ٺهيل اسٽيشن تي ويو هو ۽ اتان فوٽن رستي هندستان ۽ ٻين ملڪن جي زمين جي گرڀ ۾ ڇا سمايل آهي، انهن جي کوج ڪيائين. ۽ ائين هندستان جو نالو مٿي ڪيائين.

اسانجا سنڌورڪي ڀائر ته صدين کان پنهنجو گهر ٻار ڇڏي، پنهنجو وطن ڇڏي جدا جدا ملڪن ۾ ٻيڙين ۽ ٻاڦيءَ جي جهازن ۾ چڙهي دنيا جي ٻين ملڪن ڏيساورن ۾ وڃي، واپار ڪندا هئا. هتان جي شيءِ اُتي وڃي وڪڻندا هئا، ۽ اُتي جي شيءِ هتي آڻي وڪڻندا هئا. تن ڏينهن ۾ هوائي جهازن جو ايترو واهپو ڪونه هو پر سنڌي هرهنڌ وڃي

ڪولاهپور ۾ شري چمنانند ٻوجواڻي جي، ڪٽنبي سان
ڏوج اڀي شرامتي چمپا ٻوجواڻي، سشيلا لعلواڻي،
رامي ڪرپالاڻي، چمنانند لعلواڻي، سروج (ٻوٽم)
چندرو ملاڻي.

(ٻيٺل) لانو، چمنانند ٻوجواڻي، ٻول ٻب لعلواڻي.
(ٻٽ ۾) ڪيشي ۽ اشوني.

شاهوڪارن وانگر مُوزي (ڪٽيل) ٻڌجي رڳو پنهنجي لاءِ ڪم ڪونه ٿا آڻين. پر هو پنهنجي ڪمائي پنهنجي جاتي، پنهنجي شهر ۽ پنهنجي ديش جي ڀلائي لاءِ خرچين ٿا. اهوئي ڪارڻ آهي جو اڄ جتي به سنڌي ويا آهن ته اُتي سڪول، ڪاليج، ڌرمشالائون، اسپتالون، اناٿ آشرم، ٽڪاڻا ۽ مندر کوليا اٿن. هو چڱي طرح ڪمائي به ڄاڻن ته ٻين جي ڀلي لاءِ ڏيئي به ڄاڻن. اهوئي سبب آهي جو توهين رڳو بامبي ۾ ئي ڏسندا ته سنڌين ٢٠ ڪاليج کوليا آهن. ڪيتريون اسپتالون کوليون آهن جن ۾ مکيه جس لوڪ، پرمانند هندوجا اسپتال، انلڪ اسپتال، اُلهاسنگر ۾ چنتراه راڌي ٻائي سنيٽوريم ۽ ٻيون ڪيتريون کوليون آهن، انهن مان سنڌي توڙي ٻي ۽ لوڪل ماڻهو گهڻو فائدو وٺي رهيا آهن.

١٩٨٣ ۾ اسين يورپ، لنڊن، آمريڪا ۽ ڪئناڊا جو چڪر ڏيئي آيا هواسين. ان جو احوال مون ڀارت جيون ۾ ڏنو. جنهن کي پڙهي ڪيترن ڀائرن ۽ ڀينرن خط لکيا، ته هي توهان جا ليک اسان جي مارگ راهه ڪندا. اسين گهڻيئي دفعا انهن شهرن ۾ ويا آهيون پر انهن ڳالهين ۽ انهن هنڌن ڏسڻ جو خيال اسان کي نه آيو آهي.

ڪيترا اسان جا ڀائر ۽ ڀينرون دوست ۽ گراهڪ سينگاپور، هانگ ڪانگ، بئنڪاڪ ۾ آهن انهن به خط لکيا ته ٻئي دفعي اسان وٽ پروگرام ناهيو. منهنجي ڀيڻ ساوتري

پهچندا هئا، ۽ محنت جفاڪشي ۽ پنهنجي عقل سان ڪمائي، هو پنهنجي وطن حيدرآباد سنڌ ۾ ايندا هئا. اُني پنهنجي شاهوڪاري (پئسي) سان حيدرآباد کي به ڀارت جو پئرس بڻائي ڇڏيائون.

اسان جي ڀارت جيون - راجسٿان ٥٠ سالن کان سنڌ کان نڪرندڙ آهي. اسان جا پاٺڪ ۽ همدرد سڄي دنيا جي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ آهن. جتي به سنڌي آهن اُتي اسان جون اخبارون وڃن ٿيون.

خود ڀارت جي پرائيم منسٽر شريمتي اِندرا گانڌيءَ تازو چيو ته دنيا جو ڪو به اهڙو شهر ۽ ڳوٺ ڪونهي، جتي سنڌي واپاري نه آهي. چيائين ته مان لنڊن ۾ پڙهندي هيس ته پڪنڪ جي خيال کان مان ساهيڙين سان هلي ويس. اُتي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ رڳو هڪ هندوستاني سنڌي هو. جنهن کي ڪرياني جو دوڪان هو. مون کي هندوستاني ڏسي خوب آءُ ڀاءُ ڪيائين. سنڌين ۾ اها خوبي آهي ته هو گهر ۾ آيل مهمان جو پريم ۽ پيار سان آءُ ڀاءُ ڪندا آهن. هو سمجهندا آهن ته مهمان ايشور جو روپ آهي. ڀاڳ نه ڪائي به مهمان جو آءُ ڀاءُ ڪري ڪيس ڪارائيندا. اهوئي ڪارڻ آهي جو ملڪ جي ورهاڱي جي هيٺون تڪليفن هوندي به، پنهنجي پرانت نه هئڻ هوندي به، سنڌي پنهنجي محنت ۽ هوشياريءَ سان زنده آهن، ۽ هي جيڪي ڪمائين ٿا سي ٻين ڄاڻين جي

ٻـوان سان ۽ چار ملڪ ڏٺا ۽ ڏسون ٿا ته انهي اسان جا پئسي ۾ هئا. ان ڪري پياري ڀاءُ شري هاسو مل ٽنواڻيءَ کي خط لکيوسين ته اسانجو خيال اچڻ جو آهي. جيئن ان کي خط پهتو ته يڪدم ٽرنڪ ڪال ڪيائين ”ته اسان کي ڏاڍي ڏاڍي خوشي ٿي آهي جو توهين نيٺ اسان وٽ اچو ٿا. ڪلهين ٿا اچو مان ايئرپورٽ تي ايندس.“ مون کيس وينتي ڪئي ته ”مهرباني ڪري هڪ هوٽل جو بندوبست ڪجو جو اسين ۴ ڄڻا آهيون! اسين جتي به ويندا آهيون ته هوٽل ۾ رهندا آهيون.“ پهرين ته ڀاءُ شري هاسي مل قبول نه ٿي ڪيو پر اسانجي گهڻي چوڻ تي هن قبول ڪيو.

اسين هتان چارئي ڄڻا مهنجو گهوٽ راجا جيناڻند، پرديپ، پونم ۽ مان (سشيلا) چارئي ڄڻا ۲ بجي سانٽرا هوائي پورٽ تي پهتاسين. ڇو ته رات جو ۴ بجي ڪٿئي پئسفڪ هوائي جهاز ۾ سيٽس هيون. ڪسٽم ۽ اميگريشن جي قانونن کان آزاد ٿي اندر هوائي جهاز ۾ پهتاسين. اسانجو هوائي جهاز جي ڪپتان ۽ ايئرهوسٽيس سواگت ڪيو ۽ اسين وڃي پنهنجي سيٽس تي ويناسين. هوائي جهاز هلڻ جي وقت ڇيلهه کي بيلٽس ٻڌوسين. هوائي جهاز مٿي چڙهيو ته اسان کي جوس چانهه ۽ نيرن ڏني وئي. انڪل ۵ ڪلاڪن کانپوءِ اسانجي هوائي جهاز جي ڪپتان سوچنا ڏني ته هاڻ هانگڪانگ اچي رهيو آهي. جهاز هيٺ لهندو

ڪرپالاڻي، ڪولمپور ۾ رهندي آهي. جو سينگاپور کان ٣٠ يا ٤٠ ميل پري آهي. ڪيترائي خط ٢٠ سالن کان لکندي پيئي آئي آهي ته مان هتي آهيان اچي گهمي وڃو. اسين شري گرو گرنٿ صاحب، شبد پاڳوٽ ۽ ٻين پاٺن ڇپائڻ ۾ رڌل هئاسين. ان ڪري هندوستان کان ٻاهر وڃڻ جو خيال به ڪونه هو. پر جڏهن ١٩٨٢ ۾ اخبارن پڙهيائين ته وري خط اچڻ لڳا ته هاڻي هن پاسي ضرور چڪر هڻو.

بئنڪاڪ مان اسانجي ڀاءُ شري هاسومل ٽنواڻي به خط لکيا ۽ جڏهين بامبي ۾ ايندو ته هو دلي دعوت ڏيندي ويندو هو. ته اچو اچي بئنڪاڪ ڏسو، ۽ سنڌين جي حال احوال کان به واقف ٿيو. هيڏانهن هانگ ڪانگ مان پيارا ڀائر شري جارج ۽ شري ڀاٻ ايندا هئا ته چوندا هئا ته هانگ ڪانگ ۾ اچو. هانگ ڪانگ ۾ ١٥ سال به منهنجو ڏڪو هرپش رهندو هو ان به گهڻو ئي اچڻ لاءِ لکندو هو پر اسان جو اَن جل هانگ ڪانگ ۽ ٻين هنڌ هجي ته نڪرجي نه. سڀ حڪم جي اندر آهي.

منهنجي وڏي ڪڪيءَ سروج (ڀونم چندرو ملاڻي) چيو ته منهنجو خيال آهي ته مان سينگاپور ۾ وڃان ۽ توهين به هلو. هوڏانهن منهنجو ننڍڙو ڪڪو پرديپ لشڪاس وارو اسان وٽ بامبي ۾ آيل هو. سو خيال ڪيوسين ته هينئر وجهه سنو آهي ته نڪري پئون. رڳو سينگاپور نه

ايتري ۾ ونڊسر هوٽل به اچي وئي. چوڪيدار وڏي دروازو کوليو اسين هيٺ لٿاسين. سامان ڪار مان لاهي اسانجي رومس ۴ ماڙي تي کڻي ويا. شري هاسومل به ڪار پارڪ ڪري آيو. چيائين ته توهين پل سدان ٻاهي ڪري فريش ٿي ڪلاڪ ڪن ۾ تيار ٿيو. مان ماڻهو موڪليان ٿو. گهر منهنجو سامهون آهي.

اسين تيار ٿي هيٺ لٿاسين سامهون سندس گهر فليٽ سسٽم ۾ ٻه ماڙ تي هو. لفٽ ۾ چڙهي مٿي پهتاسين ته در تي مسٽر هاسومل، سندس ڌرمپتني رتنا اسان جو سواگت ڪيو. رتنا اسان وٽان بمبئي مان ٿي وئي هئي ان ڪري هڪٻئي کي چڱيءَ طرح سڃاڻندا هواسين. رتنا ڏاڍو پيار پريو پاڪر پاتو ۽ پونم کي به پاڪر پاتائين. جو جو پونم جون آرٽيڪلس ڊاڪٽر سان انٽرويو جيڪي هوءَ آل انڊيا ريڊيو تي وٺندي آهي سي چاهه سان پڙهندي آهي. پرديپ کي پهريون دفعو گڏي هئي. مسٽر تنواڻيءَ جي وڏي ڌيءَ حور دوڪان تي هئي ۽ اها به اسان وٽان ٻامبي مان ٿي وئي هئي. سندن ننڍي ڌيءَ جوتي، پٽ گل ۽ لونهن مهيشيا به گڏيا. اندر هال ۾ گهڙياسين جو ڪافي وڏو هو. خبرون چارون ڏنيوسين ورتيوسين شري هاسيمل جو گهر جئپور ۾ به آهي.) رتنا تازو اتان آئي هئي. هوءَ گهر ڏيکاريائون ٥ بيڊ رومس وڏو شاهي رنڌڻو، سرونٽس رومس وغيره هئا. بالڪنيءَ مان هيٺ جو نظارو ڏاڍو دلڪش هو.

مهرباني ڪري چيلهه کي بيلٽ ٻڌو. جهاز آهستي آهستي هيٺ لهڻ لڳو ۽ ١٥ منٽن ۾ اچي پنهنجا پير ٻئنڪانگ ايئرپورٽ جي زمين تي کوڙيائين.

جهاز جو در کليو. آهستي آهستي سڀ ٻاهر نڪتاسين. هوائي جهاز جي ڪسٽم ۽ اميگريشن جا قانون پورا ڪياسين. هتي مون کي چوڻ ۾ لڄ ٿي اچي ته اسانجي ايئرپورٽس تي آفيسر سيلانين کي تمام گهڻو تنگ ڪن ٿا. پر ٻاهرين ملڪن ۾ ڏيکو وزيٽرن کان پڇندا آهن ته توهان وٽ هٿيار يا نشي جون شيون ته ڪونه اٿوَ. ۽ سڄو سامان ايڪسري مشين مان نڪرندو آهي. ماڻهو به ان مان نڪرندا آهن ته ڪين پتو پئجي ويندو آهي ته سامان ۾ ڇا آهي. ۽ ماڻهوءَ وٽ ڇا آهي. هو سمجهندا آهن ته وزيٽرس (مهمان) اسان جا ڀڳوان آهن ۽ آءُ ڀاءُ ڪندا آهن.

اسين ٻاهر نڪتاسين ته سامهون ڀاءُ شري هاسو مل ٽلواڻي بيٺو هو ٻانهون کڻي ڪاريائين. اڳيسان پهتاسين ته ٽلواڻيءَ کي ڀاڪر پائي گڏيو ۽ اسانکي به پيار ۽ سڪ سان گڏيو. پنهنجي ڪار مرسيڊز ۾ سامان ڊڪيءَ ۾ رکي اسين ڪار ۾ ويٺاسين. وڏا شاهي رستا، صفائي صفا، ڪٿي به هندوستان جي رستن وانگر جهوپڙپٽي ڪونه هئي. ايئرپورٽ اٽڪل ۴-۵ ميل شهر کان پري هو. هن رستي تي ڳالهه ڪئي ته اسانجي گهر جي پاسي ۾ ولڊسر 5 اسٽار شاندار هوٽل آهي. اتي توهان لاءِ به روم بوڪ ڪرايا اٿم. کاڌو گڏجي گهر ۾ کائيندا سين.

جدا جدا ڌرم ٺاهيا. مسلمانن مان بہ گھڻا هندو آهن. جن ڪنورٽ ٿي ڪري، ۽ مسلمانن جي راڄ ۾ عهدا هٿ ڪرڻ جي خيال کـــان اسلام قبول ڪيو. اڄ اسين هـنـدو ٻڌڌجي سنسڪرتي، سڀيتا ۽ تهذيب ڇڏي ويسٽرن رهڻي ڪرڻي کائڻ پيئڻ ۽ ايتري قدر جو ٻڌڌجي ڀڳوان کي بہ ڀلائي ويٺا آهيون. پر ولايت ۾ پاڻ اسانجي تهذيب ۽ سنسڪرتي قائم آهي محفوظ آهي. ٻڌ ڌرم جـي مڃتا چين، جپان، ٿائلنڊ، برما، نيپال وغيره ۾ جام آهي.

صبح جو ٩ بجي مني بس اچي هـوٽـل اڳيان بيٺي. فون ڪال آيو تہ بس اچي وئي آهي. اسين بہ تيار ويٺا هواسين. بس ايئرڪنڊيشن هئي سيٽس ڊايون سٽيون هيون جيئن تہ هوائي جهاز ۾ ويٺا هواسين. ٻين هوٽلن مان هڪ آمريڪن جـوڙو ۽ هڪ جپاني اسٽوڊنٽ کيائون. هـيءَ سڄي ايراضـي سهڻن رنگين پڳوڊا (مندرن) سان سجايل هئي. ٻهراڻين اسانکي رائل پڳوڊا ٽيمپل ۾ وٺي هليا. وڏي شاهي ايراضيءَ ۾ ۴ مندر ٺهيل هـــوا. دروازو وڏو شاهي رنگبرنگي رنگن سان پينٽ ٿيل ۽ اُن ۾ سونهري رنگ جان تان گهڻا هوا. جنهنڪري اُس جي روشنائيءَ ۾ سون وانگر تجلا ڪيدي رهيو هـو. ائين پي لڳو تہ اسين بنڪاڪ ۾ نہ پر جپان يا چين ۾ اچي پهتا آهيون. هڪ مندر ۾ گهڙياسين جتي ٻڌ ڀڳوان جـو وڏو شاهي پتل جي مورتي اوچي سنگهاسن تي براجمان هئي. اڳيان موم بتيون

سٽمنگ پول ۽ سھڻو گارڊن ھو. لنچ کانپوءِ ڀاءُ ھاسيمل سان سندس دوڪان تي وياسين جتي حوُر گڏي. جانھ دوڪان تي ٻي حور سان گڏ راجا دمڙي ڊپارٽمينٽل اسٽور ڏسڻ وياسين. ھڪ فلور جتين جو ته ٻيو فلور ريڊيميڊ ڪپڙي جو انين ۹ ماڙا ھوا. تنھن کانپوءِ رابنس اسٽور تي وياسين. شام جو ۵ بجي دوڪان تي واپس آياسين. ڀاءُ ھاسي مل اسان کي ھوٽل ۾ ڇڏيو ۽ چيائين ته ھٿ منھن ڌوئي فريش ٿي گھر اچجو. ڪلاڪ کن آرام ڪري سندن گھر وياسين - جتي ڪالثس ڀچيوسين ته ھتي گھمڻ جا ڪھڙا ھنڌ آھن . جي ان ٻڌايا. رات جو ڊنر سيٺي گڏجي ونس کاڌي. پاڻ ۾ ڪيترين سبجيڪٽس تي ڳالھيون ٻوليون ٿيون. ٽي. وي تي نيوز ڏٺيسين. اڱل رات جو ١١ بجي ٻئي ڏينھن جو پروگرام ٺاھي اٿياسين .

ٻئي ڏينھن ٽونوسٽ بس ۾ مندرن ڏسڻ جو خيال ڪيوسين. چو ته بئنگڪاڪ ٻڌ ڌرم جي مندرن ڪان مشھور آھي. ھوٽل واري کي ٽونوسٽ بس لاءِ چيو ويو. جنھن ھڪدم ٽڪيٽون اسانجي ھٿ ۾ ڏنيون. ھندو ڌرم وشال آھي. دنيا ۾ ڪوبہ ڌرم ڪٿندا ته اھو ھندو ڌرم جي ھڪ شاخ ھوندي آھي. ٻڌ ڌرم بہ ھندو ڌرم جو ھڪ جزو آھي. حقيقت ۾ ھندو ڌرم تي آھي. ھندو ڌرم ڪي حقيقت ۾ اسانجي ڪنو بانيڪن چيھو رسايو آھي. ۽ چوتچاس ھندو ڌرم ۾ آندي، جنھن ڪري ھندو ڌرم مان ڪيترن نڪري

رامائڻ تصويرن سان اُڪريل آهي. گائيڊ ڇوڪريءَ جڏهين اسانکي ان بابت ٻڌائي رهي هئي ته اسان ڪيس ٻڌايو ته اصل ناٽو سيتا آهي ۽ رام آهي. گائيڊ ڇوڪري حيران ٿي وئي، ته توهانکي ڪيئن ڄاڻ آهي؟ اسان ڪيس ٻڌايو ته اهو اسانجو ٻه هولي ٻڪ (ڌرمي پستڪ) آهي. وراندي ۾ ڪٿو ماتا جا پتلا ٺهيل هوا. ٿائيلينڊ ۾ ايوڌيا شهر آهي. ٿائيلينڊ واسي ٻڌ ڌرم جا ڏايا پوئلڳ آهن.

٣- مندر ۾ ٻڌ ڀڳوان جو پتلو سچو نج سون جو ٺهيل هو. وزن ساڍا پنج ٽن هو. اُن جي پاسي ۾ ٽي - چار ٻڌ ڀڳوان جون مورتيون هيون، جن تي شرڌالو ٻاهران دوڪان تان سونيون پنيون وٺي اچي مورتين کي هڻيون هڻائون، جن جون منوڪامنائون پوريون ٿي ٿيون. اُهي مورتيون ته سون سان چمڪيون پي. ٻڌ ڌرم گرنٿ اُتي لئبرري هال ۾ رکيل آهي. جنهنجو هر سال ٦ اپريل تي عام جنتا جي لاءِ درشن لاءِ رکندا آهن.

گرئنڊ پئليس

گرئنڊ پئليس ٢ لک، ١٨ هزار، ٤ سؤ اسڪوائر ميٽرن ۾ پکڙيل آهي. ١٧٨٣ ۾ (راجا) راماراءِ پهرئين ٺهرايو هو. تڏهين کان بئنگڪاڪ شهر جو نرماڻ ٿيو. محل جي چوڌاري جيڪي ٤ پتيون آهن تن جي ڪل لمبائي هڪ هزار، نو سؤ ميٽر آهي. پئليس جي ڊبل گيٽ جي اندر گهڙندي ئي ٽن ڀاڱن ۾ بلڊنگون آهن. ڏائي پاسي واري گروپ ڪي

سهڻن اسٽئنڊس ۾ پيل رهيون هيون. اُتي پوڻام ڪري پاسي ۾ ٽئي مندر ۾ وياسين، مندر جي اندر ٿورو ٿرسٽ لاءِ دوڪان کوليا ويا هوا. جتي الديا جو مال گهڻو رکيل هو. اُن مندر ۾ ٻڌ ڀڳوان جي نروار جو پتلو سمهيل رکيل هو. سڄي سون جا پترا لڳل هيس ڪٿان سون جا ٽڪر ٽڪري ويا هوا. ڏيکه اهڙي هئي جڻ ڪ هڪ ننڍو هوائي جهاز هو. سڄي ٻڌ ڀڳوان جو ڍڪو فوٽو والينڊانگل ليٽس سان ڪڍڻ ۾ ناممڪن هو. سندس پير جو آڱوٺو اسانجي پير کان ٻه وڏو ۽ ويڪرو هو. پيرن جي ترين تي سندس زندگيءَ جون جهلڪيون لکيل هيون.

٢ مندر آيمريلارب ٻڌا –

جيڪو جيڊ پٿر جو ٺهيل هو. ان پٿر کي پڻ چوندا آهن جو ساڻي هلڪي رنگ جو ٿيندو آهي. ساڍا ٥ ميٽر اونڇي آسن تي پلٿي ماري ويٺل هو. ۽ مورتي هڪ ميٽر جي ٺهيل هئي. اُلي فوٽن ڪڍڻ جي سخت منع هئي. ادب ۽ شرڌا سان مورتيءَ جي اڳيان جهڪڻو هو ۽ گوڏا کوڙي ويهڻو هو جيئن سامهون مورتيءَ ڏانهن پير نه ٿين، پر پٺڀرڻي پنيان هجن. سڪيورٽي وارن خاص ان طرف ڌيان ٿي ڏنو. مورتيءَ کي دشمن جي نظرن کان بچائڻ لاءِ پٿر سان ڍڪيو ويو هو جو سو ٻن سال اڳين هو. ٿنهن کان پوءِ ٢٥-٣٠ سال پاڻ مرادو پٿر ٽٽي پيو ۽ سهڻي اوچي ۽ ملهائتي مورتي نروار ٿي. مندر جي هر هڪ ڀت تي سچو

مندرن ۽ محلاتن جي پٿرن تـي ڪاريگري اهڙي تـه باريڪيءَ سان ڪئي ويئي آهي جو اڄ جي زماني ۾ نه صرف مشڪل نه پر ناممڪن آهي. هرهڪ عمارت پنهنجي پنهنجي نموني ٺهيل هئي ۽ اُن جي ڇت الڳ الڳ انداز ۾ تصويرون ۽ لکڻيون ۾ ٿائلنڊ جي رام ڪهاڻي چٽي رهي هئي. راجا ڪي ٿائلنڊ ۾ راما راءِ نالـي سان چوندا آهن. مندرن ڏسڻ ۾ اسانکي ٽائيم جي ڪا خبر ئي ڪانه پيئي. جڏهين واچ تي نظر پيئي ته شام جا ٥ لڳا هئا. تنهن کان پوءِ گائيڊ اسانکي هڪ جوهريءَ جي دوڪان تي وٺـي هليو. جتي زمرد- سچا موتي، پنا، هيرن وغيره کي ڪٽ ڪري شيپ ڏني ٿي ويئي. ٻئي ڪمري ۾ اُن مان جوڙتي مٽيا ٺهيا رکيا هوا. جي اسانکي هندوستان جـي ڀيٽ ۾ ڏاڍا مهانگا لڳا. ڪيترن ٻين سيلانين اُتان خريداري ڪئي.

هرهڪ دوڪان ۽ ٿائي گهرن جي اڳيان ننڍڙو چبوترو ٺهيل هوندو آهي جتي روز صبوح جو ڪاڌو، ڪوڪو ڪولا جي باٽل رکندا آهن. سندن عقيدو آهي ته ائين ڪرڻ سان خراب روح اسانکي پريشان ڪونه ڪندا. اهو سڀ ڏسي ٦ بجي اسين پنهنجي هوٽل ۾ واپس پهتاسين. ڊرام تـي سمهي پياسين جو ڏاڍو ٿڪ ٿيو هو. ٧ بجي ڪن مسٽر هاسانند جو فـون آيو ته ڪيڏي مهل ٿا اچو ڊنر کائڻ. اسين دوڪان تان واپس اچي ويا آهيون، اسين به تيار ٿي ٨ بجي سندن گهر پهتاسين.

”مها مونتين“، وچم ”چڪوي مهاپرساد“ ۽ ساڄي پاسي ”دست مهاپرساد“ ڪري سڏبا آهن.

مها مونتين –

مها مونتين ٽن بلڊنگن جو نهيل آهي. (١) ”امر اندران“ جي راڄ دربار، جتي راڄ اُسؤ راڄ گديءَ جي اڳيان ملهايا ويندا آهن. (٢) پيسل هال جتي نئين راڄا جو راڄ تلڪ ڪندا آهن. (٣) چڪر پردي پمان جتي راڄا - راما پهريون راما پيون ۽ نئين جا محلات هوا ۽ انهي رواج ٽي وڃو آهي ته جيئن راڄا تخت تي وهي ته انکي اها رات ان محلات ۾ گذارڻي آهي.

دست مها پرساد –

انهي هڪ سڀا گرهه آهي جنهن جي راڄ گدي مدر آف پرلس جي نهيل آهي ۽ ان ڪرسيءَ جي مٿان اڇي ڪپڙي ۽ ذريءَ سان ٩ تهن (ايمرس) جو ڇت گنبذ وانگر نهيل هو.

چڪري مها پرساد –

چڪوي مها پرساد جي وچم سينٽرل ٿرون هال آهي ۽ ٻنهي پاسن کان رسيپشن هال - جيڪي تمام سهڻي ۽ سنئي لموني سينگاريل آهن. سينٽرل هال ڏنهين کوليندا آهن جڏهين نئون ڪو ودیشي راڄ دوت نائليسٽ ۾ ايندو آهي ته پنهنجو پروانو راڄا اڳيان پيش ڪندو آهي. رايل فئملي وارن جون هائيون هڪ هال ۾ رکيل آهن.

ٻ ٻل هو. اُهي لتاڙي اڳيان آياسين ته ٦ ٽائي سهڻيون
ڇوڪريون نشنل ٽائي ڊريس ۾، بلائوز ۽ لونگي وانگر
ٻيل، وار سهڻي نموني ٺهيل، اُن ۾ گلاب جا گل اٽڪيل،
بيٺيون هيون سيلانين جي سواگت لاءِ. ٽائي ڇوڪريون
ڇمڙيءَ جون اڇيون، ڏنگريون ۽ وڏيون روشن واريون آهن.
گهڻو ڪري سيلاني آمريڪن، رشن، جرمن، جپاني وغيره
هوا جن اُنهن ٽائي ڇوڪرين سان فوٽا پئي ڪڍايا. اسان
ٻه انهن سان فوٽا ڪڍايا. پوءِ اسانکي گائيڊ هڪ وڏي
شاهي ٻانس جي لڪڙين جي ٺهيل هال ۾ وٺي آيو. هال
جي در وٽ، پوڍي ڪلون جي ٻاٽيءَ ۾ ٻسيل نئپڪنس
هرهڪ کي ڏنو ٿي ويو، ڇاڪاڻ ته گرمي زبردست هئي،
اوڏي مهل منجهند جا ٣ لڳا هوا. اسين اندر اچي فٽن
جي هيٺان ويناسين ۽ نئپڪن سان منهن هٿ اگهياسين، ته
فرحت محسوس ڪئيسين. جڏهين سڀ ويهي ويا ته جيئن
اسانجي شهنائي وڄندي آهي اهڙي نموني شهنائي وڄڻ
لڳي. ٿوري مهل کان پوءِ هائين ٽي راجا جي ڊريس ۾
هڪ ماڻهو ۽ ٽائي ڇوڪريون چڙهيل آيون. چڪر هڻي
در کان ٻاهر نڪتا ته ٻئي در کان ٢٠ کن ڇوڪريون آيون
۽ جيئن نيپالي ۽ برمي ٻانس جي لڪڙين جي وچ ڊانس
ڪندا آهن، تيئن هتي ٻه ٽائي ڇوڪريون ٻانس جون
لڪڙيون وڄائي رهيون هيون، ۽ وچ ۾ ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا
نچي رهيا هئا. ٻو مجال جو لڪڙين جي وچ ڪنهن جو

اُني شوءِ هاسپمل اسان سان گڏ فوٽا ڪيايا. رتنا چيو ”ته اڄ مون توهان لاءِ ٽائي ڪاڏو ٺهرايو آهي ۽ تنهن سان گڏ سنڌي ڪاڏو پڻ، چاڪاڻ ته ڪن ڪي ٽائي ڪاڏو اصل ڪونه وڻندو آهي.“ اسان منجهند جو تورو ٽائي ڪاڏو هوٽل ۾ گهرايو هو ۽ پسند ڪونه آيو هو. خير ڪاڏي جي ميز تي ويناسين ته ڀورين ڀورين ٽائي ڪاڏي جي خوشبوءِ اصل ڪانه وڻي. ۽ ڪاڻ ۾ ڪجهه بشز سنيون هيون. ڪائي اُتياسين ته اسانکي ڏايو ٿڪ هو، سو جلدي هوٽل ۾ واپس ورياسين.

روز گارڊن -

١٤ مارچ جو منجهند جو اٽڪل هڪ بجي بس اسانکي روز گارڊن تي وٺي هلڻ لاءِ اچي پهتي. روز گارڊن اٽڪل بئنگڪاڪ شهر کان ٣٢ ڪلو ميٽر پري آهي. بئنگڪاڪ جو بهترين گارڊن آهي. رستي جي ٻنهي پاسي ساوڪ سان هرڙيا ڀريا کيت لهرائي رهيا هوا. ننڍا ننڍا سهڻا گهر، رنگبرنگي، ٽائي قسم جا ڳوٺن جي رونق وڌائي رهيا هوا. بس هوا سان ڳالهيون ڪندي اچي روز گارڊن پهتي. اسين اٽڪل ٨ جڻا، ٤ جوڙا هواسين. سامهون وڏو شاهي دروازو هو. جنهن مان اندر گهڙياسين- ٻنهي پاسن کان گلاب جي گلن جا ٻارا هوا. جن ۾ تمام ڳاڙها گلاب جا گل وڏا سهڻا هوا ۽ ٽئي پاسي ۾ گلابي، ٽئين ۾ ڦڪا (پيلو رنگ)، چوٿين ۾ ڪارا- گلن جو سائيز اسان جي هتي گلاب جي گلن کان

گهوڙن سان سينگاريل هيئو هو. جنهن تي سهڻيون ٽانگي ڇوڪريون ڪرشن وانگر ڊريسون پائي ويٺيون هيون. رٿ ۾ ڪرشن جي رٿ وانگر، موتي ۽ ڳاڙهن پيلن پٿرن سان سجايل سڄو سونهري رنگ جو هو. جتي هر هڪ درشڪ وٽي ڇوڪرين سان فوٽا ٽي ڪيا ۽ اهي فوٽا خريد ٿي ڪيا. سڄو گارڊن سهڻن رنگبرنگي ٻوٽن سان ٻهڪي رهيو هو. اتي ٻه ٽي دوڪان هوا جتان سيلانين خريداري ٿي ڪئي. اسين اچي پنهنجي بس ۾ چڙهياسين. شام جو ٧ بجي اچي پنهنجي هوٽل ۾ پهتاسين.

رات جو ڀاءُ هاسانند شاليمار هوٽل ۾ ڊنر رکي هئي، جتي سنڌي ڀائرن ڀينرن سان مڪاميلو ٿيڻو هو. اسين جلدي تيار ٿياسين. ڀاءُ هاسانند جو فون آيو ته جي توهين تيار هجو ته اسين توهانکي وٺڻ اچون. اسين تيار ٿي هيٺ لٿاسين ته مسٽر هاسومل ۽ سندس فئملي اچي پهتي. اسين ڪار ۾ چڙهي شاليمار هوٽل ۾ پهتاسين. هتي سڄو بندوبست شري هاسيمل نظر مان ڪيو. ٿوري وقت ۾ مهمان اچڻ لڳا. ڀاءُ هاسيمل اسان جي انهن سان واقفيت ڪرائي.

دادا شيوڪرام مهتاڻي، مسٽر فتحچند هنگوراڻي، مسٽر گوبند پيرواڻي، مسٽر نيڻومل هنگوراڻي، مسز رتنا گنگلاڻي، گيتا گلواجاڻي ۽ مسٽر راماڻي انگل ٣٠-٣٥ اچي گڏ ٿيا. سڀئي واپاري ڀائر ۽ انهن جون فئمليون هيون، ڇاڪاڻ ته مسٽر هاسيمل کي هنگڪانگ بزار نالي سان دوڪان راج

پيو ڦاسي. تمام ڦڙتائيءَ سان نچي رهيا هئا. اهو اسم پورو
ڪري اچا هو اڳيان وڌيا مس ته يڪدم ٽائي جوان ۽
جوانڙيون پيال، تلوار ۽ ڀالي سان پڙگهٽ ٿيا. ڇوڪرين کي
به لڙائي جي فن ۾ ماهر ڪيو ويندو آهي. اُهو لڙائيءَ جو
اسم پورو ٿيو ته يڪدم مور جي ٻرهس ۾ ڇوڪريون آيون
انهن نوليه ڪيو، تنهن کان پوءِ ٽائي شادي ڏيکاريائون.
جنهن ۾ ڪنواريتان نوڪرا - ٿال اُڇن ڪپڙن سان پڪيل،
مال مليدا کڻي گهوٽ جي گهر ٿا وڃن. سهو وقت ٽائي
سنگيت پي هليو جو ڏاڍو وڻندڙ هو. گهوٽ ۽ ڪنوار کي
صندليءَ تي ويهاريو ويو، ڪين متي تي موتين جا هار
پاتائون ۽ پانيٽ تلڪ ڏنائون. پوءِ ٽامي جي ٿانوَ ۾ ڇوڪري
۽ ڇوڪريءَ جا هٿ ڌوتا ويا. اهو پاڻي گلدستن تي
هاريائون. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون نچي راڳ ڳائي رهيا هوا.
جيئن اسان ۾ لاڏا ڳائيا ويندا آهن. ايرائي ڪلاڪن جو
پروگرام هو. پروگرام پوري ٿيڻ کانپوءِ اسان پنهنجي پنهنجي
سيٽ تي ٽشڪن واپس رکيا، ۽ هال کان ٻاهر نڪري
ڪنٽين مان سئنڊوچ ۽ جوس ورتوسين. ٻاهر ڀڪ سان ٿلهو
ٺهيل هو جتي ساڳيون ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا ساز وڄائي
رهيا هوا. ۽ سيلاني جوڙا نچي رهيا هوا. هنن جا ساز به
ڏاڍا سهڻا ٺهيل هوا. تنهن کان پوءِ لان تي ڪرشن ۽ راڌا
جا ويس مڪٽ ۽ پيتامبر پهريل ڪلاڪار بيٺا هوا جن ننڍڙو
اسڪٽ (ناٽڪ) ڏيکاريو. پٺي پاسي وڏو شاهي رٿ پيو

ڪري رهيا آهن. رات جا ١٢ اچي لڳا. سيٺيءَ اسان کان موڪلائي پنهنجي ماڳ روانا ٿيا. اسين به موٽي پنهنجي هوٽل ۾ آياسين. حور، ڏل ۽ منيشا اسان کان موڪلايو. چو ته ٻئي ڏينهن اسانکي هانگ ڪانگ لاءِ تياري ڪرڻي هئي. شري هاسانند رڳنا ۽ جوٽي صبح جو ٩ بجي اسان وٽ آيا.

اسان جو سامان هيٺ ڪٺي ويا هوا. اسان رسيپيشن سان اچي پنهنجو حساب ڪتاب ڪليئر ڪيو ۽ ايئرپورٽ ڏانهن رخ رکيوسين. اسان جو نالو ويٽنگ لسٽ تي هو پر مسافر اپترا هوا جو اسانکي ٻئي جهاز لاءِ ٽوسٽو پيو. بئنگڪاڪ جو ايئرپورٽ ڪافي وڏو هو. اسان مٽي هوٽل ۾ وچي ناشتو ڪيو، جو اُتي ماڻهن جو کاڌو پنهنجي قسم جو آهي، اسان سنئبوچ ۽ جوس گهرائي. شام ٦ بجي تائين سڄي ايئرپورٽ جا چڪر هڻي اچي جهاز پيرا ٿياسين. ١٥ تاريخ مارچ جو رات جو ١١ بجي جهاز اچي هانگ ڪانگ جي زمين تي پر هڪيڙيا.

هانگ ڪانگ

هوائي جهاز مان هانگ ڪانگ رنگبرنگي، ڳاڙهين سائين بتين جي جهالرن سان ٻهڪي رهيو هو. اسين جهاز کان ٻاهر نڪري پنهنجو سامان ڪٺي اميگريشن جا ٺپا هڻائي، اچي ڪسٽم ۾ پهتاسين. ڪسٽم واري چيناڻي ڇوڪري بئگ کولي ۽ پڇيائين ته ڪجهه چرش، گانجو وغيره ته ڪونه

ٻوسانگ شاپڊگ سينٽر ۾ آهي. دادا شيوڪرام بزرگ هو جنهن کي سڀ ٻيري پڻي ٻي گڏيا. هو ڪيترا سال آزاد هند فوج ۾ وڏي عهدي تي هو ۽ سڀاش چندر بوس جو ساٿو همق هو. هيٺئر و ٻيچاري جي نظر تمام گهٽ ٿي وئي آهي پر خوش مزاجي ۾ ٻنهنجو مٽ پاڻ هو. جوانن کان به جوان هو. جڏهين ٻاءُ هاسيمل اسانجي واقفيت ڪرائي ته لعلواڻي کي ڪٺي ٻاڪر ۾ ٻريائين اهڙي ته ٻيار سڪ سان گڏيو جڻ ته وڇڙيا مليا هوا. سڀني ٻنگڪاڪ واسين ۾ ٻيار سڪ هئي.

ٻاءُ هاسي مل اسان جي سنڌي ساهتيه جي ٻاري ۾ ڄاڻ ڏني ته ڪيئن ته سنڌي ساهتيه کي زنده رکڻ لاءِ هيءَ جوڙو پاڻ پتوڙي رهيو آهي، ۽ سنڌيءَ ۾ گرو گرانٿ صاحب ڪڍيو اٿن ته سڀيئي ڏاڍو خوش ٿيا. اصل ٻاڪرن سان ٻري ڇڏيائونس. ڪن چيو ته اسان توهان جا فوٽا اخبارن ۾ ڏٺا هوا. لعلواڻيءَ کي شري هاسانند ڳالهائڻ لاءِ چيو. لعلواڻيءَ سنڌن شڪرانا مڃيا جي شري هاسانند جي شاوت نوٽيس تي آيا هوا ۽ خاص ڪري شري ۽ شريمتي هاسانند جا شڪرانا مڃيا جن هيترن سنڌين سان گڏجاڻو. مونکي به ٻاءُ هاسيمل ٻه لفظ ڳالهائڻ لاءِ چيو. مون ته ٻائرن ۽ ٻيڻرن جا شڪرانا مڃيا جي اسانکي گڏجڻ لاءِ آيا هوا. انهن کان حال احوال وٺندي خبر ٻئي ته هتي سنڌين جي ٻاڻ ۾ ڏاڍي ٻڌي آهي. هڪٻئي ۾ ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪيترا ڪاريه

تنهن کان پوءِ مسٽر چانگيمل کي فون ڪيوسين جنهن پڇيو ته ”توهين ڪٿي رهيل آهيو مان اچانءَ ٿو.“ اُهو ڀاءُ اڌ ڪلاڪ ۾ اچي پهتو ٽئڪسيءَ ۾ سامان کڻي اچي واءِ ايم - سي اي. سٽلبري روڊ، تي پهتاسين. سامان اُتي رکي اسين سندس گهر نيرن ڪرڻ وياسين، جو ٥ منٽن جي پنڌ تي هو. شري چانگيمل جي ننهن ڏروءِ اسانکي ائين ڳڏي جڻ ورهين کان سڃاڻي. ڏاڍي سِڪ ۽ پيار سان نيرن ڪرايائين. نيرن ڪري واپس وري واءِ - ايم - سي - اي ۾ پهتاسين. ٻئي ماڙي تي روم تيار هئي. اسين سامان کڻي اندر گهڙياسين ته فرحت اچي وئي. وڏيون شاهي رومس. اُن ۾ اڇا اُجرا بسترا، فرج، ٽي. وي ۽ ٽيليفون پيل. اسان اچي ٻه چار ڪلاڪ ننڊ ڪئي. ته ٻيائي چانگيمل جو فون آيو ته منجهند جي ماني تيار آهي- اچو ته ڳڏجي کائون. اسان گهڻوئي نه نه ڪيس پر هو ڇڏڻ وارو ڪونه هو.

نيٺ سندس گهر وياسين. ماني کائي ٤ بجي کن مسٽر جارج جي آفيس ۾ وياسين. آفيس اسان کان ١٠ منٽن جي پنڌ تي هئي، جو اسين ناٿن روڊ جي تمام ويجهو رهيل هواسين. هريليلا جي آفيس سڄي هانگ ڪانگ، ڪولون ۾ مشهور آهي. ٦ ڀائرن جي پاڻ ۾ ڏاڍي ٻڌي آهي. هاليڊي اِن ۽ سندن هوٽل آهي. ڪاروبار ڪافي پکڙيل اٿن. وڏو ڀاءُ مسٽر جارج آهي، ٻيو نمبر مسٽر هشري، ٽيون نمبر مسٽر باب. آفيس ٢ ماڙي تي وڏي شاهي هئي. رسيپشن گرل

اٿو. اسان جي ناڪار ڪرڻ تي چيائين توهين وڃي سگهو ٿا. اها سڄي ڪارروائي اڌ ڪلاڪ ۾ پوري ٿي. اسين ساڍي ٻارهين بجي اچي ٻاهر ٽئڪسيءَ لاءِ بيٺاسين. هتي وڏي مصيبت اها هئي جو ڪي ٽئڪسي وارا انگريزي ڄاڻندا هوا ۽ ٻيا چيني ڀاشا. ٻاهر هوٽلن جا ماڻهو ڪارڊ کڻي بيٺا هوا. هڪ چيني انگريزيءَ ۾ اچي پڇيو ته توهانکي هوٽل ۾ وڃڻو آهي. اسان ها ڪئي ۽ هن هڪ ٽئڪسي واري کي ڪوٺيو ۽ اسانجو سامان ٽئڪسيءَ ۾ چاڙهيائين آلي رات جا ۱۲ اچي لڳا. ۱۵-۲۰ منٽن ۾ ٽئڪسي اچي هڪ هوٽل وٽ بيهي جا تمام ننڍي هوٽل هئي. اسان اُن چيني کي چيو ته هتي اسين ڪونه رهنداسين ته چيائين صبح جو ٻيءَ هوٽل ۾ وٺي هلندو سانوَ. خير اسين متي وياسين. ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو هو. ٻو اسانکي ننڊ وٽيو. خير سک سان صبح ٿيو. صبح جو ڏهوڻين ٻهوڻين واءِ- ايم- سي- اي وارن جي هوٽل مئنيجر کي فون ڪيوسين. جن چيو ته ۱۲ بجي سيٽ خالي ٿيڻو آهي. پوءِ مسٽر جارج هوبلا واري کي فون ڪيوسين. ته ٻاءِ شري جارج چيو ڪمال آهي مونکي توهين هانگڪانگ مان فون ڪرڻو ها يا ايئرپورٽ تان فون ڪرڻو ها ته مان پنهنجي ڪار موڪليانوَ ها ۽ هاڻي ان ۾ رهڻ جو بندوبست ڪريانوَ ها. اسان چيس ته اسين واءِ- ايم- سي- اي ۾ فون ڪيو آهي. چيائين اڄ رات جي ماني مون وٽ کائجو.

ڪنهن نه شهر ۾ هيل ٽائين ڪانه ڏٺي هئي. اٺن ڏهن سالن کان پوءِ، جڏهين چين هانگ ڪانگ ڇڏيو ته اهي جوان راڻيون ٻڍيون ٿي ويون هيون، ۽ اهو جلوو ۽ نزاڪت گم ٿي ويئي. جوان ۽ جوانڙيون پنهنجي پنهنجي گهرن ۾ ٿڌا شوڪارا پيون اهڙين جوان راڻين کي ياد ڪندا. اسين ١٢ بجي کن واپس هوٽل ۾ آياسين ۽ اچي آرامي ٿياسين.

ٻئي ڏينهن صبح جو نيرن ڪري نڪري پياسين چيونگ ڪنگ شاپنگ سينٽر ڏسڻ. هيٺ ٽوئي ۾ سنڌين ۽ چينائين جا هر قسم جا دوڪان آهن. وڏي شاهي مارڪيٽ آهي. وري اُن جي مٿان به وڏي شاهي مارڪيٽ آهي. جتي به سنڌين ۽ چينن جا دوڪان آهن. پهرئين ماڙي تي ساڙهين جا خاص دوڪان آهن، ۽ اُن کان پوءِ ١٤ ماڙا آفيسون، گيسٽ هائوس ۽ رهڻ جون جايون آهن. اُتي جي سنڌين سان گڏ ياسين جن ٻڌايو ته هينئر هتي ڏاڍي مهانگائي ٿي وئي آهي. ٻيو ته ڌنڌي جو حال ڪونهي. ٽيون ته چينا اسانکي سهن ڪونه ٿا. چوٿون هينئر اسان ۾ اها ٻڌي ڪونهي، هڪ ٻئي تي چڙهت ڪري ڌنڌي جي ستياناس ڪئي اٿئون. ڪي سنڌي گڏيا جن منهنجي ڪڪي هريش سان گڏ هريليلا فرم ۾ ڪم ڪيو هو. سي هينئر پنهنجا ميلاوب دوڪان کولي ويٺا آهن، پر سنڌن من مايوس هو ته جي چين هانگ ڪانگ ورتي ته اسين ڪيڏانهن وينداسين؟ هندوستان کان سواءِ ٻيو ڪو هنڌ ڪونهي

اسان کان نالو پڇي مسٽر جارج کي ٻڌايو. مسٽر جارج هڪدم چيس ته اندر موڪلين. اسين اندر سٽڊس روم ۾ گهڙياسين ته مسٽر جارج اُٿي لعلواڻي کي ڀاڪر ۾ ڀري ڇڏيو. مٺڙو ڏوراپو ڏنائين ته ”ايئرپورٽ تان فون ته ڪريو ها، يا ٻامبي مان اطلاع ڏيو ها.“ اسان کيس جيڪو خط لکيو هو سو اوڏي مهل پهتو هوس. ڳالهيون ٻولهيون ڪري اُٿياسين ته چيائين ته ڪيڏي مهل ڪار موڪليانءِ. اسان چيس اڄ نه، سڀاڻي ضرور ايندا سين. جو اڄ آرام ڪرڻ جو خيال آهي. اسين پنهنجي هوٽل ۾ اچي آرامي ٿياسين. شام جو ٧ بجي ٿوري ٿڌ محسوس ڪئيسين، سوئٽر ڪڍي پاتاسين پوءِ نڪتاسين ناٿن روڊ جو چڪر هڻڻ. جيئن جيئن اوندهه جو دائرو وڌندو ويو تيئن تيئن رنگبرنگي بتيون جهرمر لائي چمڪي رهيون هيون. رات جڻ جاڳي اُٿي هئي. جوان ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون موج مزي ۾ هٿ هٿ ۾ ڏيئي، يا ٻڪڙيءَ ۾ ٻانهون وجهي اڏامندا، گنگنائي رهيا هوا. هرڪو پنهنجيءَ مستيءَ ۾ مست، ڪنهنجي بي-پرواهه نه، رات جو آنند ماڻي رهيا هوا. سڄو ناٿن روڊ ٻهڪي رهيو هو، جهرملائي رهيو آهي.

ڪولون جي دل آهي ناٿن روڊ، جتي ڳاڙهيون سايون بتيون موتين جي هارن وانگر شهر کي ٻهڪائي رهيون هيون. جيئن جيئن رات وڌندي ٿي وئي تيئن ماڻهو گهرن مان ٻاهر نڪري رهيا هوا. اهڙي جوان رات مون

هئي، ننڍڙي اڌ ڪلاڪ ۾ اچي هڪ وڏي شاهي محلات جي ڦاٽڪ وٽ بيٺي. چوڪيدار گيٽ کولي. اسين اندر گهڙي پياسين. ڪمپائونڊ ۾ ساوڪ هئي. ٿڌ جي لهر اسانجي بدن ۾ ٻوڙي ويئي. ڪمپائونڊ لتاڙي، وڏي شاهي هال ۾ پهتاسين، جتان ڏاڪڻ رستي مٿي پهتاسين. پاءِ جارج ۽ پيٽ چندوان (مسٽر جارج جي ڌرمپتني) ڏاڍي پيار، سِڪ ۽ حب سان ڀاڪر پائي گڏيا. سهڻي ننڍڙي بيٺڪ ۾ اچي ويهاسين.

شري جارج سوڌا ڪل ٦ ڀائر آهن. مسٽر جارج، مسٽر هنري، مسٽر باب، مسٽر پيٽر، مسٽر مائيڪ ۽ مسٽر وڪٽر. هڪ هڪ فلور تي ٻه ٻه ڀائر رهندا آهن. پاءِ جارج انڊيا جو حال احوال ورتو، ۽ اُتي جي حالت جو ورنن ڪيائين ته هينئر اهو مزو نه رهيو آهي. ڏسون ٨-١٠ سالن کان پوءِ هانگ ڪانگ جي ڪهڙي حالت ٿي ٿئي؟ تنهن وچ ۾ پيٽ چندوان ٻورلڪس ڏنيون ۽ اسين ٻه-وه خبرن چارن ڏيڻ ۾ لڳي وياسين. تنهن وچ ۾ شري، شريمتي جارج جي سپتري ڪانتا آئي، جنهن سان اسانکي واقفيت ڪرائي ويئي. ڪانتا چيو هڪ منٽ ۾ مان اچان ٿي. ڪانتا فريش ٿي ٻاهر آئي.

پاءِ جارج جون ٻه نُهر ٻه آيون جي سڀ تمام فضيلت ۽ پيار واريون هيون. ايتري ۾ هيٺان کاڌو اچي ويو. چندوان ٻڌايو ته کاڌو هيٺ ڪچن ۾ رڌبو آهي ۽ سڀني گهرن کي کاڌو لفٽ ۾ مٿي ايندو آهي. کاڌو ڏاڍو سوادي ۽ سٺو هو.

جتي وڃي پنهنجا اُجها اڏيون. ٻہ هندوستان ۾ ڪنداسين ڇا ؟

واءِ - ايم - سي - اي جي ساڄي پاسي هو اوشن ٽرمينلس ۽ ڏاٻي پاسي ناٿن روڊ. ناٿن روڊ تي وڏا شاهي ڊيوٽي فري دوڪان آهن، جتي واچون، ويڊيوز، اليڪٽرانڪ گڊس، ميڪ اپ جو سامان ملندو آهي ۽ ساڄي پاسي سمنڊ، جتي وڏا شاهي پاڻيءَ جا جهاز بيٺل هوا. اُتان فيريءَ ۾ چڙهي ماڻهو هانگ ڪانگ ويندا آهن. اُتـــي وڏا شاهي دوڪان هئا. ريڊي ميڊ ڪپڙو، مٺيا، اليڪٽرانڪ، جتيون وغيره. ٻـہ دوڪان اهڙا تہ سينگاريل هوا جو دل پئي ٿي اندر وڃڻ ٿي. اُتي پهرين هوليڊا ان جو دوڪان هو جو هنن نيڪال ڪري ڇڏيو آهي. اسين تہ صرف هڪ فلور جو چڪر هڻي آياسين. ٻـہ اهڙا ١٠-١٢ فلورس هئا. اسان هيٺ اچي جوُس پيتي، ۽ پنڌ ڪندا اچي پنهنجي ماڳ پهتاسين، جو ٥ منٽن جي پنڌ تي هو. ڇانهہ وغيره جي ٿانگهہ لاهي ٿورو آرام ڪيوسين. جو پاءِ جارج هوٽيلا وٽ ڊنر لاءِ وڃڻو هو. جلدي تيار ٿياسين. ٧ بجي مسٽر چانگو مل اسان کي وٺڻ لاءِ آيو. مسٽر چانگي مل هيٺ اچـــي ٽئڪسي ڪئي. ٽئڪسي ناٿن روڊ جي ڳتيل ايراضي ۽ گوڙ گنبوڙ مان لنگهي وڏن شاهي پٿرائي، صاف سٿرن رستن تان ڊوڙڻ لڳي. رستن جي ٻنهي پاسن کان ڏگها وڻ، ماڻهو اپڪڙ ٻيڪڙ، رستا خالي خالي. هتي ٻامبي وانگر پيڙ ڪانہ

به توهين ڏسندا ته ڪلاڪ ڪلاڪ ۾ چانهه پيئندا آهن پاڻ کي تازو توانو رکڻ لاءِ، پر آمريڪا يا برطانيه ۾ ماڻهو، پنهنجي تندرستيءَ جو ڌايو اولو رکندا آهن، اتي چانهه گهٽ ڪافيءَ جو واهپو وڌيڪ آهي ۽ ٿوري ٿوري مفاصلي تي آئسڪريم ۽ جوسز (ميوي جي رس) جا بوٿس لڳل آهن. مقرر انداز ۾ پئسا وجهي من پسند جوس يا آئسڪريم ڪاڍو. رستي هلندي ميوا پيا کائيندا. هو اهي سهولتيون هتي گهٽ ٿي ڏسڻ ۾ آيون. چنيز ڪاڌي جون هوٽلون جام هيون. اسان جي واءِ- ايم- سي- اي ۾ هيمٽ هوٽل هئي، جتي هر قسم جو کاڌو ٿي مليو. خير اسين ناشتو ڪري بعد پياسين.

نائن روڊ تي وڏي شاهي هوٽل ”هاليڊي ان“ (هريليلا روم) ڪراس ڪري اچي هندو مندر ڪولون ۾ پهتاسين. جتي گرو گرنٿ صاحب جي سواري (سنڌيءَ ۾ اسان واري). رکي هئي، شو پگوان جو لنگ ۽ ٻين ديوتائن جون مورتيون براجمان هيون. پيون پڇن پاءِ وڻي ڪيو. شري پيتامبر شرما مندر جو روح روان آهي. هريليلا روم مندر ٺاهڻ ۾ پنهنجو يوگ دان ڏنو آهي. پڇن پاءِ پورو ٿيو.

شري گرو گرنٿ صاحب مان وچن ورتو ويو. مندر جي پريزيڊنٽ اسان جي واقفيت ڏني ۽ چيو ته سنڌيءَ ۾ گرو گرنٿ صاحب هنن جو ڇپيل آهي جيڪو اسان وٽ براجمان ٿيل آهي. شري لعلواڻيءَ کي ڳالهائڻ لاءِ چيو ويو. لعلواڻيءَ چيو ”ته موکي هيءَ مندر ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي آهي

ڪاڏي ڪان پوءِ سٽيمٽ بش ڪائي اُتان جي ٽپاري ڪئيسين. پاڻ چارج ڇيو ته پرهين آرتوار آهي. هيمٽ سب ڳالهه جي ماڻي ڪانيندا آهيون. سو توهين به ضرور اچجو. اسين هتان ڪسان موڪلائي ٻاهر آياسين ۽ سنلس ڪار رولس رائلس ۾ چڙهي اچي پنهنجي هوٽل ۾ پهتاسين. اسان ڪان واءِ- ايم- سي- اي جو ڪارڊ ڪڍڻ وسري ويو. جو اُتي قاعدو آهي ته ڪمرو به ڏيو سان اچي ته ڪارڊ ڏيکاري پوءِ اسانکي اندر اچڻ ڏنائون ۽ ڪانونٽر تي وڃي رجسٽر مان نالو ڪڍايوسين تڏهين وڃي ڪنجي ملي. ٽي ڏينهن سڀني ڪولون جا چڪر هنياسين. دوڪان سهڻا ۽ سجايل هوا. ريلوي ٽرين ۽ بس جي مسافري ڪانه ڪئيسين.

١٨ مارچ آرتوار هو. مسٽر چانگي مل اسانکي چيو هو ته سوير تي تيار ٿي ويهجو ته مان توهانکي ڪولون ۽ هانگ ڪانگ جي مندرن ۾ وٺي هلندو سانو. اسين صبح جو ٨ بجي تيار ٿـي ويٺاسين، ته پاڻ چانگو مل اچي پهتو ۽ پاڻ سان چانهه جو ٿرماس ۽ سئنبو چز ڪڻي آيو. اسانکي پهرٽين ڏينهن ڪسان پي چيائين ته چانهه هتي سٺي ڪانه ملندڙ. مان ٿاهي ڪڻي اچانو پو اسان منع ڪيس ته توهين بزرگ اسان لاءِ چانهه ڪڻي اچو اها ڳالهه سهڻي نٿي لڳي. پو پاڻ ۾ شيوا جو ڪافي انگ آهي سو اسانکي جيتو ٽيڪ ڳالهه وٺي ته ڪانه پو لاچار چانهه پيتيسين. برابر چانهه اهڙو لشو آهي جو سٺي چانهه ملي ته سچو ٽڪ ڪانور ٿـي ويندو آهي، ۽ انسان سستي مان چست ٿي پوندو آهي. آئيس ۾

هانگ ڪانگ ۾ شري هريلا جي گهر ۾. کاٻي کان شريمتي چندرا جارج، شري جارج هريلا، سشيلا ۽ چيتانند لعلواڻي، ۽ پرديپ لعلواڻي ڏنهان بيٺو آهي.

۽ توهان جنهن پريم سان ڀڄن ڳاءِ ويٺي ڪيو تنهن تہ آئي باقي من کي شانتي ۽ آنند ڏنو. پريزيڊنٽ صاحب ٻڌايو تہ توهين پوڻو ڏينهن ڏاڍي شرڌا ۽ پيار سان ملهائيندا آهيو. توهين هتي سنڌي سنسڪرتي سڀيتا قائم ڪري رهيا آهيو. مونکي ٻڌايو ويو تہ توهين هتي ٻارن کي سنڌي سيکاريندا آهيو ۽ هنن ٻالڪن کي ڀڄن پڻ سيکاريا ويندا آهن جي هنن ٻالڪن هينئر ٻڌايا، توهان کي ڌنيواد هجي جو توهين ٻارن کي پنهنجي ڌرم جي ٻوجهہ وجهي رهيا آهيو. پڇاڙيءَ جو پرساد ورهايو ويو. اسين سڌو هانگ ڪانگ جي هندو مندر ۾ پهتاسين.

هون تہ اڳم ڦيريءَ وستي هانگ ڪانگ، ڪولون سان ڳنڍيل هو، پر هينئر گورنمينٽ سمنڊ جي هيٺان پل اڏي آهي. جنهنڪري جڻ تہ ٻئي ڳنڍيا پيا آهن. هندو مندر تمام سهڻو ٺهيل هو، ڏاڪڻ چڙهي اڱڻ ۾ پهتاسين. ورانڊي ۾ جتيون لاهي، وڏي شاهي هال ۾ گهڙياسين. جتي هڪ پنڊت ويٺي ڪٿا ڪيرتن ڪيو. مون نظر ڦيرائي تہ هتي تہ شري گرو گرنٿ صاحب جون سواريون براجمان هيون سنڌيءَ ۾ ۽ گرمکيءَ ۾. شو ڀڳوان جو لنگ پڻ براجمان هو. اسين سنڌي سڀني ڀڳوانن ۾ وشواس رکندا آهيون. سڀني کي پوڄيندا آهيون، سڀني ڀڳوانن کي خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. پاڻ ڀڳوان بہ مونجهي پوندا آهن تہ وشنو ٿو وڃي تہ مان ڇو وڃان، گرو نانڪ ٿو سڏ اوڻائي تہ جهولي لعل ڇو وڃي. ان ڪري اسين تہ هتي جا ٿا رهون تہ هتي جا.

هانگ ڪانگ ۾

ڪٿا ڪيرتن پوري ٿيڻ ڪانپوءِ هن مندر جي پريزيڊنٽ مسٽر مونواڻيءَ اسان جي واقفيت ڏني ۽ پو چار اکر لعلواڻيءَ کي ڳالهائڻ لاءِ چيائون.

لعلواڻيءَ چيو "اسان کي هتي هانگ ڪانگ ۾ اچي ۽ توهان جو مندر ڏسي بيحد خوشي ٿي آهي. جو توهان ايشور کي ڪونه وساريو آهي. پاڻ ۾ هن مندر ۾ هر آرتوار ٿي گڏجو ٿا. توهان پاڻپي وڌايو ٿا. ان ڪري توهان ۾ ٻڌي آهي. مندر ۾ ننڍي وڏائي جو سوال ٿي ڪونه ٿو پيدا ٿئي. سڀ هن مندر ۾ ايشور جي اڳيان هڪ آهيو. توهين ٻارن جي چرپر تي ڌيان ڏيئي رهيا آهيو. هيئنر ٻارن جيڪي اسانکي ڀڄن سهڻا ۽ سٺا ۽ تال ۾ ٻڌايا سي ٻڌي اسانکي بيحد خوشي ٿي آهي." مون مسٽر مونواڻيءَ کان پڇيو ته "هن ٻارن کي سنگيت جي سکيا ڪنهن ڏني آهي؟ مسٽر مونواڻيءَ جنهن پنڊت ڪٿا وئي ڪئي، اُن ڏانهن اشارو ڪيو. لعلواڻيءَ سنگت جا ٿورا مڃيا جن اسان کي هتي گهرائي مڪاميلو ڪرايو ۽ سيني سان گڏجڻ جو موقعو ڏنو."

سٽسنگ پوري ٿيڻ ڪانپوءِ ڪيترا ڀائر ۽ ڀينر اچي اسان کي گڏيا. ڪن اسانجا ٽالا ٻڌا هوا، ته ڪن اسان جا فوٽا ڏٺا هوا، ته ڪي اسان وٽان ٿي ويا هوا. ڪيترن ڀائرن ۽ ڀينرن ڊنر ۽ لنچ لاءِ چيو، پر اسان مجبوري ڏيکاري جو

(مٿين) بئنڪاڪ جي شاليمار هوٽل ۾ شري هاسومل ۽
ٻين سان (هيٺ) هاسومل جي فئمليءَ سان.

مان لهي چاڙهي هيٺ لٿاسين. وري ٻه اهي وڻ وڪڙ لهي هڪ وڏي هال ۾ پهتاسين. جتي قسمين قسمين مڇيون شيشن جي شوڪيسن ۾ بند هيون. اهي ڏسندا اچي هڪ ٽنيل (غفا) ۾ پهتاسين. ٽنيل جي هڪ پاسي ريلنگ لڳل هئي جتي حشام ماڻهن جا بينا هوا. اسين ٻه اچي اتي پهتاسين، ته ڏٺوسين ته ڊالفن ۽ وهيل، سي لائن، لڊرا ۽ بگهه ٻڪي، سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ پئي ترڪيا، ماڻهن ننڍڙيون ننڍڙيون مڇيون ٻي اڇليون سي هڪدم اڳيان ٽپ ڏيئي ماڻهن جي هٿن مان ڦري ٻي ويا. اسان اهو پاپ ڪرڻ نٿي چاهيو، پر ڏرمون ۽ رامچنداڻيءَ جي ٻارن مڇيون خريد ڪري اڇليون، جي جهٽ هٽي ڪٽي ني ويا.

سروج ۽ پرديپ ٻنگڪاڪ، هانگ ڪانگ جا فوٽا ته جام ڪڍيا آهن پر سڀ رنگين آهن جي بلاڪ ٺهڻ ۾ صاف نٿا ڏسڻ ۾ اچن. نه ته اهي بلاڪ ٺهرائي توهانکي ڏيکاريون ها ته ڪيئن ڊالف مڇون ڪارا ۽ ڀورو اڇو چمري جهڙو هون، جنهن سان ترڻ ۾ ڪين سولائي ني ٿي. لڊرا ۽ بگهه ٻڪي ته توهان ڏٺا هوندا، ان وانگر هئا. اهو شغل پورو ڪري اڳيان وڌياسين. ته پاڻيءَ جي وچ ۾ هڪ اسٽيج ٺهيل هو ۽ ان تي وڏي شاهي ڏاڪڻ رکيل هئي. سمنڊ ڪانپوءِ سڪيءَ تي ڪافي ڪرسيون اسٽيڊيم وانگر رکيل هيون. اسين وڃي انهن تي ويٺاسين. ١٠ منٽن ڪانپوءِ کيل شروع ٿيو. وڏين بالٽين ۾ مڇيون پري اچي رکيائون. ڊالفن کي نوڪر

اسين ڪولون ۾ رهيل هواسين. وقت ٿورو هو. تنهن ڪان پوءِ مندر ۾ لنچ هئي، جا سيٺي گڏجي کاڌي. اسين ٻه ٽي ڄڻا لنچ کائي، سيٺي کان موڪلائي ٻاهر نڪتاسين ۽ مونکي هتي صدق گهٽ ڏسڻ ۾ آيو، جهڙو نه مندر ۾ نالو ٿي ڪيائون. اسين ٽئڪسي ڪري سڌو اوشن پارڪ پهتاسين. مسٽر چانگومل نــه هجي ها ته اسان کي گهڻي تڪليف ٿئي ها. مسٽر چانگي مل ٽڪڙ ۾ وڃي ٽڪيٽون ورتيون. لعلواڻيءَ ڏاڍو زور پرايس نه ڀائي ٽڪيٽن جا پئسا لوهين نه ڀريو، پر ٻڌي چو ٿو! هو پڪو شيواڌاري آهي.

اُتي مسٽر چانگي مل جا سياڻپ وارا مسٽر ڏرمون ۽ مسٽر رامچنداڻي ٻارن سان آيا هوا. ٽڪيٽون وٺــي اندر گهڙيـاسين. چوڌاري ساوڪ ئي ساوڪ هئي. ٿـورو مٿي ٽڪريءَ تي هڪ ريسٽارنٽ هئي. اُتي اچي چانهه ڪافي ۽ ٿڌو پيو، مٿي ور وڪڙ وارو رستو پار ڪري اچي ڪيبل ڪار وٽ پهتاسين. ڪيبل ڪار ۾ چار ڄڻا چڙهي ٿي سگهيا. وڏا هڪ ڪيبل ڪار ۾ چڙهياسين ۽ ٻار ٻــيءَ ۾. جيئن جيئن ڪيبل ڪار مٿي مٿي چڙهندي پئي ويـئي، تيئن ڪولــون دلڪش پئي لڳو. وچ ۾ سائي ۽ نيري رنگ جو سمنڊ، تنهن ۾ اچا اچا جهاز، ٻڌڪن وانگر پئي لڳا، چوڌاري وڏيون جايون، پهاڙ سمنڊ جي چوڌاري پهريدار پــي لڳا. سمنڊ جي هڪ پاسي ڪولون هو ته ٻئي پاسي هانگڪانگ. اڌ ڪلاڪ ۾ اچــي هزار فيٽ مٿي پهتاسين. ڪيبل ڪار

اسين آمريڪا ۾ ڏسي آياسين صاف سٿرا، چمڪندڙ ٽائليس ۽ ايٽر فريش سان خوشبوءِ وارا. خير اسين ڪيبل ڪار ۾ چڙهي اچي هيٺ پهتاسين. اُتان وري چاڙهي لهي اچي پنهنجي ماڳ پهتاسين.

مسٽر چانگي مل اسان کي تاڪيد ڪئي ته ٧ بجي تيار رهجو جو شري جارج هريلا وٽ ڊنر آهي، جو پنهي پاڻ جارج ۽ پيٽ چندران چئي چڪيو هو. اسين ٥ بجي هوٽل ۾ پهتاسين. ڪلاڪ کن آرام ڪري تيار ٿياسين. ٧ بجي پيٽ چندران جو فون آيو ته ڪار موڪلي اٿم، جلدي اچجو. مسٽر چانگي مل هينئان فون ڪيو ته ڪار اچي وئي آهي هيٺ اچو. اسين هيٺ لٿاسين. رولس رائلس ڪار ۾ چڙهي اچي محلات وٽ پهتاسين. دربان ڦاٽڪ کوليو اسين ڪار پدار لتاڙي اندر گهڙياسين. هيٺ گرائونڊ فلور تي پاڻ جارج ۽ پيٽ چندران اسان جو سواگت ڪيو. ننڍڙي هال ۾ بار ٺهي پيئي هئي، جتي مسٽر پيٽر ۽ مائيڪ فشملين سوڊا وينا هوا. پاڻ ۽ سندن ڌرمپتنيون به ڏاڍي پيار ۽ حب ۾ همت ملائي گڏيون. اسان کان پڇيو ويو ته ڇا پيئندا، اسان سافٽ ڊرنڪ چيو. مسٽر هئري پنهنجي ڌرمپتنيءَ سان گڏ آمريڪا ويل هو، ۽ مسٽر باب پنهنجي ڌرمپتنيءَ ششيءَ سان گڏ انڊيا آيو هو. سڀيئي هڪٻئي ۾ چرچا گهڻا ڪري رهيا هوا ۽ ڪلي خوش ٿي رهيا هوا. پاڻ ۾ پڌي به ڏاڍي هين جو ڏسي اسانکي ڏاڍي خوشي ٿي

اشارن ۽ آواز ۾ ڪجھ چيو ٿي ته ڊالف ڊانس ڪرڻ لڳو. ڊانس ڪري سر مٿي ڪيائين ته ٽوڪرو مڇين جو ڀڪ ڀري اُڇليو ۽ سڀ مڇيون ڊالف جي وات ۾ پهچي ويون. هڪ مڇي به هيٺ ڪانه ڪري. وري پٺي ڊالف ڪي ڪوٺيو ويو، اُن هيٺ مٿي ٽپا ڏيڻ جڻ ته ڪسرت جو مظاهرو ٿي ڪيو. ائين ڪيترا ڊالف آيا ۽ پنهنجا پنهنجا ڪرتب ڏيکاري هليا ٿي ويا. تنهن ڪانپوءِ هڪ مسخرو آيو اڏ ڏاڪڻ تي چڙهي پيهي سهڪڻ لڳو ۽ ڏيکاري ائين ڏنائين ته جڻ ڪري ٿو ۽ ڏون اچي پاڻيءَ ۾ ڪريو. پٺي مسخري وري مٿي ڏاڪڻ چڙهي ساڳيو ڪرتب ڪيو. ٽيون جٿو صفا مٿي چڙهي ويو ۽ اُلٽا ٽپو ڏنائين. سيني جو ساهه مٺ ۾ هو، ڇو اُنهن جو ته روز جو ڌنڌو هو. پوءِ هڪ ٻيڙي آئي. هڪ جٿو مٿي ڏاڪڻ تي چڙهيو ۽ ٻيڙيءَ مان رنگ اُڇلايائون سڌو اچي اُن رنگ ۾ مٿان ڪريو. سيني پنهنجي ڪاڌي جو سامان هيٺان آندو هو، اسان جي پاءِ چانگيمل ۽ ويفرس ۽ ميوو آندو هو. سو اسان ته کائڻ شروع ڪيو، ڇو اُتي ڪاڌي پيتي ۽ جوس جو اسٽال هو. اهو سڄو ڪرتب ڪلاڪ ڪن جو هو. شو پورو ٿيو ته اسان کي وري اها اُناهين چاڙهي چڙهڻي هئي ۽ ڪيبل ڪار ڪانئين پهچڻو هو. ڇو اسين ڏاڍا ٿڪجي پيا هواسين. يورپين، آمريڪن، جپاني ۽ چيني ٻار، ٻڍا، ڏالون مرد ته پيدل تي هريا آهن. اُهي لڪڙيون ٽڪڙيون ٻرانگهون ڀري هلندا ويا. هتي ته ٽرانسپورٽ جو بندوبست ڏاڍو سٺو هو. جيئن

پٽي ھوا. اسين ھلڻ ۾ ڪاٺو ڪٽي اچي ويناسين. اُتي خبر ڪونه ٿي پيئي ته نھرون ڪھڙيون آھن ۽ ڏيٺو ڪير آھن. ڪاٺو ڪاٺي پورو ڪيوسين ته سٺيت بش آئي، پر اسانجي پيٽ ۾ اصل جاء ڪانه ھئي. دادا جارج ۽ چندران ھروڀرو زور ڀريو ته ڪلفي ڪاٺي ڏسو. خير ماني ءِ مان فارغ ٿياسين ته دادا جارج ۽ چندران اسانکي گھر ڏيکارڻ ھليا. ھال جي ڏاڻي پاسي بسکوٽک ھال ھو. دادا جارج ٻڌايو ته پـــار پنھنجا دوست ھتي گھراڻي پاٽ کي وندرائيندا آھن. تنھن کان پوء پاھر سمينگ پول ۽ گارڊن ھو جو رامت جي ڪري اسين پراھر ڏسي ڪونه سگھياسين. جيتوڻيڪ پاھر ٻجليون ٻتيون جام ھيون. ھال جي ساڄي پاسي وڏو شاھي رنڌڻو (ڪچن) ھو. چوڌاري ڪمرن ۾ اٽاھه ڪراڪري پيئي ھئي، جڻ ته ڪنھن ھوٽل جي ھئي. اُن ڪانپوء پاھر گول ھال ۾ فائونٽين لڳل ھو جو رنگبرنگي لائيٽس جي ڪري ڏاڍو سھڻو لڳي رھيو ھـــو. تنھن ڪان پوء ڪانفرنس ھال ھو. جو ٻه سٺو سجايل ھو. اُن ڪان پوء ڊائيننگ ھال ھو. تنھن ڪانپوء مغل روم ھئي. صفا مغل زماني وانگر سجايل ھئي. اُتي ٻه وڏيون ڪرسيون راجائي طريقي جون رکيل ھيون جي خاص موقعن تي ڪتب آنديون وينديون آھن. ڪيترا ھال ھوا جي اسان لاء ياد ڪرڻ مشڪل آھن. اُنھن ھالن سان گڏ باٿ رومس ٻـــ ھڪ ليڊيز لاء ۽ ھڪ جينٽس لاء سجايل ھيون. مـون سمجھو ته ڪنھن راجا جي محلات ۾

تي. ته ٽيئي وڏا ٻار ٻين سوڏا، چندران ۽ مسٽر جارج کي ڏاڍي عزت ڏيئي رهيا هوا. هڪٻئي پٺيان ڪورسز اچڻ لڳا. دادا جارج ٻڌايو ته هر آرٽوار تي اسين سيئي پائو فيملين سوڏا هتي گڏجي ڊنر ڪائيندا آهيون. جو هونءَ ته سڀڪو پنهنجي ڪم سان هوندي ته سڌو گهر وڃي ۽ ٻارن سان گڏجي کاڌو کائين. پر هڪ آرٽوار هڪٻئي سان گڏجڻ لاء رکيو ويو آهي. ڊرنڪ روم کي پاسي ۾ وڏي شاهي هال ۾ آياسين. جتي ڊائيننگ ٽيبل وڏي شاهي شيشي جي پيئي هئي، جنهن جي چوڌاري ڪرسيون رکيل هيون. اسين اچي ڪرسين تي ويهاسين.

دادا جارج جي ڀيڻ راٺي، پنهنجي گهوٽ هيرالڊ ۽ ٻونهن پٽ سان اچي پهتي. راٺيءَ کي هونءَ اسين ٻه ٻه گڏيا ڪونه هئاسين، پر "پارٽي ڏنل" ۾ سڌن فوٽا ڏٺا هواسين. دادا جارج اسان جي واقفيت ڪرائي. ته راٺيءَ چيو "لڳي پيو ته موون سشيلا کي ڪٿي ڏٺو آهي." جيتوٽيڪ راٺي ان ڏينهن اعزي نيڪ ڪونه هئي پر لڏهين ۽ پائون، پاجامن ۽ ڪنٽب جي پاتين سان گڏجڻ آئي هئي. ٽيبل جي ساڄي پاسي ويٽرس کاڌو رکيو هو، پوءِ اسان کي چيائون ته کاڌو کڻو. کاڌا اسانکي پليٽون ڏنيون، مونکي ته ائين لڳو ته جڻ ڪاء استار هوٽل ۾ اچي پهتا آهيون. ايترون ته کاڌي جون ورائٽيون هيون، جو منجهي پيس ته ڇا کڻان ڇا نه کڻان. سڀڪي کاڌو ۽ چيمائي کاڌو

هتي ڏينهن شاپنگ ڪرڻ لاءِ انڊيا امپوريم وياسين. اتي مسٽر ليلارام گڏيو جو اسان وٽ ٻامبي ۾ آيو هو ۽ اسانجا چندا ڀريندڙ هو، تنهن ڪان پوءِ مسٽر گهنشام ڪياٽيءَ جي دوڪان تي وياسين جو منهنجي ڪڪي هريش سان گڏ ڪم ڪري چڪو هو. ڪولون پرلس - (موتين) غاليچن، ڪراڪري ۽ ريڊي ميڊ ڪپڙن جي ڪري ڏاڍي مشهور آهي. سڄو ڏينهن گهمي ڦري اچي پيڪنگ ڪي لڳاسين. ڇو ته ٢ تاريخ منگل ڏينهن سينگاپور وڃڻو هو. صبوح جو ايئر پورٽ تي پهتاسين. هلين ٩-٣٠ بجي صبح جو اڏاڻو ۽ ٣ بجي اچي سينگاپور چانگي ايئر پورٽ تي پير ڪوڙيائين.

سينگاپور

سينگاپور ايئر پورٽ تمام وڏو ۽ سهڻو ٺهيل هو. اسين پين جي ڏنيان هلندا اچي پنهنجي سامان وٽ پهتاسين. سامان ڪڻي هيٺ آياسين جتي اميگريشن جا ٺپا هڻائي ڪسٽم وٽ پهتاسين. اتي ڪسٽم آفيسر هڪ سردارجي بيٺو هو. جن ۾ شڪ لڳي پيس انهن جو سامان ٿي کوليائين. اسان کي ڏسي مشڪي چيائين ته "توهين ته وڃي سکهر ٿا." اسين ٻاهر اڪتاسين ته گل (سروج جي نوان) ۽ سندس گهوٽ جوهر ٽڏاٽي بيٺا هوا، جي ڏهه ڏينهن اڳ سينگاپور ۾ آيل هئا ۽ اُن رات جو ٻامبي وڃڻا هوا. انهن کي خبر هئي ته اسين اڄ هانگ ڪانگ مان سينگاپور پهچڻا آهيون. اسين ٣ ڪلاڪ ساڻن سينگاپور ايئر پورٽ تي گڏ هئاسين.

پيٽي سٺو ڪيئان ۽ ڪنهن راجا مهاراجا جا ٻاٽ رومس وينئي ڏسان. مٿي سيڪنڊ فلور تي وڏو شاهي مندر ٺهيل هو. جتي سڀ ڀڳوان، ويد پراڻ، گرنٿ صاحب ٻراجمان هوا. شوءَ جو لنگ، ٺاڪر ۽ مندر جي شوڀيا وڌائي رهيا هئا. هرهڪ لنهن ۽ ذيءَ کي مندر جي شيوا واري سان سونپيل هئي. مندر ۾ گهڙڻ سان من کي شانتي ٿي ملي. دادا جارج جي ماتا صاحب جي نظرداريءَ هيٺ هيءُ مندر ٺهيو هو. ماتا صاحب کي سڀ گهر جا ڀاتي پنهنجو ڀڳوان ڪري ميڃيندا هئا. ماتا جي آسيسا سان هيءُ ڀاڳ ايڏي لاتقيءَ لڳا آهن دادا جارج ٻڌايو. اسان جو ٻ سر شرڌا سان ماتا اڳيان جهڪي ويو.

ڪاش! اڄڪالهه جون ماتائون به اهڙا سنسڪار ٻارن ۾ وجهن، کين نئين وڏائيءَ جو ادب ۽ تهذيب سيکارين، نيڪ نيتي جي راهه ٻڌائين، ته جيڪر اڄ جا ٻار سڀ ليڪا لنگهي جنريشن گئپ جو واڪو نه ڪن. اڳي به اسان جي گهرن ۾ بزرگ هوندا هئا، هرڪو گهر جو ڀاتي جيئن گروءَ جي مورت کي پيرين پوندو هو ليڪن بزرگن کي به پيري پيٽي آفيس، دوڪان يا اسڪول ويندا هئا. گهرن جي وڏڙن کي عزت ڏيندا هئا. هيئنر ٻارن جي اڳيان وڏڙا جهڪيل آهن، ڇو ته کين ڀپ آهي ته ٻار کين ٻڍڙا آشرم ۾ ڇڏي ايندا. سڄو گهر گهمي ڦري اسان ڪانئن موڪلايوسين ۽ ڪار ۾ چڙهي اچي پنهنجي هوٽل ۾ پهتاسين.

راتِ گذاريسين. رات جو ٻن ٽن اسٽيشن تي پهتي. صبح
جو ٦ لڳا ته ڪوللمپور اسٽيشن تي اچي پهتي.

ڪوللمپور (ملئيشا)

ڪوللمپور پليٽفارم تي منهنجي ڀاڻيجيءَ جو گهوٽ
چيناڻند پوچواڻي ۽ سندس پٽ شروڻ ڪمار بيٺا هئا. اسان
سامان لاهي هيٺ رکيو. ڪوليءَ اچي سامان کنيو. چيناڻند
ڏاڍي پيار سان ڀاڪر پائي اسانکي گڏيو. چيائين مس مس
آيا آهيو. منهنجي ڀيڻ ساوڙي گهوٽ ۽ راڄ سوڏي
ڪوللمپور ۾ پارٽيشن کان پوءِ اچي سيٽل ڪيو هو. ڏاڍو
لکندي هئي ته اچو، سينگاپور گهمي وڃو. پر ان جل
شايد ڪونه هو. سندس گهوٽ جي گذرڻ کانپوءِ پنهنجو
دوڪان وڪڻي اچي ٻامبي ۾ رهي هئي. سندس ڌيءَ
چمپا، آلي شادي ڪئي جا يونائيٽيڊ ايشن بئنڪ ۾ ڊويزنل
مئنيجر آفيسر آهي. (اسين ڪيس پپو چوندا آهيون.) آهي
به جڏهين ٻامبي ايندا هئا ته پيا چوندا هئا ته سينگاپور
ڏسڻ جهڙو آهي. اچو گهر ڏٺيو پيو اٿوَ! جينئي جي فرم جو
نالو وي. وليرام آهي. سندس ڪار ۾ چڙهياسين. هتي به
رستا وڏا، سنا، صاف، سٿرا، ٻنهي پاسي ساوڪ، ڪٿي
ننڍا ننڍا سهڻا بنگلا، ڪٿي وڏيون جايون، لنگهندا اچي
هڪ سهڻي بنگلي جي گيٽ وٽ پهتاسين. ڪار گيٽ جي
اندر گهڙي ته اوڏي مهل صبح جو ٧ لڳا هوا. ڪار ايئر-
ڪنڊيشن هئي ان ڪري ٻاهرين مٺي هير جو لطف ڪونه

هو ٻه چار دفعا سينگاپور مان ٿي ويا آهن. سو اُنهن ٻڌايو ته ڪهڙا هنڌ گهمڻ جا اٿوَ. سڄو ايٿو پورٽ گهمياسين. ايٿو پورٽ ۾ جنرل اسٽور هو جتان هر قسم جون شيون لــي مليون، گاڏي کان وٺــي سئي ڌاڳي تائين، فائونٽين سهڻا اُهيل هوا، ريسٽارنٽ وغيره. مطلب ته ايٿو پورٽ ڏاڍو وڏو هو. چون ٿا ته دنيا ۾ ٻهريون نمبر آهي. گل ۽ جوهر کان موڪلائــي، ٥ ٻجي ٽئڪسي ڪري اچي سينگاپور جــي ريلوي اسٽيشن تي پهتاسين.

اسٽيشن ۾ اندر گهرياسين تــه هڪ مدت لاءِ پوءِ ڏٺو ته پوري ٻندر اسٽيشن تي بيٺا آهيون ڇا؟ رنگ ڍنگ صفا اُئين هو، پر پوري ٻندر اسٽيشن وڏي آهي پر هيءَ تمام ننڍي هئي. پڇا ڪرڻ تــي خبر پيئي ته گاڏي رات جو ساڍي ٨ ٻجي آهي جا صبوح جــو ڪوالمپور پهچائيندي. خير اسان جيئن ٽيئن چار ڪلاڪ اُتي گهاريا. اُتي ريسٽارنٽ هئي اُتان ٿورو گهڻو کاڌو کاڌوسين. ٨ ٻجي ٽرين پليٽفارم تي آئـــي. اُتي اسٽيشن تي ٻه ڪسٽم آفيسر بيٺا هئا. جن اسانجي ٻئگن جي تلاشي ورتــي. لکيه ايڊو ته سوڙهو ڪيو هوائون جو هڪ ماڻهو مس لنگهي سگهي. ڪن وٽ آفيم يا چرس هو تن کي پوليس پڪڙيو. اسين اچي گاڏيءَ ۾ چڙهياسين. گاڏي ٻه جهوني پراڻي هندوستان جي ياد تازي ڪري ڇڏي. ساڍي ٨ ٻجي گاڏي سيٽي هنئي، هلڻ شروع ڪيو. اسين ڪڏهن مهل جهوٽن ۾ تــه ڪڏهن مهل جاڳي

۽ آرامي ٽياسين جو ڏاڍو ٿڪ هو. ڪلاڪ کن آرام ڪري ٽيوڻ ڪري ويٺاسين ڳالهين ۾ تہ ٽائيم جو پتو ئي ڪونہ پيو. ٻار اسڪول مان واپس اچي پهتا. لنچ کائي ٽڪڙ ۾ سڀيئي وياسين بزار ۾. منهنجي ڀيڻ اسانکي پنهنجو دوڪان ڏيکاريو جو هيئر ريڊي ميڊ ڪپڙي جو دوڪان هو.

ٽئهن ڪانپوءِ ڪوللمپور جي مشهور ڊپارٽمينٽل اسٽور "گلوب" سلڪ اسٽور ۾ وياسين، جو ٧ ماڙن جو هو. گرائونڊ فلور تي ريڊي ميڊ ڪپڙو، ٻهريون ماڙو هوزري، ٻيو ماڙو ڪپڙو، ٽيون ماڙو سامهيون مطلب تہ ٥ ماڙن تائين اسٽور هو. ٦ ماڙي تي ڪئنٽين ۽ ٧ ماڙي تي آفيس. اُن اسٽور جو مالڪ ٽانسري ٽي. جي. ڪشو آهي. جنهنکي اسين اُتي هواسين تہ ٽانسري مليشيا جو وڏو لقب مليو هو ۽ مئنيجر آهي بي. نارائڻداس. ٽانسري ڪشوءَ جي پتاجن ۽ منهنجي پڻوئي جو پاڻ ۾ ڀائرن جهڙو رستو هو. مسٽر ڪشوءَ جي ڏيهانت کانپوءِ منهنجي ڀاڻيجيءَ جو گهوٽ مسٽر جيناننڊ سان اهو رستو هلندو ٿو اچي. سندس ماتا صاحب جو منهنجي ڀيڻ سان اڃا تائين ساڳيو ڀيڻن جهڙو رستو قائم آهي. بزار گهمي اسين پوءِ جي بئنڪ ۾ وياسين جا اُتي پاسي ۾ ئي هئي. پوءِ سان گڏ اسين هڪ ڪار ۾ واپس گهر آياسين، جينو ۽ ٻار ٻيءَ ڪار ۾. جيني جي آفيس ۾ اچڻا هوا. رات جو ماني ٽانسري ڪشوءَ وٽ هئي جو ڪيس خبر پيئي تہ اسين اڄ صبح جو اچڻا آهيون. گهر

وٺي سگهياسين. پر جڏهين ڪار مان هيٺ لٿاسين ته ٿڌي
هير سڄي رات جو ٿڪ لاهي ڇڏيو. ٻاهر سهڻو لان هو.
ورانڊي ۾ ٽيبل ۽ ڪرسيون پيئيون هيون. اسين وڃي
اُتي ويٺاسين. ڪار جو هارن ٻڌي ساوتري، منهنجي ڀيڻ
جا اُن وقت اُتي هئي، پيو، ٻاهر نڪري آيا ۽ ڏاڍا ڀاڪر
۽ ڪسن ڏيئي اسانجي آجيان ڪيائون. سعدن پيو نمبر پٽ
اشوڪ ڪمار سامان کڻي وڃي روم ۾ رکيو. ٽيون نمبر پٽ
نريش جڏهين ٻامبي ۾ آيو هو ته ڪافي ننڍو هو سو هينئر
وڏو ٿي ويو هو ۽ ننڍڙو پٽ ڪيشي جيڪو اسان ڪونه
ڏٺو هو سو ننڊ مان اُٿي واٺڙن وانگر نهارڻ لڳو. يڪدم
چانهه اچي ويئي، چانهه جو مزو ئي اور هو. ٻامبي ۾ ٻند
گهر ۾، فٽن جي هوا ۾ چانهه پيئبي آهي. ساوتري ۽ ٻامبي
جون خبرون چارون ورليون. پيوءِ جا ٻار سڪول لاءِ سنبرڻ
لڳا. ٨ بجي پيوءِ چيو ته — مونکي آفيس ۾ وڃڻو آهي.
توهان کي منجهند جو ڪار موڪليندس ته گهمڻ نڪرجو.
جيئنو ۽ ليار ٿيڻ لاءِ پنهنجي روم ۾ ويو. دالان ڪانپوءِ سٽنگ
روم هئي. سٽنگ روم جي ڏائي پاسي ٻه بيڊ رومس هيون
جي اسانکي ڏنائون. ساڄي پاسي جيئني ۽ پيوءِ جي بيڊ روم
هئي. ٽنهن ڪانپوءِ ڊائينگ هال. ان جي ساڄي بيڊ روم ۽
ڏائي پاسي ڪچن، اسٽور روم ۽ ٻاٿ روم، سروئنٽس لاءِ،
ڪچن جي اڳيان ننڍڙو باغ جنهن ۾ چڪون، سيتاڦل،
زيتون، پپيا پوکيل هوا. اسين اچي پنهنجي بيڊ رومس

مسز مولا ڪشو اسانکي پنهنجو گارڊن ڏيکارڻ هلي. برسات جي سنهي سنهي بوند ٿي پيئي. ڏينهن جو گرمي هئي پر رات سنڌ وانگر ٿڌي هئي. هتي جي آبهوا صفا بمبئي وانگر آهي. ڏينهن جو گرمي ۽ رات جو سٽي ۽ ٿڌي، پر هتي جي آبهوا خشڪ آهي.

مسٽر ڪشوءَ پيا به سنڌي گهرايا هئا. انهن سان خيالن جي ڏي وٺ ڪئيسين.

مولا مسٽر ڪشوءَ جي زال اسان کي باغ ڏيکارڻ هلي. باغ تمام سهڻو ٺهيل هو جتي تاج محل ٺهيڙو، شينهن ۽ چيتن جا بوتا وغيره مٽي ٺاهيگر بام سينگاپور جي وانگر باغ کي سينگاري رهيا هئا.

ڊنر تي ۽ ڳالهين ۾ ڪافي دير ٿي ويئي هئي. سو اسين مسٽر ڪشو، مسز ڪشوءَ سندس ماتاجيءَ کان موڪلائي اچي گهر پهتاسين. ٻئي ڏينهن صبوح جو مسٽر ناراڻداس جو فون آيو جو گلوب سلڪ سٽور ۾ مئنيجر جي پوسٽ تي آهي. ته اچ رات جي ماني اسان وٽ کائجو. چينو اهڙو قرب ڏسي ته، نه ڪري سگهيو ۽ اسان کي رات جو تيار ٿي وڃڻ لاءِ چيائين، جو اُن صبح جو ڪيس ٽڪڙو آفيس ۾ ويٺو هو. پلا بزنيس مئن جو ٿيو. اسين به چانهه جي ٽوري ڪٺي اچي ورانڊي ۾ ويٺاسين. چانهه به ويٺي پيتيسين ۽ خبرون چارون به ويٺي ڏيوسين ورتيوسين - ٻار اسڪول وڃڻ لاءِ تيار ٿي ٿيا. پپو به چانهه ٿي آفيس لاءِ تيار ٿيڻ ويٺي. چانهه مان فارغ ٿي سنان ڪٽي ڪري تيار ٿياسين

اچي چانهه ٻي تيار ٿياسين. ٽيهن وڳي جيئن ته اچي پهتو. اسين ٻئي ڪارس ۾ ڪشوءَ جي گهر پهتاسين. ڪشوءَ جي ماتاجي گهڻا سال اڳ اسان وٽان ٿي وئي هئي ۽ ٽڪهين مائيءَ جي فلڪ ۾ هئي. گهر ڪونه هو هڪ محلات هو. اندر گهڙياسين ته ڪشوءَ سنڌس تمام خوبصورت ڊرميٽنيءَ گڏيا ۽ انهن گڏيا جڳ ورهين کان هڪ ٻئي کي سڃاڻون، جو ساوتريءَ جي والان هئڻ جون سڀ خبرون چارون ملنديون هيون. سنڌس ماتا صاحب مندر ۾ هئي.

سنڌيا جو آلي نيم سان پاٺ پوڄا ڪندي آهي. اسين مندر ۾ وياسين جو گهر جي پاسي ۾ وڏو شاهي ٺهيل هو. جتي گرو گرنٿ صاحب، شوَ ڀڳوان جو لنگ ۽ سنتن مهاتمائن جا سنگمرمر جا پتلا رکيا هوا. امڙيءَ ڪي اسين گڏياسين، ڏاڍي خوش ٿي اسانکي گڏجي. (منهنجي پيڻ ساوتريءَ جو ساهرو ٽالو واڙي آهي.) پڇائين راڻيءَ جي والان ٽوهان جي ٻاري ۾ اٿرو ته ٻڌو اٿم جو سمجهان پيئي ته هڪ ٻئي کي چڱيءَ طرح سڃاڻون. اسين پيري پئي ٻاهر آياسين ته ٽالسري ڪشوءَ جا پيا مهمان به اچي پهتا. ڳالهين جو دؤر شروع هو. اسين ليڊيز وري پنهنجي نمولي ڳالهين ۾ مشغول هواسين. جو ميز تي کاڌو اچي ويو. آلي جو ملئيشن موڊ ۽ سنڌي کاڌي جو ميل جول هو. کاڌو کائي ٻيءَ روم ۾ اچي ويٺاسين جتي سئيمت دش سرو ڪيائون. ٽان جو رات جو ١٢ اچي لڳا. ٽائيم جي خبر ني ڪونه پيئي. ٽيهن وڳي

ڪملا مسز نارائڻداس بہ اچي پاڪر پائي گڏي پيا بہ آئـــي جا سنڌي مسٽر نارائڻداس گھرايـا هئا. تن سان بہ گڏ ياسين. سنڌي ساهتيہ ۽ اُن جــي آئينده جي باري ۾ خيالن جي ڏي وٺ ٿي. مسٽر نارائڻداس جو گھر هيٺ مٿي هو. ڪاڌو اُتي بہ سنڌي گھٽو ٽٽو آهي. آمريڪا وانگر ڊپن ۽ پئڪيٽن تي گذران ڪونہ ڪن. ہر ڪاڌي جا ۽ گھمڻ جا شوقين آهن. رات جا ١٢ اچي لڳا. اسين سيني ڪــان موڪلائـي اچـي گھر پيرا ٿياسين. هتي ڏينهن آرتوار هو. اُتي Genting Hgih Lands جيئنٽگ هاء لئنڊس مشهور هو. جيتي ڇيو صبح جو سويل تيار رهجو جو هاء لئنڊ تي هلڻو آهـي. صبح جو سويل اسين تيار ٿي پن ڪارس ۾ چڙهي ڪاهہ ڪئيسين. جيئن جيئن ڪار مٿي ٿـي چڙهي ليئن ليئن ٿڌڪار وڌندي پئي وئي. پيوء چيو تہ اڳيان جيئن جيئن وڌنداسين ليئن ڪوهيڙو ٿيندو ويندو جو ٦٠٠٠ هزار فوٽ سمنڊ جي سطح ڪان مٿي آهي. ڪلاڪ واهہ جو لڳندو پهچڻ ۾. پرسات بہ ڏاڍي پـي پئي. هيٺ گرمي ۽ مٿي ٿڌ. مٿي پهچڻ تي اکيون ڇرخ ٿي وئيون قادر جي قدرت ڏسي. ڪار پارڪ ڪري اڳيان وڌياسين پار تہ ڊوڙون پائي مٿي چڙهي ويا. اسين ڊمڪ ڊمڪ ڪري مٿي چڙهياسين. وڏو شاهي ميدان جنهن ۾ ساوڪ ٿي ساوڪ. وچہ رستو هڪ پاسي پونگہ ليڪ جنهن ۾ ڇوڪرا، ڇوڪريون ۽ پار بوٽ ۾ ويهي پيرن سان ويٺي بوٽ هلا پائون جيئن اڄڪلهہ

جو جيئنو ڪار موڪلڻ وارو هو. ۽ ساوتري (واڻي) اسانکي ڪوللمپور گهمائڻ وٺي هلڻي هئي. ڪوللمپور وڏو شهر آهي. جتي ڪافي سنڌي سکيا ستايا آهن. شهر جو چڪر هڻي وري اچي گلوب سلڪ اسٽور ڏي وارد ٿياسين - اتي ڪجھ ريڊيميڊ ڪپڙو ٻارن لاءِ خريد ڪيوسين.

اُن جي ڀاسي ۾ ميسرس "ڪي. جي. چونڊومل" فرم جو دوڪان آهي. جا مشهور فرم آهي. جنهن جو ڊائريڪٽر مسٽر اڃا. چوهڙمل آهي. ساوتري اُن دوڪان ڏي وٺي هلي. جاڪاڻ ته ساوتريءَ جا سڀ سيڪاپ وارا آهن. اتان ٿي "ملايا ٽريڊنگ ڪو" مسٽر ٽيڪمداس گوپواڻي جي دوڪان ڏي وياسين. اتان پڻ سنڌين جي دوڪانن ڏي وياسين. سڄي بزار گهمي، ۴ بجي پيوءَ جي بئنڪ ۾ وياسين جو اُن جي بئنڪ ۾ اتي ئي آهي. اُن سان گڏجي گهر واپس ٿياسين. يوريپ کي نورو جيئني ۾ ڪم هو، سو اُن جي آفيس ۾ ويو. جتان گڏجي موٽيا هوا. اسان گهر اچي نورو آرام ڪيو. چانهه وغيره پي ڊانس لاءِ تياري ڪئيسين، ته جيئنو، شرن ۽ يوريپ به اچي پهتا. ۸ بجي گهر سان نڪتاسين ۱۵ منٽن ۾ اچي مسٽر ناراڻداس جي گهر پهتاسين مسٽر ناراڻداس اڳرني اسان جو ڏٺل هو جو منهنجي سيٽر هريش جي شاديءَ ۾ مسٽر ۽ مسز ناراڻداس آيا هئا. اتي سڪ ۽ پيار ڏاڍو گهڻو آهي. گهڻي پاڪو ميربن. هتي ٻاهر ۾ گهميل آبهوا جي ڪري شايد هڪٻئي جي ويجهو اچڻ ۾ به ڪيبائين.

سينگاپور جا ٻلاڪ ٺهرائي اخبار ۾ ڏٺا هئا. توهان ٻارڪن
کي وڏڙڪ لطف اچي ها. شام جو ٦ بجي هيٺ لهڻ شروع
ڪيوسين. شانق آلي هفتو هفتو اچي رهندا آهن ۽ آئي
جو لطف ماڻيندا آهن.

آرتوار ٢٥ تاريخ مارچ لعلواڻيءَ جو ٻوڻ ڏي هو سو جيئنو
ڪيڪ وٺي آيو ۽ هيڪ ڪلب ۾ ٽيبل ٻڪ ڪرائي هئائين.
اسين جلدي گهر اچي تيار ٿي هيڪ ڪلب وياسين. ڏاڍي
سهڻي ڪلب ٺهيل هئي. سهڻو سوئمنگ پول ٺهيل هو.
چوڌاري ساوڪ ٿي ساوڪ لڳي پئي هئي. رات جو ٽائيم
هو جو ٻاهران بتين سان هيڪ وڏڙڪ سهڻي ٿي لڳي. اسين
مٿي ڊائيننگ هال ۾ گهڙياسين، سڄو هال فل هو. اسانجي
ٽيبل ڏاڍي سهڻي هنڌ تي وڏي وٺي هئي، چيدا ۽
مڪاني ملئشن زالون، مرد ۽ ٻار ويٺا هوا. چيني ۽ ٻيوءِ
ڪجهه ملئشن ڊشز ۽ ڪجهه چيناڻي ڊشز جو آرڊر ڏنو.
ملئشن کاڌو چيٺو، پيو ۽ سندس ٻار ڏاڍو مزي سان کائي
رهيا هوا پر اسان چيناڻي کاڌو وڏڙڪ پسند ڪيو. خير
کائي گهر موٽياسين.

٢٦ تاريخ سومر هو. اسانجي سومر جو ورت هو. چيٺي
۽ پٿن سندين گڏجي هڪ سهڻو سنگمرمر جو مندر ٺهرايو
آهي جو ڏسڻ وياسين. مندر ۾ سنگمرمر جون مورتيون
وشنو ڀڳوان لڇمي، رام سيتا ۽ ڪرشن راڌا جون ڏاڍيون
سهڻيون براجمان هيون. هال وڏو شاهي هو. پوڄاري پوڄا

گھٽين پڪچرس ۾ ڏيکاريو ويندو آهي. ٽنهن کان پوءِ ٻارن لاءِ چوڪنڊ مٽيءَ ٽرين، هوائي جهاز وغيره. اُتا مٿي چڙهياسين ته مٿي انڊور هيٽيڊ پول Indore Heated Pool، انڊور اسٽيڊيم. جينٽنگ هوٽل، هاءِ لئنڊ هوٽل، پيلانگي هوٽل، چين شوي ڪيوز ٽيمپل، سري لئنگ هوٽل، ڪلب هائوس، گولف ڪورس. جينٽنگ جي شخصي هوٽلن ۾ هڪ هزار هڪ سو روم آهن، ٣ بارس، ٦ ريسٽارنٽس، فلور شوز، ڪسينو. سائوٿ ايسٽ ايشيا ۾ وڏي ۾ وڏو ڪسينو آهي. اسان ٻلورو ڪسيني جو لطف ماڻيو، سروج، پوڻيب، پيو ۽ جيڪي راند ڪئي اسان وڃي روڪڙو ڏنو ۽ ماڻهو ڪيئن راند ۾ هوش حواس ڪوهي، راند پٺيان مستانا هئا. ٽنهن کان پوءِ ريسٽارنٽ ۾ اچي ڇني ڪاڌوسين.

اُتي ڪيبل ڪار هئي پر اسين اُن ۾ ڪونه چڙهياسين. ٧٠٠ ميٽر اُتاهين تي ٿي هلي. جا جينٽنگ هوٽل ۽ سري لئنگ هوٽل جي وچ هلندڙ هئي. جاڪاٽ جو وچ مالوي هئي. پهاڙن جي وچ سهڻيون، صاف ڪشاديون هوائون ٿڌيل آهن. اسان جڏهن ڪسي چيو ته لو ته اسان کي سرڳ جو درشن ڪرائي جڏيو. جا ته ويو ۽ سيٽوي آهي. هيٺ لهار ته مٿو لي ڇڪر ڪاڏو. اُتي پوڻيب ۽ سروج جام لوٽا ڪڍيا، پر سڀ رلڪين آهن. اسان پوءِ ڏاڍو پڇتايو ته جڪر ٻلڪ ۽ واليمٽ رول وڃهالي اچون ها ته ڏاڍو سٺو ٿئي ها جيئن پئنڪاڪ، هانگ ڪانگ، ڪوالالمپور ۽

سينگاپور ۾

اسين سيني کان موڪلائي ٽرين ۾ چڙهياسين. هيءَ ٽرين سپر فاسٽ ۽ ايئرڪنڊيشنڊ هئي. ڪرسيون پلين وانگر پشنگ هيون. ڊرائين تي سهڻا پردا لڳل هوا. ٽي. وي. تي انگلش پڪچر هلايائون. ٽرين ۾ ڪاڌي جو به سٺو بندوبست هو. ڪاڌي ۾ اهڙو بندوبست هو جو ڪير ٽائليٽ ۾ وڃي ۽ در بند ڪري ته هڪدم اکر اچي ويندا ته ٽائليٽ ٻڌي آهي. سڄو رستو ساوڪ سان ڇانيل هو. ٽيمٽ منجهند جو ٻي ٻجي اچي سينگاپور اسٽيشن تي پهتاسين. پرديپ يڪدم سامان ڪٽي هيٺ لٿو ۽ هٿ بئگس سروج کنيون. اسٽيشن تي وري اچي وانگر ڪسٽم مان لنگهڻو پيو. اميگريشن جو ڪم لاهي ٻاهر آياسين. چيني پنهنجي دوست مسٽر اجو پريملاڻيءَ کي فون ڪيو هو ته اسان لاءِ هوٽل جو بندوبست ڪري. سو اسان اسٽيشن تان ڪيس فون ڪيو ته "ڀائي ڪهڙي هوٽل جو بندوبست ڪيو اٿيئي؟" هن ٻڌايو "ته واءِ. ايم. سي ۾ توهان لاءِ بڪنگ ڪئي اٿم." اسين ٽئڪسيءَ لاءِ لائين ۾ بيٺاسين. ٽئڪسي وارا ٻن ڄڻن ۽ سامان چاڙهڻ لاءِ تيار هوا. ڇهن ڄڻن کي نه. هڪ ته ٽئون شهر. خير ٻه ٽئڪسيون ڪيوسين. هڪ ۾ سروج ۽ مان ۽ ٻيءَ ۾ لعلواڻي ۽ پرديپ. اڌ ڪلاڪ ۾ اسين اچي وا. ايم. سي وٽ پهتاسين. پر هنن جي ٽئڪسيءَ جو پتو ندارد.

سينگاپور اسٽيشن تي ڪرنسي مٽائي هئيسين پر سڀ

ڪري رهيو هو. جهنڪي ٻوڇا لاءِ رکيو ويو آهي. وڏا ڏٽ ڏام ڏوم سان ملهائيندا آهن ۽ ڳڏجي ٻرٽي ٻوڄن ڪندا آهن. شام جو ٽاري ڳدواڻيءَ جي گهر وياسين اٽان ٽي محلات ڏسڻ وياسين پر اهو بند ٿي چڪو هو. اٽان وري "ٻلاڙا واٻو جان" شاپنگ سينٽر ڏسڻ وياسين. تڏهن ڪالهوڻ گهر آياسين جو ٻُڪنگ ڪرائي هئي، ٻئي ڏينهن اسانکي سينگاپور صبح واري ٽرين ۾ وڃڻو هو. جهٽي، ٻپو، ٻارن ۽ ساوتريءَ جي اصل مرضي ڪانه هئي ته اسين ايترو جلدي وڃون. ڇيانوي مس مس ٣٥ سالن ڪانپوءِ آيا آهيو، گهٽ ۾ گهٽ ٢٠-٢٥ ڏينهن ته رهو ها، آيا ۽ ويا. پر اسان جي سينگاپور مان ١ تاريخ جي بڪنگ هئي بامبي لاءِ.

٢٧ صبح جو اسين سيٺي کان موڪلائي اچي ڪار ۾ چڙهياسين، سيٺي جون اکيون آليون هيون. جيئن اسانکي اسٽيشن تي ڇڏڻ هليو.

۲۸ تاريخ هاءِ اسٽريٽ ڏسڻ جو خيال ڪيوسين. هاءِ اسٽريٽ ۾ اسان جا ڪيترا اخبارن جا گراهڪ آهن. ان ڪري هاءِ اسٽريٽ ڏسڻ جي ڏاڍي چاهنا هئي. منهنجي ساهيڙي جوتي چتلاڻيءَ جو پيٽيو مسٽر ني. رامچند انڊيا امپوريم واري جو دوڪان به هاءِ اسٽريٽ ۾ آهي سو آن کي فون ڪيوسين. پڇوسين اسين اُتي ڪيئن پهچون. هن ڀاءُ ڏس ڏنو. اسين ڪولمبو هاءِ اسٽريٽ ۾ سندس دوڪان تي وياسين، ڀاءُ رامچند رلڻو ملڻو، خوشمزاج جوان هو. ڪيس پٽ پوٽا آهن. جوان ان ڪري ٿي چوان جو انهي جا سنڌي ٻاڻ ڪسي جوان رکي وينا آهن پيي تيڻ لاءِ شايد هنن کي وقت ئي ڪونهي. ڏاڍي پيار ۽ قرب سان گڏيو. انڊيا امپوريم تمام مشهور آهي. هانگ ڪانگ، نيو يارڪ وغيره ۾ سندس برانچون آهن. اسين ٿوري وقت ۾ ڇگو گهايل مايل ٿي وياسين، ڇڻ نه ورهين کان هڪٻئي کي سڃاڻون. ڀاءُ رامچند چيو ته چا پيئندا؟ اسان هڪدم چانهه چيس. ڪلاڪ کن ڳالهين ٻولهين ۾ گذري ويو، سنڌي ساهتيه ۽ سنڌين جي ٻاري ۾ خيالن جي ڏي وٺ ڪئيسين. پوءِ ڀاءُ رامچند، سنڌي انسوسيشن جي پرڌان شري دوپچند وٽ وٺي هليو. شري دوپچند کي اسين دهليءَ جي سنڌي سميلن تي گڏيا هواسين. ڀاءُ دوپچند ۽ ڀاءُ رامچند سنڌين جا روح روان آهن. اُتي به اڌ ڪلاڪ روح رهاڻ ڪئيسين. پوءِ اُنان موڪلائي آياسين مسٽر اجـو

پهتا پوڻيهه وقت هوا. ۱۵-۲۰ منٽ ٽئڪسيءَ وارو ڳوليو، پوءِ چيائين ته واهه. ايم. سي جي مئنيجر کي چٺي مونکي پهتا وٺي. ڏيو. اسين ڏاڍو پريشان هئاسين ته هو لڏي ٻ اسيمو ٻئي چڙڪيو ته آخر هي ٻئي ڪيڏانهن گم ٿي ويا؟ منهنجي ته ڄڻ دل ٿـي ٻيئي. سوچ ٿورو همت کان ڪم ورتـو ۽ ٽئڪسي ڊرائيور سان گڏ اندر ويٺي ۽ ڪيس ٻاڙو وٺي ڏنائين. ڊرائيور ڏاڍو نيڪ انسان هو. تنهن چيو ته هتي لهاڻي ليندي آهي. شايد وڏا چڪر هڻائي پوءِ وٺي ايندو. اسين ليستائين سامان کڻي وچي اندر ويٺاسين. اڌ ڪلاڪ ڪـان پوءِ هتن جي ٽئڪسي آئـي. ختم پيميمٽ ڪري لفٽ ۾ چڙهي اچـي سيڪنڊ فلور تي پهتاسين تـ هوٽل جو چوڪرو سامان کڻي اچي پهتو. ٿورو آرام ڪري ۴ بجي کن پيپلس پارڪ ڏسڻ لڪتاسين. ٿورو پنڌ ڪري ٻهولن پيمت پوڇا ڪئيسين. چانهه پـي ٽئڪسي ڪري پيپلس پارڪ پهتاسين. وڏو شاهي ڪامپليڪس آهـي. هيٺ چوڏاري دوڪان، ريسٽارنٽس، وچر ڦاتونٽين. ماڻهو اصل ستيا پيا هئا ڪاڏي ٿي. آلي ۾ چار دوڪان سنڌين جا ۾ هوا. هتي جا ماڻهو ۾ ڪاڏي پيتي جا شوقين آهن. ۴ فلورس هئا، هر قسم جون شيون موجود هيون. سون چانديءَ کان وٺي فرنيچر تائين. ڪا اهڙي شئي ڪانه هتي جا نه ملي. چئينجر هوهڪ فلور تي هوا. سڀ کهمي ڦري هيٺ اچي چيني کاڌو کاڌوسون. ۽ ٽئڪسي ڪري اچي هوٽل ۾ آرامي ٿياسين.

هوٽلون واجبي اگهن ۾ آهن. ٻـا ڪي گهر آهن جي پينگ گيسٽ ڪري رهائيندا آهن. صبح جو ناشتو ڏيندا آهن. ساتوڪ انهن هوٽلون نهي نهي لي هجون. اُتي ۾ هوشيم هٿي، ٻو شايد پراڻو سينگاپور کان سستي. سوگون روڊ جو چڪر هڻي رات انهن ٻهي اچي هوٽل ۾ پهتاسين.

٢٩ تاريخ وسپت ڏينهن صبح جو هيٺ ناشتو ڪري آس پاس جا چڪر هڻڻ نڪتاسين. پنڌ ڪرڻ ۾ مزو ئي آيو. رستا صفا سنڌا، سڌا سنوان. فٽ پاٿ به ويڪرا ۽ لسا نه ڪڏهن نه ٽوپا. نه هيٺ نه مٿي جو هلڻ ۾ تڪليف ٿئي. ڏاڻي پاسي به گهٽيون وڏيون بلڊنگون هيون، جن ۾ آفيسون هيون. ڪيترا چيندا سنڌي ڳالهائيندا آهن ٻو ڀڳل ٽٽل. هڪ چيني جي دوڪان تي وياسين نه هڪدم چيائين چا کپي، هي ٽ ڪپڙو سستو آهي. ٤ شام جا اچي لڳا اسين سوگون روڊ ٽڪسي ڪري ڏسڻ وياسين اها ايريا تامل ماڻهن سان ڀريل آهي. دوڪان، هوٽلون، گهر سڀ تاملن جا آهن اتين پئي لڳو جڻ نه مدراس پهچي ويا آهيون. انڊلي، دوسا ۽ تامل لونگين پڙل. ساڄي پاسي دوڪان، باغ بغيچا هئا. سڪول جا ٻار سهڻا، ويل ڊريس ٽيل، ڏيلها گهوڙي ۾ لڪائي اسڪول وڃي رهيا هئا. اسان هڪ ٽڪسي ڪئي ۽ سڌو هاء اسٽريٽ وياسين. هاء اسٽريٽ جي پل ڪراس ڪري پهتين پاسي وياسين. اُتي سڀ ملائي لوڪل ماڻهن جا دوڪان، جوهرس، ريڊي ميڊ ڪپڙو ۽

پرمالاٽيءَ جي آفيس ۾. هيءَ نئين ٻلڊنگ هڪ ٻئي
جي اڳيان پٺيان آهن. مسٽر اڄو ڀاڪر پائي گڏيو. جيئن
جي خبرچار ورتائين. اوڏي مهل منجهند جو هڪ اچي
لڳو. اڄو زوريءَ اسانکي لنچ لاءِ وٺي هليو. پنجابيءَ جي
هوٽل سانجهي ٻلڊنگ ۾ هئي. کاڌو سنڌي ۽ پنجابي مليو.
جو اسانکي ڏاڍو وڻيو. تنهن کانپوءِ اسين اڄوءَ کان موڪلائي
هاءِ اسٽريٽ گهمڻ نڪتاسين. اڄوءَ تاڪيد ڪئي ته سڀاڻي
به لنچ مون سان گڏ کائجي اچو. اسين سندس شڪريه ادا
ڪري ٻاهر آياسين. سڄي هاءِ اسٽريٽ سنڌين جي دوڪانن
۽ آفيسن سان ڀريل هئي، بيسمينٽ ۾ به سنڌين پنجابين
جا دوڪان آهن. اليڪٽرانڪس ۽ ڪپڙن جا جام دوڪان
آهن. شيون اهڙيون هيون جو دل ٿي پئي ته هيءَ به وٺجي،
هيءَ به وٺجي پر ڏور ورڌي وڃڻ جي ڊپ کان صرف ٻه
ساڙهيون انڊيا اموربر لاءِ ورتيوسين. چينن جا به دوڪان
هوا. هتي به ڏنلڊي ۾ ڪامپيٽيشن ڏاڍي آهي. ڪي ڪي
چينا ڪرٽهو هوا جو اُتان سنڌ يا ٽيون الڊيا ۾ وڪڻڻ لاءِ
ڪپڙو تاڪين جا تاڪيا ۽ ٻيون شيون وٺي اچي وڪڻنديون
آهن. سو چينن ڪي اهو ائر ويٺل هو ته سڀ سنڌي
چڪرائي آهن ۽ مال وٺي وڃي وڪڻندا آهن ۽ اگهه ۾
گهٽ وڌ ڪرائيندا آهن. هاءِ اسٽريٽ ۾ توهانکي رنگين
جهولي ۽ پتلون ۾ گهٽيتي سنڌياڻيون ڏسڻ ۾ اينديون جن
جو ڏنلڊولي اهو آهي.

۽ نوريءَ وٽي هليا ته ڏٺوسين ته هندوستاني آهيو اندر
اچو. سڄو باٿ روم جو سامان ڊسڪپوزيشن هو. اسين جوس پي
پاهر نڪري آياسين. سڄو پبلڪ پارڪ گهمي ٿڪجي
پياسين. اتي ۽ چار سنڌين جا ۽ دوڪان آهن. هيٺ اچي
سئنڊوچ کائي، جوس پي، ٽئڪسي ڪري اچي هوٽل پهرا
ليٽياسين.

۲۰ تاريخ آرام ڪيوسين جو ۳ بجي Sentosa ڏسڻ
وڃڻو هو. ٽئڪسيءَ واري کي چئي ڇڏيو هوسين. هتي
ڪي ٽئڪسي وارا تمام مضبوط وارا چيني هئا جي انگريزي
ڄاڻندا هئا پر لوڪل ملائي ڪيترا انگريزي ڪونه ڄاڻندا
آهن، ڪي ڪي ته انهن ۾ مٿي ڦريل هئا. ۳ بجي هيٺان
ڪائونٽر تان ڪال آئي ته ٽئڪسي اچي وئي آئو.

اسين تيار هواسين جلد ئي اچي ٽئڪسيءَ ۾ ويٺاسين.
ٽئڪسي مٿي چاڙهيءَ تان چڙهڻ لڳي نيٺ اچي ڪيبل
ڪار وٽ ڇڏيائين. ٽڪيٽ وٺي ڪيبل ڪار ۾ چڙهياسين
ڪيبل ڪار سمنڊ لتاڙي اچي ٻيءَ پر لاٿو. اتان اسان کي
ڪافي پنڌ ڪري هيٺ اهڙو هو. اسين آهستي آهستي
پنڌ ڪندا اچي رسا سينٽوشا فوڊ سينٽر تي پهتاسين. اتي
۱۵ کاڌي جا اسٽالس قطار ۾ آهن ۽ اڳيان کول ميزون ۽
ڪرسيون رکيل آهن. چيني کاڌو، ملائي کاڌو، مليشن
کاڌو وغيره هئا. اسان اتي سئنڊوچ کائي چانهه پيتيسين.
۽ وري پنڌ پياسين جتي "ميوزيڪل فائونٽن" Musical

يونن جا دوڪان هئا جي گهڻو ڪري ڳالهين هلائي وڃون هيون. اها اهڙا گهڻي ڪري مسٽر اجوه جي آفيس ۾ ويٺا هئاسين. اڄو اڄ اسانکي انگريزي ڳالهه ڪري ولي هليو. اتي ٻه پنجابي ڪاڙهه سٺو مليو. لنڊن ڪان پوءِ اسين وري چڪر لئي نڪتاسين. شام جو ٽيمپلس پارڪ وياسين، وچ ۾ هڪ گول بزار هئي جتي هر قسم جا ڪاڌي جا اسٽال هئا. ميز ۽ ڪرسيون وڇايل هيون. جنهن بزار جو نالو هو "نيلوڪ آبو فوڊ سينٽر" جتي چيني، ملئي، انڊونيشائي، هر قوم جا ڌار ڌار اسٽال ڏڪون ۾ وراڻيل هئا جن کي جنهن قسم جو ڪاڌو کائڻو هجي سو انهن اسٽالن تي وڃي. اسين چانهه ۽ ڪافي وارن اسٽالن تي وياسين. جتي اوڏي مهل ڪاڙهي ۽ سٺي چانهه ٺاهي ڏنائون. چانهه پي تازا توانا ٿي، نڪتاسين ڪرٽ وياسين ٽيمپلس پارڪ ڏسڻ. ٽيمپلس پارڪ وڏو ڪامپليڪس آهي. جتي ڪيمرائون، واچون، جتيون، ريڊي ميڊ ڪپڙا، سونا زيور وغيره ملندا آهن، هي ۵ ماڙ بلڊنگ ڏاڍي سهڻي ۽ شاندار ٺهيل آهي. هيٺ ڪاڌي جا دوڪان آهن. هي ڪامپليڪس رات جو ۱۰ بجي تائين کليل هوندو آهي. پوءِ ٻپ ائيلين پنهنجي لاءِ شرٽس خريد ڪيون. ٻئي فلور تي ڪنهن دوڪان جو مهورت ٿيو ويو هو، جتي باقاعدي ميز تي طرح طرح جا ڪاڌا، بيئر، وسڪي، جوس وغيره پنهنجي مهمان کي پي ڏنائون، اهو دوڪان ڪنهن هندو سنڌي جو کوليو هو. سو اسان کي

قطار ٺاهي بيٺي رهيا. اسين به انهن سان وڃي بيٺاسين. جيئن جيئن ٽڪيٽون ڏيئي آيون تيئن سيڪو چڙهي ٻيهڙي ماڳ ٿي ويو. ٽاڄي ڏوڪ ڏوڪان، ٽاڄو گوڙ شور، سيڪو نمبروار ٻي چڙهيو. نيٺ اسان جو به وارو آيو ۽ اسين به ٽڪيٽي ۾ چڙهي رات جو ١١ بجي ٻيهڙي ماڳ پهتاسين. اتي سرڪار پيون به گهڻيئي وندر ورنهن ۽ پڪنڪ اسپاٽس ٺاهيا آهن. جيئن ٽورسٽ سينگاپور جو پورو آنند وٺن. جيئن ته هاربر جتي سمنڊ ۾ ٻيڙيون هلائڻ، شاهي گهاٽن ۽ ڊگهن وڻن جو پيارو سائيڪلن جو لطف ماڻڻ، گولف راند مئريٽم ميوزم Maritime Museum، پوني رائيڊنگ وغيره جو بندوبست ڏاڍو سٺو آهي.

٣١ تاريخ ڇنڇر ڏينهن مسٽر اجوڻ کي ٿورو ڪم هو. سو اسان پونم، پرديپ ۽ مان وياسين هاءِ اسٽريٽ جو چڪر هڻڻ ۽ لعلواڻي ويو، مسٽر رامچند ۽ مسٽر روپچند ڏانهن موڪلائڻ. اتي هاءِ اسٽريٽ ۾ ڪافي وڏا شاهي ڊپارٽمينٽل اسٽورس آهن. ڪجهه ٿوري گهڻي شاپنگ ڪئيسين. رانجنا (منهنجي پيو نمبر ڌيءَ) تنهنجي ٻارن سنيل ۽ پريا لاءِ سروج (پونم) پنهنجي ڪڪين پينا ۽ شرميلا لاءِ ڪئي. ٽائيم جي خبر ئي ڪونه پيئي. اڃا ٢ لڳا. هڪ پنجابيءَ جي هوٽل ۾ گهڙي وياسين. هتي هوٽلون ڏاڍيون سهڻيون ۽ صفا آهن. لعلواڻيءَ کي فون ڪيوسين ته اسين هن هوٽل ۾ آهيون اچو ته گڏجي لنچ کائون. لعلواڻيءَ چيو ته مسٽر

Fountain هو.

۷-۳۰ بجي کان ۹-۳۰ تائين ٣ ڪلاڪ جو پروگرام ٿيندو آهي. اُتي ڊاڪٽ وانگر ٿلها ٿلهيل هئا جن تي بينچ رکيل هئا. سامهون وڏو ڇاڄي اُڀو لڳل هو. اسين وڃي بينچن تي ويٺاسين. هي ڪاٺ اُڀو آهي سينگاريل ۽ ڏورِي هٿي پر هتي ڇگي اڌ محسوس پئي ٿي. ۱۰ منٽن ڪانپوءِ چيني سنگيت شروع ٿيو. سماني راڳ ۽ مڌر سنگيت، عجيب پئي آيو. آهستي آهستي سامهون منچ تي ڇاڄيون چمڪيون. تن سان گڏ ڏاڙهيون، ساڙهيون، پيليون لائيٽس ور وڪڙن ۽ سنگيت تي ناچ ڪرڻ لڳيون. ڪنهن مهل ته نظر تي سمجهيوسين ته سڀ ڪري، سڀڻي لار لال ني نهي رهي آهي. سنگيت سان گڏ هڪ هتي اُڀندڙ لائيٽس ڏاڍو آنند ٿي ڏنو. اهي لائيٽس ڪنهن مهل ناچ جو پرم تي پيدا ڪيو، جڻ ته گل ڦل ٿريا پيا اهن. ۳۰ منٽ او ڇانيءَ لئي اُهي لهرون نئي وانيون. اهي سنڌ لهرون اٺام پري ڪان ٿي ڏسڻ ۾ اينديون آهن. هزار ماڻهن جي وهڻ جو بندوبست ٿيل هو. اهو پروگرام ڏسي واپس "رسا فود اسٽالس" تي آياسين. ۽ پيٽ پوڄا ڪري پوءِ ڪندا اچي Monorail مونو ريل ريلوي اسٽيشن تي پهتاسين. جتي اڌيڙن ڏاڙن جي ٽرين پئي آئي وئي. تنهن ۾ چڙهي اچي ل تي پهتاسين. سمنڊ ۾ ٻيڙيون بيٺيون هيون اُن ۾ چڙهي اچي پليٽفارم ۾ لٿاسين. هال لنگهي ٻاهر نڪتاسين. سڀ مسافر

انڊيا مان آيا آهن جنهن شري گرو گرنٿ صاحب سنڌيءَ ۾ ڪيو آهي. اُن سان اچي گڏجو. اڳم سنڌي انسوسيئيشن جو پردان مسٽر رامچند هو ۽ هيڊ مسٽر روپچند آهي. اسين صبح جو ١٠ بجي اُتي پهتاسين. ڪمپائونڊ ۾ ڀولٽي ڀوڄن لاءِ ڀوڄن ٻي تيار ٿيو. دالان لتاڙي هڪ هال ۾ پهتاسين جتي ڪرسيون ۽ ميزون پيٺيون هيون. ڏاڪڻ مٿي چڙهي، سهڻي مندر ۾ پهتاسين. جتي مسٽر رامچند آساديوار ڏاڍي مٺي ۽ مڌر سر ۾ ورتي ڪئي. اسين به گرو گرنٿ صاحب کي مٿو ٽيڪي وڃي ويٺاسين. هال چڱو وڏو هو. جڏهن ڀڄن ڀاڳ پورو ٿيو ته مسٽر روپچند اسانجي سواڳت ڏني. ڪيترن اسانجو ٿالو ٻڌو هو. تنهن ڪانپوءِ لعلواڻيءَ کي ڳالهائڻ لاءِ چيائون. لعلواڻي مسٽر روپچند ۽ مسٽر رامچند جا شڪرانا مڃيا جن اسان کي اهڙو موقعو ڏنو سنڌي سان ۽ اهڙو سهڻو مندر ڏيکارڻ لاءِ.

سنڌي انسوسيئيشن جو سيڪريٽري مسٽر ٻي. جي ڪيماڻي، مسٽر سي. وي ٻوسرام، مسٽر ارجن ڏاسواڻي ۽ ٻيا گهڻيئي پاڻ ۽ پيٽر اچي گڏيا. هيٺ هال ۾ ڀولٽي ڀوڄن ڪيوسين ۽ يادگيريءَ لاءِ فوٽا ڪڍياسين. مسٽر رامچند چيو ته منهنجو گهر پرسان آهي اُتي هلو. پر مسٽر سي. وي ٻوسرام ضد ٻڌي بيٺو ته منهنجي گهر هلو. اسين سندس ڪار ۾ چڙهي سندس گهر جي پاڻين سان گڏياسين. هن ايريا ۾ گهڻو ڪري سيٺي سنڌي واپارين جا سهڻا سهڻا بنگلا ٺهيل هئا. ٣ بجي

روپچند چڙهي نٿو چوي ٿو ته هتي مون سان گڏ لنچ کائو. خير اسين ماني کائي ٻاهر نڪتاسين، ۽ اچي پلازا وٽ پهتاسين ته لعلواڻي به اچي پهتو. اڄ پڇاڙيءَ جو ڏينهن هو سنگاپور ۾ سو ٽئڪسي ڪري وياسين ٽائيگر بام گارڊن ڏسڻ. ٽائيگر بام ۽ ٽائيگر آئل سنگاپور جا ڏاڍا مشهور آهن. هر ڪنهن سور لاءِ مفيد آهن. منهنجي پيٽ جلڻ ۾ سنگاپور مان ايندي آهي ته آهي سڀني لاءِ ضرور ڪٺي ايندي آهي. ٽائيگر بام گارڊن ۾، اُن ڪمپني ٺهرايو آهـي. ٽئڪسي اچي سهڻي رنگبرنگي پٿرن سان ٺهيل گيٽ وٽ بيٺي. دروازي کـان اندر گهڙڻ سان چاڙهـي چڙهي هئي. ٿوري چاڙهي چڙهڻ ته مونکي اچي سهڪي ۽ تڪليف ٿي ته مان ۽ لعلواڻي ٻئي هيٺ ويهي رهياسين. پوءِ پيپ ۽ سروج سڄو گارڊن گهمي، جام فوٽا ڪڍي آيا. سڄو گارڊن سهڻن رنگبرنگي پٿرن سان سينگاريل هو. ۽ اسان لاءِ جوس وغيره به وٺي آيا. اتي ڪٿي به ڪو پڪنڪ اسپاٽ هجي تـه، ڪاڏي پيٽي جـو جوڳو بندوبست ڪندا آهن. اسين وري ٽئڪسي ڪري اچي پنهنجي هـوٽل ۾ پهتاسين. جو ٻئي ڏينهن اسانکي بامبي وڃڻو هو.

ٻئي ڏينهن ۱ اپريل آرتوار جو ڏينهن هو. مسٽر روپچند، ليٽرس ٽائيپ ڪري سڀني سنڌين کـي موڪليا هئا ته جيڪو هن جو سنڌي مندر ٺهندڙ آهي- سنڌي اسوسيئشن، پاران، ته اڄ مسٽر چينانند لعلواڻي ۽ سندس ڌرمپتني ۽ ٻار

۾ ٻهڪاسين. پريان سورج جو گهوٽ راجا چندرو ۽ سندس اٺي ڏهين پينا، شرميلا رنجنا ۽ سندس ٻار سنيل ۽ پريا متي پيتا هئا. دل ته ڏاڍي ٿي ته ڊوڙي وڃون ٻارن کي گڏجان. جيتوڻيڪ صرف ۲۰ ڏينهن ٻاهر هواسين. ڪسٽم مان واندا ٿي ٻاهر نڪتاسين ۽ چندرو جي ڪار ۾ چڙهي اچي پنهن جي مٺڙي گهر پهرا ٿياسين. هٿ منهن ڌوئي اچي پنهنجي پلنگ تي ليٽياسين، سمجهيم ته ڄڻ هيترا ڏينهن مون ننڊ ڪانه ڪئي آهي. ڪيترو نه ڪٺي ٻاهر جي دنيا ڏسجي، گهمجي، پر پنهنجو ديس ۽ پنهنجي گهر جهڙو آنند ۽ مزو ڪونه محسوس ڪندا. چوندا آهن ته پنهنجو گهر، گروءَ جو در.

(سماپت)

کن چانهه پي مسٽر پرسرام جو ڪڪو اسانکي ڪار ۾ ڪٽونگ Katung مارڪيٽ ۾ وٺي هليو. هيءَ مارڪيٽ به ٻه ماڙ جي هئي. اٿي به ڪپڙا، اليڪٽرانڪس، واچون، غاليچا ۽ گهر جون شيون رکيون هيون. اسين چڪر هڻي ٽئڪسي ڪري ٥ بجي هوٽل ۾ اچي پهتاسين. جو ٦ بجي اسانکي ايئرپورٽ وڃڻو هو. ناشتو ڪري هيٺ لٿاسين، ويٽر سامان کڻي آيو. حساب ڪتاب چڪتو ڪري اچي ايئرپورٽ تي پهتاسين. جتان ٨ بجي اچي جهاز ۾ چڙهياسين. لوهانکي ٽوري ۾ اٿي جي ڏٺن جي باري ۾ ٻڌايان.

لغڙن جو ڏڻ پونگل. ٿائي پوسم. هيءَ ڏڻ مدراسين هندن جا آهن. مندرن ۾ ويندا آهن ۽ لڪشمي، شوپاربتي ۽ ٻين ديوتائن جي پوجا ڪندا آهن. چيني نئون سال. مانڪي گاڊ Monkey God. غريبن جو ڀڳوان، ٻڌ جينتي، گڊ فرائيڊي، ٽئين شهزادي جو جنم جو ڏينهن ويساک ڏينهن، رمضان، ٻرگون پوٽ، رنگين ٻن مان مانڪرمچهه ٺاهيندا آهن جنهن جي وات مان باهه جا الا نڪرندا ڏيکاريندا آهن. ڏياري، هولي، ڪرسمس ۽ ٻيا به گهڻيئي ڏڻ ڪل ٢٧ آهن.

١ اپريل جي صبح جو اچي ايئرپورٽ لسي پهتاسين، سامان تورائي اچي لفطسانا هوائي جهاز ۾ پنهنجين سيٽس ڀيرا ٿياسين. ٢ تاريخ جهاز اچي بامبي ايئرپورٽ تي پير ڪوڙيا. هئنڊ بئگس کڻي اميگريشن مان لنگهي اچي ڪسٽم

٢٦. ڏلوان جي ڏيڍ سندر ھمٿراه " ۴.٥٠
٢٧. ھڪ اک ۽ پيار " ٢.٠٠
٢٨. دشمن دلمون سندر ھمٿراه اوجو ۴.٠٠
٢٩. ناجائز ناتا " ٦.٠٠
٣٠. واٽ جون راھون " " ٨.٠٠
٣١. زندگي بهار وهنا ٢ ڀاڱا " " ٨.٠٠
٣٢. معصوم مڪڙيون " ٢.٠٠
٣٣. نئين ليکڪا " " ٣.٠٠
٣٤. گناهن ڀري گوري " " ٣.٠٠
٣٥. ديوتا روئي ڏنو " " ٥.٠٠
٣٦. الوکي پراسرار شري لورمت سهاڻي ١.٥٠ " ٢.٠٠
٣٧. لڪل راز رام هنگوراڻي " ٨.٠٠
٣٨ پراسرارجي راه الوکي ڪشنچند ناگراڻي " ۴.٠٠
٣٩. پکوان پکيس جي وس ۾ " ٨.٠٠
۴٠. سونهن جو سوداگر گوبند مالهي ٣.٥٠ " ۴.٠٠
۴١. نون مان هوء " ١٠.٠٠
۴٢. پرهر بنا پوان جيتانند لعلواڻي " ٥.٠٠
۴٣. امرلعل جي جنم ساکي " " ٥.٠٠
۴۴. امر شهيد پکيس ڪنورام " ٥.٠٠
۴٥. هاديء جا ڳچهه ١٠.٠٠
۴٦. پکيس مالا ڀاڱو (١) ٧.٠٠
۴٧. سماج جو شڪار ٨.٠٠
۴٨. سڳنڌ پرپون اگرٻتون سوامي ڪرشنانند ۴.٠٠
۴٩. هر بيماريء لاء سنجيوڻي ٨.٠٠
٥٠. جيون جون سهڻون ڪهاڻيون ٨.٠٠
٥١. ڪمبر جي جيون جون وارتائون ٨.٠٠
٥٢. ٻچڙان جي چال ترائي ٨.٠٠
٥٣. گهرو ڊاڪٽر ١٢.٠٠

ڀارت جيون جا ڪتاب خريد ڪري سنڌي

ساهتيہ کي زنده رکو

١. آهو نئون زمانو پروفيسر رام پنجواڻي ٥.٠٠
٢. ليهڻا منهنجا لڙ ها 〃 ١٢.٠٠
٣. مايا جو موهه 〃 ٨.٠٠
٤. ڏيهر نہ جمن 〃 ٥.٠٠
٥. عجيب آڪاڻيون 〃 ٤.٠٠
٦. قيدي 〃 〃 ٥.٠٠
٧. ياد ڪندا 〃 〃 ٤.٠٠
٨. آلوڪا آزمودا 〃 〃 ١٠.٠٠
٩. وچتر واقعا 〃 ١٠.٠٠
١٠. لطيفا 〃 ١٠.٠٠
١١. ڇولڪڙيءَ جا گيت 〃 ٥.٠٠
١٢. ڀاڄي چونيون چندولال جئسنگهاڻي 〃 ١٠.٠٠
١٣. واڌو رام ساڌو رام جا ١٠ ڀاڱا هرهڪ ٢.٠٠ 〃 ٢.٥٠
١٤. دولت جو خون 〃 〃 ٥.٠٠
١٥. ان ان لن ناون ه 〃 ٥.٠٠ 〃 ٦.٠٠
١٦. ساڌنا جو خون 〃 〃 ١٠.٠٠
١٧. انسپيڪٽر ڀٽاڻيءَ لوڪ ڪهڻ جهليا 〃 ٥.٠٠
١٨. سيتا جو خون 〃 ٣.٠٠ 〃 ٣.٥٠
١٩. اليعا انڪر هوسٽيس جو خون ٥.٠٠ 〃 ٦.٠٠
٢٠. موليءَ جو موت 〃 ٢.٠٠ 〃 ٢.٥٠
٢١. مهاڀارت جو سار ١٢.٠٠
٢٢. مسوريءَ جي راڻي ١٠.٠٠
٢٢. فئملي ڊاڪٽر ٥.٠٠ ٽالي ٣.٠٠
٢٤. پڪمر ٢.٠٠ اديب ٦.٠٠
٢٥ رب جي رضا ٦.٠٠ جوڳي جادو لاهي ويا ٧.٠٠

٥٤. خوبصورت پار ڇلڻ جو راز ١٠-٠٠

٥٥ سوکيءَ سرائو غميءَ دانيا ٦-٠٠

٥٦ الفت جي آگ ايشوري جوتواڻي ٨-٠٠

٥٧ دنيا ديواني ٥-٠٠

٥٨ وچتر مطالب داسڻو نيملچند گرداساڻي ٦-٠٠

٥٩ امرت امرت لکمي کلناڻي ٤-٠٠

٦٠ چمڪندڙ ڏيوا الواڏڪ جمنالند لعلواڻي ٦-٠٠

٦١ زمين جا ديوتا ٥-٠٠ جسي راماڻي ٦-٠٠

٦٢ عرشي آڪاشون ٨-٠٠

٦٣ ڪرم يوگ سوامي وويڪانند ٥-٠٠

٦٤ شمش محل انواڏڪ دولت نهلواماڻي ٥-٠٠

٦٥ ڪومسايل ڪلي تارا ميرچنداڻي ٢-٥٠

٦٦ پوهمچورا مهاتما گانڌي ٥-٠٠

٦٧ سونهارو ڌاڪو (بلڪ جاسوس ٢-٠٠

٦٨ بلڪ جي ڊرگٽي ١-٥٠

٦٩ واجهولي ولڪ مل چندوا آڏواڻي ٤-٥٠

٧٠ سري آسادي وار ۽ ڇند (اومر سان) ٨-٠٠

٧١ نرملا لوس جو خون سشيلا لعلواڻي ١٠-٠٠

٧٢ جمالي اوٽ ٥-٠٠

٧٣ قسمت جو چڪو جهونو جوڳي ٨-٠٠

٧٤ قلم اوو ٻاهو جو هيري سان ٻوکو ٣-٥٠

٧٥ سازش ايشور پاروشي ٣-٠٠

٧٦ سوکهه سراو غمي دنيا مايا ٻالسي ٦-٠٠

٧٧ مالوءِ واڻي ٦-٠٠ ڊڪ پنجي ٤-٠٠

٧٨ ليباس لن جي من جي ٧-٠٠ ساهتيہ سروج ١٢-٠٠

٧٩ سندو لکو جي ديوي ٥-٠٠ راءِ ڪمل ٤-٠٠

٨٠ آدب ٦-٠٠

٨١ جنگ جا زخم ١٣-٥٠ همن جو ڪلام ٥-٠٠

NAGPAL K. S.
4, 'PALMYRA', 21st Road
BANDRA, BOMBAY-400 050

71

شريمتي سشيلا جي. لعلواڻي

هيءَ راجسٿان جي سمپادڪا آهي جا اخبار ١٩٦٠ کان باقاعدي هلي رهي آهي. هن سفرنامي جي ليکڪا آهي.

هيءَ سندس سفرنامو يورپ، لنڊن، آمريڪا، ڪئناڊا، بئنڪاڪ، سنگاپور، هانگ ڪانگ تي لکيل وڻندڙ ۽ وندرائيندڙ آهي.

شريمتي پروميلا ڪلهاڻ، (انگريزي هندستان) اخبار جي عيوضي سندس باري ۾ لکي ٿي:-

شريمتي سشيلا جي. لعلواڻي ڇهن ٻارن جي ماءُ آهي. هن ڪيترائي جاسوسي ناول ”پوپٽ سيريز“ جا لکيا آهن. جي پڙهندڙن کي ڏاڍا وڻيا آهن. هو سنڌي ٻوليءَ ۾ ڄڻ ڪٿي ته اگاٿا ڪرسٽي انگريزي ٻوليءَ جي مشهور جاسوسي ناول لکندڙ آهي. ليکڪا سان گڏ سٺي گهرڌياڻي به آهي. هوءَ پنهنجي گهوٽ شري چندر لعلواڻي جي ٻانهن ٻيلي آهي. هن سنڌي ۾ شري گرو گرنٿ صاحب ۽ ٻيا ڌرمي ڪتاب ۽ هزارين سنڌيءَ ۾ ناول ۽ ٻيا ڪتاب ڇپيا آهن.

شريمتي سشيلا لعلواڻي هميشه خوش مزاج رهندي آهي. ساهتيه سان گڏ هوءَ سماج جي سيوا به ڪندي آهي. ريگيولر پارٽ جيون ۾ استري سنسار ۽ ڪلچرل پروگرامن ۽ فلمن تي به لکندي آهي.